
# سرسو

ميگزين

جنوري _ ڊسمبر 2025 ع

ڀهراڙي جي ترقي ۾ اوهان جو مددگار ادارو



مُک موضوع

سرتيون سنگ هنري

نمائشون 2025

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن

اهي ماڻهون جيڪي الله تي يقين رکن ٿا ۽ معاشري جي ڀلائيءَ
جا ڪم ڪن ٿا، انهن لاءِ انعام آهي (القرآن)

ڏکي توءِ ڏڪار، توڙي وسن مينهڙا
پورهيئي هٿ سڪار، تو وس آهن هٿڙا
( شاهه لطيف )

# سرسو
ميگزين


جنوري _ ڊسمبر 2025ع



**چيف ايڊيٽر**
نويد اسحاق ميمڻ

**ايڊيٽر**
آصف علي

**اسسٽنٽ ايڊيٽر**
علي انور آزاد

**ايڊيٽوريل بورڊ**
شازيه زبير
زبير سومرو
حفيظ بوزدار
عبدالمنان چاچڙ
محمد اڪرم شيخ

**ڪمپوزنگ ۽ لي آئوٽ**
بخت علي ابڙو

**فوٽوگرافي**
محمد حنيف هنگورو ۽ زاهد علي


## سٿاءُ


- ايڊيٽر پاران ..... 2
- چيف ايگزيڪيٽو آفيسر سرسو جو پيغام ..... 3
- ترقياتي ڳالهه ٻولهه ..... 4
- مک موضوع ..... 7
- سرسو عمل ۾ ..... 12
- سرسو جا مهمان ..... 21
- تعليم ۽ تربيت ..... 25
- پائيدار جياپو ۽ ترقي ..... 28
- سرسو جون سرگرميون _ تصويرن جي آئيني ۾ ..... 29
- ڪاميابيءَ جون ڪهاڻيون ..... 35
- سرسو جا منصوبا _ تعارف ..... 41
- نيوز اسٽوريز ..... 44
- پيو رخ ..... 49
- سرسو ۽ ميڊيا ..... 51
- سرسو جون ڪاميابيون _ انگن جي روشني ۾ ..... 59



**رابطي لاءِ ڏس پتو**
مانيٽرنگ،ايويليشن ۽ ريسرچ يونٽ
سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو)
سرسو ڪامپليڪس ، شڪارپور روڊ، سکر
(سنڌ)
فون : 071-56271820
فيڪس : 071-5627182-111
ويب سائيٽ : www.srso.org.pk
اِي ميل : info@srso.org.pk



**ڇپيندڙ** فائن آرٽ پريس
موچي بازار سکر
0345-3880007



هيڊ آفيس: **سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو)**
سرسو ڪامپليڪس، شڪارپور روڊ، سکر (سنڌ)

# ايڊيٽر پاران

ڇهه ماهي سرسو ميگزين سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) جي قيام 2003ع کان وٺي سنڌ جي ٻهراڙي ۾ سماجي جاڳرتا پيدا ڪرڻ، ڳوٺاڻي ترقي ۾ واڌارو آڻڻ ۽ ڪميونٽي تنظيمن جي مضبوطي لاءِ باقاعدگي سان شايع ٿي رهيو آهي. هي ميگزين سرسو، ڪميونٽين ۽ مقامي تنظيمن جي وچ ۾ رابطي جي هڪ مضبوط ڪڙي طور ڪم ڪري ٿو. جنهن جي ذريعي ڪين سرسو جي سرگرمين، منصوبن ۽ ڪاميابين بابت ڄاڻ ملي ٿي ۽ اهي ان مان ڀرپور لاڀ حاصل ڪري سگهن ٿا. ان ڪري هر شماري ۾ لاڳاپيل ۽ اهم مواد چونڊي بهتر انداز ۾ پڙهندڙن آڏو پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي.

هي شمارو به ان ئي مقصد کي سامهون رکي تيار ڪيو ويو آهي. هن ڀيري سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) جي اهم شعبي هنري ڪاروبار جي ترقي (Craft Enterprise Development _CED) پاران 2025ع دوران منعقد ڪيل "سرتيون سنگ" هنري نمائشن کي مک موضوع طور شامل ڪيو ويو آهي. ان سلسلي ۾ منعقد ٿيل 16هين ۽ 17هين ميگا نمائشن جي تفصيلي رپورٽ پيش ڪئي وئي آهي، جنهن جو مقصد سرسو جي اهم ڪم بابت ڄاڻ ڏيڻ سان گڏوگڏ ڳوٺاڻي هنرمند عورتن جي شاندار هنر کي منظر عام تي آڻڻ آهي.

ترقياتي ڳالهه ٻولهه واري حصي ۾ تازو محترم بلاول ڀٽو زرداري (چيئرمين پاڪستان پيپلز پارٽي) جي سنڌ حڪومت جي سهڪار سان لاڙڪاڻي ضلعي ۾ تعمير ٿيندڙ پڪن گهرن جي دوري ۽ منظم ڳوٺاڻي عورتن سان ملاقات دوران ٿيل ڳالهه ٻولهه شامل ڪئي وئي آهي. اها هڪ اهم وزٽ هئي، جنهن دوران هن ڳوٺن جو دورو ڪري عورتن سان سڌي ملاقات ڪئي ۽ انهن جا خيال ۽ مسئلا ٻڌا. جڏهن ته ٻئي ڳالهه ٻولهه ۾ سنڌ جي ساڃاهه وند دانشورن ۽ عورتن طرفان سنڌ جي ترقي ۾ ڳوٺاڻي عورت جي ڪردار بابت ڪيل مڪالمو شامل آهي.

ڳوٺاڻي آبادي کي پائيدار جياپو مهيا ڪرڻ جي حوالي سان شامل مضمون سايون ڀاڄيون پوکڻ بابت بنيادي ڄاڻ فراهم ڪري ٿو، جنهن سان گهريلو سطح تي غذا ۽ خوراڪ جي صورتحال ۾ بهتري سان گڏ آمدني ۾ به اضافو آڻي سگهجي ٿو. جڏهن ته تعليم ۽ تربيت واري حصي ۾ هن دور جي وڏي للڪار موسمياتي تبديلي بابت سنڌ، پاڪستان ۽ عالمي طور جوڙيل قانوني ڍانچي تي روشني وڌي وئي آهي ۽ پڙهندڙن کي پنهنجي ذميواري ادا ڪرڻ لاءِ همٿايو ويو آهي.

سرسو جي مختلف منصوبن جي اهم ڪاميابين کي ڪامياب ڪهاڻين جي صورت ۾ پيش ڪيو ويو آهي. اهي ڪهاڻيون ڳوٺاڻي ترقي، عورتن جي بااختياري ۽ غربت گهٽائڻ جي ڪوششن ۽ انهن جي مثبت اثرن کي نمايان ڪن ٿيون.

ان کان علاوه ميگزين ۾ سرسو عمل ۾، سرسو کي وزٽ ڪندڙ، سرسو جا منصوبا، نيوز اسٽوريز، ٻيو رُخ، سرسو ۽ ميڊيا ۽ سرسو جي پهچ (انگن اکرن جي روشني ۾) جهڙا ريگيولر سلسلا به شامل آهن، جيڪي پڙهندڙن کي اهم ۽ ڪارائتي معلومات فراهم ڪن ٿا.

آخر ۾، سرسو ميگزين کي سهيڙي توهان سيني آڏو پيش ڪرڻ ۾ ڪردار ادا ڪندڙ سيني ساٿين جا ٿورائتا آهيون. اميد آهي ته هي شمارو هيٺين سطح تي ڪم ڪندڙ ڪميونٽي ادارن کي وڌيڪ سگهارو ڪرڻ ۽ ڳوٺاڻي ترقي جي ڪوششن کي اڳتي وڌائڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندو.

ٿورائتو

**آصف علي**

مئنيجر ڪميونيڪيشن سرسو

# سرسو-چيف ايگزيڪٽو آفيسر جو پيغام

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) هميشہ کان سنڌ جي ڳوٺاڻين عورتن کي بااختيار بڻائڻ لاءِ پرعزم رهي آهي. اسان جو يقين آهي تہ جڏهن عورتن کي موقعا، مهارتون ۽ وسيلا فراهم ڪيا وڃن ٿا تہ اهي نہ صرف پنهنجي زندگي بهتر بڻائين ٿيون پر پنهنجي خاندانن ۽ پوري سماج جي ترقي ۾ بہ اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون.

سرسو مختلف پروگرامز ۽ منصوبن وسيلي ڳوٺاڻين عورتن جي هنرن خاص ڪري، ڪڙهائي، اجرڪ سازي، رلي ٺاهڻ، هٿ جي ٺهيل شين ۽ ٻين روايتي هنر ۾ تربيت فراهم ڪري رهي آهي. انهن هنر ن کي ڪاروباري صورت ڏيڻ لاءِ اسان عورتن کي ڪرافٽ انٽرپرائيز ذريعي مالي سهائتا، مارڪيٽ تائين پهچ ۽ ڪاروباري رهنمائي مهيا ڪريون ٿا تہ جيئن هو پنهنجي هنر کي آمدني جو ذريعو بڻائي سگهن .

ان مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ سرتيون سنگ ڪرافٽس انٽرپرائيز آئوٽ ليٽ ۽ ميگا هنري نمائشون اهم ترقياتي قدم شروع ڪيا ويا آهن، جيڪي عورتن جي هنرن کي مارڪيٽ تائين پهچائڻ ۽ سنڌن شهري مارڪيٽ تائين رسائي کي ممڪن بڻائين ٿا. جڏهن تہ هنرمند عورتن جا گڏيل ڪاروباري ترقياتي گروپ (Business Development Groups_BDGs)عورتن کي گڏيل سکيا، ڪاروبار ۽ مسئلا حل ڪرڻ جي لاءِ اهم پليٽ فارم مهيا ڪن ٿا.

سرسو پاران عورت ڪاريگرن جي سهائتا سان نہ رڳو انهن جي معاشي حالت ۾ بهتري اچي رهي آهي پر سنڌ جي ثقافتي ورثي کي وڌائڻ ۽ محفوظ رکڻ ۾ مدد ملي رهي آهي. اسان جي ڪوشش آهي تہ سنڌ جي هنر کي مقامي توڙي عالمي مارڪيٽن تائين پهچايو وڃي، جتي عورتن جي هٿن سان ٺهيل شين کي سڃاڻپ ۽ قدر ملي سگهي.

اسان سڀني هنرمند عورتن کي سلام پيش ڪريون ٿا جيڪي پنهنجي هنر، محنت ۽ عزم سان نئين اميدن جا در کولين ٿيون .سرسو مستقبل ۾ بہ عورتن جي با اختياري، معاشي خودمختياري ۽ باوقار زندگي لاءِ پنهنجون ڪوششون جاري رکندي.

توهان جي ترقي واري سفر جو ساٿي

**محمد ڏتل ڪلهوڙو**

چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر
سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن(سرسو)

ترقياتي ڳالهه ٻولهه

# محترم بلاول ڀٽو زرداري چيئرمين پاڪستان پيپلز پارٽي جي پڪن گهرن جي مالڪ عورتن سان گڏجاڻي



لاڙڪاڻو/ مارچ 30، 2025

سنڌ ۾ آيل مها ماحولياتي ٻوڏ 2022ع جي متاثر ٿن ڳوٺاڻن لاءِ هن سال عيد الفطر واري رات وڏي خوشيءَ جو باعث بڻي، جڏهن پاڪستان پيپلز پارٽي جو چيئرمين محترم بلاول ڀٽو زرداري ۽ چونڊيل نمائندا سنڌن جي ڳوٺ ۾ پهتا ۽ سنڌ حڪومت جي مالي مدد سان سنڌ پيپلز هائوسنگ فار فلڊ افيڪٽيز (ايس پي ايڇ ايف) هيٺ ساٿي تنظيم سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) جي شراڪتداري سان تعمير ٿيندڙ محفوظ گهرن جو دورو ڪيو. هي دورو ڳوٺ الهورايو سولنگي (يوسي ڳڙهي خدابخش)، سوني فقيراڻي (يوسي سعيدو ديرو) تعلقو رتو ديرو ۽ ملوڪ کهڙو (يو سي لنڊ) ضلع لاڙڪاڻي ۾ ڪيو ويو. محترم چيئرمين دوري دوران تعمير ٿيندڙ گهرن جو گهر گهر وڃي معائنو ڪيو. گهرن جي مالڪ عورتن سان مليا ۽ تعمير ٿيل گهرن جو افتتاح پڻ ڪيو. پاڻ انهيءَ موقعي تي فائدو حاصل ڪندڙ ۽ ڳوٺاڻي تنظيمن جي عورتن سان تفصيلي ڳالهه ٻولهه پڻ ڪئي. سرسو جو چيف ايگزيڪيٽو آفيسر محترم محمد ڏتل ڪلهوڙو، ٽيم ليڊر ايس پي ايڇ ايف سڪندر صنم، ريجنل جنرل مئنيجر اسد علي جتوئي ڊسٽرڪٽ مئنيجر سلطان احمد چانڊيو ۽ ٻئي سرسو ٽيم پڻ گڏ هئي.

ان موقعي تي ڳوٺ الهواريو سولنگي ۾ سرسو جي ڳوٺاڻين تنظيمن (Village Organizations_VOs)پاران منعقد ڪيل ڳالهه ٻولهه ۾ شرڪت ڪئي، ۽ عورتن جي مسئلن، ڪميونٽي جي ترقياتي ضرورتن ۽ خاص طور تي گهرن جي تعمير ۾ پيش ايندڙ مسئلن ۽ آيل تبديلي تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي. ڳوٺاڻي تنظيم جي صدر چيئرمين صاحب کي ڀليڪار ڪندي خوشي جو اظهار ڪيو ۽ آيل ڏکيائين بابت کيس آگاهه پڻ ڪيو گڏوگڏ تنظيم پاران سرسو، ٻين سهڪاري ادارن ۽ پنهنجي مدد پاڻ تحت ڪميونٽي ترقي جي حوالي سان ڪيل ڪم پڻ ٻڌايا ۽ اهم ترقياتي مسئلن بابت پڻ کيس آگاهه ڪيو. جڏهن ته ڳوٺ ۾ تعمير ٿيندڙ محفوظ گهرن جي صورتحال پڻ پيش ڪئي. ڪيل ڳالهه ٻولهه ۾ کيس ٻڌايو ويو ته هنن ڳوٺن ۾ 224 گهرن مان 88 گهر مڪمل تعمير ٿي چڪا آهن.

ڳوٺاڻي تنظيم جي عورتن پنهنجي ڪاميابيءَ جون ڪهاڻيون پڻ ٻڌايون ۽ چيو ته ”2022 واري ٻوڏ سنڌن روزاني زندگي ۽ روزگار کي ختم ڪيو ۽ خاندان دربدر ٿيا. گهر جيڪي وڏي محنت ۽ تڪليفن سان ٺهرايا هئاسي ڊهي پَٽُ ٿي ويا. سنڌ حڪومت ۽ سرسو جو ٿورو مڃيون ٿا ته اهي هن ڏکي وقت ۾ اسان سان گڏ رهيا ۽ ڀرپور مدد ۽ رهنمائي پڻ ڪئي آهي.“ محفوظ گهرن جي تعمير جي حوالي سان عورتن ٻڌايو ته ” اسان کي ڏاڍي خوشي آهي جو گهرن جي تعمير سان اسان محفوظ گهرن ۾ رهي رهيون آهيون ۽ اسين انهن جون مالڪاڻيون پڻ بڻيون آهيون. اسين پاڻ کي وڌيڪ محفوظ سمجهون ٿيون ۽ يقين آهي ته ايندڙ ڪنهن به قسم جي آفت ۾ ٻيهر بي گهر ڪونه ٿينداسين ۽ دربدر جو درد نه سهنديون سين.“

محترم بلاول ڀٽو زرداري تنظيم جي منظم ۽ سگهارين عورتن جي جذبي، همٿ ۽ ڪوشش جي تعريف ڪئي ۽ خوشي جو اظهار ڪيو. هن چيو ته خوشيءَ جي ڳالهه آهي ”توهان تنظيمون جوڙي ڳوٺاڻي ترقي، پنهنجي حقن توڙي غربت جي خاتمي جون ڳالهيون ڪري رهيون آهيو.“ پاڻ ڳوٺاڻين عورتن جي گهرن جي تعمير ۾ سرگرم ڪردار ادا ڪرڻ جي به واکاڻ ڪئي ۽ چيو ته ” سنڌ حڪومت جو اهو پڪو پهه هو ته هوءَ آيل ٻوڏ سبب متاثر گهراڻن سان تڪليف ۾ گڏ رهندي ۽ انهن جي ٻيهر تعمير ۾ پڻ مدد ڪندي، هي گهرن جي تعمير به ان واعدي جو هڪ حصو آهي.“ هن وڌيڪ چيو ته ” سنڌ حڪومت گهرن جي تعمير سان گڏوگڏ گهرن جي مالڪي جا حق پڻ ڏئي رهي آهي ۽ اهي گهر عورتن جي نالي ڪري رهي آهي، ته جيئن عورتن جا حق محفوظ رهن ۽ اهي سگهاريون ٿي سگهن. اهو خواب محترمه شهيد بينظير ڀٽو جو به هو. اسان محترمه جي ان خواب کي پورو ڪري رهيا آهيون.“

# ڳوٺاڻي ترقي ۾: ڪميونٽي عورت جو اڳواڻيءَ وارو ڪردار جي سري هيٺ عورت اڳواڻن سان سنڌ جي ساڃاهه وند دانشورن جي گڏجاڻي

سرسو ڪامپليڪس سکر/ ڊسمبر 10، 2025




ڳوٺاڻي ترقي ۾ : ڪميونٽي عورت جي اڳواڻيءَ واري ڪردار جي سري هيٺ سنڌ جي 8 ضلعن جي عورت اڳواڻن سان سنڌ جي ساڃاهه وند دانشورن جي ڳالهه ٻولهه سرسو ڪامپليڪس سکر ۾ تي گذري. ڳالهه ٻولهه ۾ سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) پاران عورتن کي سگهارو ڪرڻ ذريعي ڳوٺاڻي ترقي ۽ غربت گهٽائڻ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ جوڙيل ڪميونٽي ادارن ( ڪميونٽي آرگنائيزيشن، وليج آرگنائيزيشن ۽ لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن) جون عورت اڳواڻن شرڪت ڪئي ۽ پنهنجي ذاتي زندگي، گهر ۽ ڪميونٽي سطح تي حاصل ڪيل سماجي تبدلي ۽ ترقي جون اُتساهيندڙ ڪهاڻيون ٻڌايون. اها ڳالهه ٻولهه سنڌ جي نالي وارن ۽ مانائتن ليکڪن، دانشورن ۽ سول سوسائٽي جي اڳواڻن محترم اقبال ترين، ڊاڪٽر اعجاز ترڪ، محترم نصير ميمڻ ۽ ڊاڪٽر ايوب شيخ پاران سرسو جي دوري جي موقعي تي ڪئي ويئي. ڳالهه ٻولهه ۾ سکر، خيرپور ميرس، گهوٽڪي، شڪارپور، جيڪب آباد، ڪشمور، لاڙڪاڻو ۽ قمبر شهداد ڪوٽ ضلعن جي 60 کان وڌيڪ سرگرم عورت ڪارڪنن شرڪت ڪئي. جڏهن ته ڳالهه ٻولهه جي سهولتڪاري چيف ايگزيڪيٽو آفيسر_سرسو محترم محمد ڏتل ڪلهوڙو ڪئي.

عورت اڳواڻن ترقي ۽ تبديلي جي سفر ۾ آيل رڪاوٽن، ان کي منهن ڏيڻ ۽ نتيجي ۾ حاصل ڪيل اهم ڪاميابين ۽ اثرن جو ذڪر ڪيو. انهن ٻڌايو ته ڪهڙيءَ طرح انهن پنهجو پاڻ ۽ گهر جي ماحول کي تبديل ڪيو ۽ تنظيم جوڙڻ دوران ڪهڙين ڏکائين کي منهن ڏنو.






عورتن جي جوڙيل ڪميونٽي ادارن پاران سرسو، حڪومتي ادارن، چونڊيل نمائندن ۽ پنهنجي مدد پاڻ ذريعي عورتن جي حقن، غربت گھٽائڻ، تعليم، صحت، صفائي، گھرن جي تعمير، ٻوڏن دوران هنگامي امداد ۽ بحالي، هنري سکيا ۽ روزگار جي ترقي وارن شعبن ۾ حاصل شاندار ڪاميابيون ٻڌايون. انهن چيو تہ هاڻي سندن ڪردار ڪي عورت اڳواڻ طور گهر ۽ ڪميونٽي کان نڪري، يوسي توڙي ضلعي ۽ سنڌ سطح تي تسليم ۽ واکاڻيو پڻ وڃي ٿو.

سنڌ جي ساجاهہ وند دانشورن گڏيل طور عورتن جي اتساهيندڙ سفر کي ساراهيو، جيڪو اهي سنڌ جي ترقي جي حوالي سان پوئتي پيل ۽ قبيلائي اثرن وارن ضلعن ۾ هر سطح تي پيش ايندڙ ڏکائين جي باوجود موثر طريقي ڪري رهيون آهن. انهن عورتن سان ڳالهائيندي چيو تہ ”توهان ئي نئين سنڌ جي روشن مستقبل جي سگهاري اميد آهيو . توهان جي همت، جذبي، ٻڌي ۽ ڏاهپ کي سلام آهي “.نصير ميمڻ چيو تہ ” توهان کي ٻڌي اسان جو حوصلو وڌي ويو آهي. توهان جا خواب ۽ ڪوششون ئي سنڌ بدلائينديون. ان ڪري خواب ڏسڻ نہ ڇڏجو، انهن کي سنڀالي رکو ۽ انهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد جاري رکو “.

اقبال ترين چيو تہ ”اسان کي هميشہ سنڌ جون اڻ وڻندڙ ڳالهيون ٻڌائي مايوس ڪيو ويندو رهيو آهي، مگر توهان سان ملي، توهان جون ڪاميابيون اکين سان ڏسي ۽ اتساهہ ڏياريندڙ ڳالهيون ٻڌي هڪ سنو سرپرائيز مليو آهي. توهان ئي زندهہ ۽ چمڪندڙ سنڌ آهيو جنهن جو اسان خواب ڏٺو آهي “.ڊاڪٽر ايوب شيخ ڳالهائيندي چيو تہ ” توهان ئي نئين سنڌ جون سورميون آهيو. توهان سوچو ٿا، خواب لهو ٿا ، نا انصافين خلاف سوال اٿاريو ٿا ۽ انهن جي بهتري لاءِ ڪوششون پڻ ڪريو ٿا. “ ان موقعي تي ڊاڪٽر اعجاز ترڪ چيو تہ ” توهان کي ٻڌي اسان کي پڪ ٿي آهي تہ سنڌ وڌندي رهندي ڇو تہ سنڌ جي عورت وڌي رهي آهي. هتي انڌارو ناهي، توهان روشني جو ڪرڻو آهيو ۽ مون کي توهان ۾ سنڌ جو روشن مستقبل چٽو نظر اچي رهيو آهي“.

ان موقعي تي ڊاڪٽر عنايت ڪنڀ ۽ ڊاڪٽر الله جيوايو پڻ پنهنجي خيالن جو اظهار ڪيو ۽ سرسو ۽ ڪميونٽي ادارن جي عورت اڳواڻن جي سماجي تبديلي ۽ ترقي واري جذبي ۽ جدوجهد کي ساراهيو. انهن عورتن سان ڳوٺن ۾ صحت جي بهتري لاءِ ڪم ڪرڻ لاءِ پنهنجون رضاڪارانا خدمتون پڻ پيش ڪيون.





مُک موضوع

سرسو_ ڪرافٽس انٽرپرائيز ڊولپمينٽ شعبي پاران

# سورهين (16)سرتيون سنگ هنري نمائش 2025ع

اوشين مال، ڪلفٽن ڪراچي / جنوري 9، 10، 11 ۽ 12، 2025

نمائش ۾ سنڌ جي 14 ضلعن سان لاڳاپيل 3,545 هنرمند عورتن جي هنر جون شيون وڪرو لاءِ رکيون ويون.




سنڌ حڪومت جي توانائي ۽ ترقي ۽ رٿابندي جي صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه نمائش جو افتتاح ڪيو. جڏهن ته مقامي ادارن جي وزير محترم سعيد غني آخري ڏينهن نمائش جو دورو ڪيو.

رپورٽ: علي انور آزاد

مئنيجر سرسو ڪميونيڪيشن ۽ ڊاڪيومينٽيشن_ ايم اي آر يونٽ

هيڊ آفيس سکر

سرتيون سنگ ميگا ڪرافٽس نمائشون سنڌ جي ٻهراڙي جي هنرمند عورتن جو وڏن شهرن جي مارڪيٽ تائين رسائي ذريعي هنري ڪاروبار کي فروغ ڏيڻ جي مقصد سان ڪراچي جي مشهور ڪاروباري مرڪزن اوشين مال ۽ ڊولمين مال ۾ لڳايون وڃن ٿيون. هنن نمائشن ۾ سرسو جي ڪرافٽس انٽرپرائيز ڊولپمينٽ شعبي پاران سنڌ جي مختلف ضلعن ۾ جوڙيل شراڪتي ڪاروباري ترقياتي گروپن(BDGs) جي هنرمند عورت ميمبرن جون هٿن سان تيار ڪيل هزارين شيون وڪرو لاءِ رکيون وڃن ٿيون. سرسو پاران ڪراچي ۾ سال ۾ ٻه سرتيون سنگ نمائش منعقد ڪرڻ جو بنيادي مقصد ڳوٺاڻي هنرمند عورتن جي آمدني ۾ اضافو آڻڻ، هٿ جي هنر کي فروغ ڏيڻ ۽ ڪراچيءَ ۾ موجود ڪاروباري ڌرين سان مضبوط لاڳاپا قائم ڪرڻ آهي.

ڳوٺاڻي هنرمند عورتون سنڌ جي سماجي_ معاشي ترقي جي حوالي سان پوئتي پيل طبقي سان تعلق رکن ٿيون. جيڪي گهريلو سطح تي مختلف قسمن جو بي مثال هنري ڪم ڪري رهيون آهن. پر صحيح مارڪيٽ نه ملڻ ڪري سندن هنر،بهتر روزگار ۽ آمدني جو ذريعو نه بڻجي سگهيو آهي. سرسو انهن هنرمند عورتن جي هنرکي جديد مارڪيٽ جي ضرورتن مطابق بهتر ڪرڻ ۽ صحيح مارڪيٽنگ ڪرڻ لاءِ سهولتڪاري مهيا ڪري رهيو آهي. سرتيون سنگ هنري نمائش جا بيا اهم مقصد هي آهن:

- ٻهراڙي جي هنري ڪاروبارن (Rural Enterprises) خاص طور تي عورتن جي هنرن کي فروغ ڏيڻ، ته جيئن اهي پنهنجي ڪم کي ڪاروبار جي شڪل ۾ ترقي ڏئي سگهن.
- مقامي هنرن کي مارڪيٽ جي ضرورت مطابق بهتر ڪرڻ ۽ صحيح مارڪيٽنگ ڪرڻ ذريعي فروغ ڏيڻ.
- گهريلو سطح تي ڪم ڪندڙ عورتن جي هنري ۽ ڪاروباري سکيائن ۽ مهارتن کي وڌائي جياپي جا بهتر ذريعا پيدا ڪرڻ.
- هنرمند عورتن جو سڌوسنئون مارڪيٽ تائين رسائي ڪرائڻ ۾ مدد مهيا ڪرڻ.
- عورتن جي هنر کي مارڪيٽ ۽ خريدار جي ضرورت ۽ راءِ مطابق صلاحيتون بهتر ڪرڻ.
- هنرمندن جو مارڪيٽ، ڊزائينرن ۽ ڪاروبار ڪندڙن سان بهتر رابطا ڪاري پيدا ڪرڻ.

سنڌ جي توانائيءَ، رٿابندي ۽ ترقيءَ واري صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه اوشين مال ڪراچي ۾ چئن ڏينهن واري ”سرتيون سنگ ڪرافٽس“ نمائش جو افتتاح ڪيو. چئن ڏينهن واري اها نمائش سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) پاران سنڌ حڪومت ۽ ٻين ادارن جي سهڪار سان لڳائي وئي، جنهن ۾ سنڌ جي مختلف ضلعن مان 3,545 هنرمند عورتن جي هٿ سان ناهيل 10,000 مختلف شيون وڪري لاءِ رکيون ويون.



افتتاحي تقريب دوران صوبائي وزير سيد ناصر شاھ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ ”سنڌ حڪومت ۽ سرسو پاران غريب ۽ پوئتي پيل ٻهراڙين جي عورتن کي مالي طور پاڻيرو ڪرڻ لاءِ ڪيل ڪوششون ساراهہ جوڳيون آهن. هن اميد ظاهر ڪئي تہ مستقبل ۾ بہ سنڌ جي ٻهراڙين سان تعلق رکندڙ هنرمند ڳوٺاڻين عورتن جي ڀلائيءَ لاءِ ساڳئي جذبي سان ڪم جاري رکيو ويندو.“پريس کي خطاب ڪندي هن وڌيڪ چيو تہ ”اسان سيني کي پنهنجي پنهنجي علائقن ۾ عورتن کي درپيش مسئلن جي حل لاءِ عملي ڪم ڪرڻ گهرجي ۽عام ماڻهن جي زندگيءَ ۾ بهتر تبديلي تڏهن ئي ايندي جڏهن اسان سڀ سندن مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ گڏجي ڪوششون ڪنداسين. هن چيو تہ سنڌ جي هنرمند عورت ڪاريگرن کي اي ڪامرس ذريعي سڄي دنيا سان رابطو ڪرائڻ جون ڪوششون ڪيون پيون وڃن ۽ هن قسم جا منعقد ٿيندڙ پروگرام هنرمند عورتن توڙي مردن لاءِ اهميت وارا آهن. ان سان سنڌ جي هنرن جي سڀني کي خبر پوندي ۽ مختلف ثقافتن ۾ احترام پيدا ڪرڻ ۾ پڻ مدد ملندي.“

صوبائي وزير اهو پڻ چيو تہ سرتيون سنگ نمائش مقامي هنرمندن کي پنهنجي تيار ٿيل شين کي مارڪيٽ ۾ روشناس ڪرائڻ ۾ مدد ڏئي ٿي. اها حڪومت جي بہ ذميواري آهي تہ هنرمندن جي ڪم کي مڃتا ڏيون تہ جيئن هٿ جي هنر وسيلي شيون تيار ڪرڻ ۽ وڪرو ڪرڻ جو سلسلو هلندو رهي. صوبائي وزير نمائش کي ساراهيندي چيو تہ”هن قسم جي سرگرمين، ڳوٺاڻين هنرمند عورتن، دستڪاري ۽ سنڌ جي ثقافت کي هٿي وٺرائڻ سرسو جي هڪ بهترين ڪوشش رهي آهي. هن چيو تہ هنرمند پنهنجي سموري زندگي شاهڪار شيون تيار ڪرڻ لاءِ وقف ڪري ڇڏيندا آهن. پر وڏن شهرن جهڙوڪ ڪراچيءَ ۾ سندن ڪم کي گهٽ ساراهيو ويندو آهي ان هوندي بہ هي سرگرميون سنڌ جي هٿ جي هنرن کي روشناس ڪرائڻ جو وڏو وسيلو آهن.

سرسو جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر محمد ڏتل ڪلهوڙو افتتاحي تقريب دوران پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي چيو تہ”هن قسم جي نمائشن ذريعي سنڌ جي ٻهراڙين ۾ موجود هنرمند عورتن کي بهتر آمدنيءَ جا موقعا فراهم ڪرڻ لاءِ ڪوششون ونندا رهون ٿا. جيڪب آباد، ڪشمور، شڪارپور، گهوٽڪي، قمبر_شهدادڪوٽ، بدين، ٺٽو، خيرپور ۽ سکر جهڙن علائقن ۾ سرسو غريب عورتن کي هنري تربيت ڏني آهي ۽ بغير وياج ڪاروباري قرض مهيا ڪيا آهن تہ جيئن اهي عورتون پنهنجي پيرن تي بيهي مالي طور تي خود مختياري ٿي سگهن. هن چيو تہ مارڪيٽ ۾ موجود شين کان سندن ڪم کي الڳ ڪرڻ لاءِ اسان نوان رجحان متعارف ڪرايا آهن تہ جيئن مارڪيٽ ۾ ڪين وڌيڪ پذيرائي ملي ۽ هنرمند عورتن جي هٿ جي هنر وسيلي تيار ٿيل شين جي طلب ۽ وڪرو وڌي سگهي. مقامي ۽ بين الاقوامي خريدارن، وزٽ ڪندڙ ۽ ميڊيا سرتيون سنگ ڪرافٽس کي ساراهيو.

هن نمائش ۾عورتن تمام گهڻي دلچسپي ورتي چوتہ هن ۾ سنڌ جي ثقافت ۽ رهڻيءَ ڪهڻيءَ ۾ شامل روايتي شيون رکيون ويون هيون جنهن ۾سِبيل وڳا، ٽوڪريون، زيور، ڪپڙا، رَوا، ۽ شالون پڻ هيون، جن تي روايتي ڀرت ۽ ٽڪ جو ڪم ٿيل آهي.

افتتاحي تقريب جي موقعي تي ايم پي اي سعديہ جاويد ۽ شيرين مصطفيٰ ناريجو ۽ ٻيا پڻ موجود هئا.

نمائش جي آخري ڏينهن تي سنڌ حڪومت جي مقامي ادارن جي وزير محترم سعيد غني پڻ دورو ڪيو. جنهن ۾ پاڻ نمائش ۾ لڳايل سمورا اسٽال گهمي ڏٺا ۽ هنرمند عورتن سان ملاقات ڪئي. پاڻ هنرمند عورتن کان سندن هنر، وڪرو ۽ ان مان ٿيندڙ آمدني جا تفصيل معلوم ڪيا. صوبائي وزير هنرمند عورتن جي هنري مهارت ۽ ڪراچي ۾هٿ سان تيار ڪيل شيون پاڻ وڪرو ڪرڻ واري همت کي واکاڻيو ۽ هنرمند عورتن جي سماجي ۽ معاشي بهتري لاءِ ڪيل ڪوششن جي تعريف ڪئي. هن وڌيڪ چيو تہ سرسو کي سنڌ جي هنرن کي پوري پاڪستان ۽ دنيا ۾ ڏيکارڻ جي ضرورت آهي. اهو ڪم شاندار آهي. ان ذريعي سنڌ جي ثقافت اجاگر ٿيندي ۽ عورتن کي بہ محنت جو بهتر معاوضو ملندو. ان لاءِ سنڌ حڪومت ڀرپور سهڪار جاري رکندي.

### وزٽ ڪندڙ اهم شخصيتون

- سعديہ جاويد (ايم پي اي، پارليامينٽري سيڪريٽري ۽ ميمبر پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ) سنڌ حڪومت
- هالار منظور وساڻ ( ميمبر صوبائي اسيمبلي سنڌ)
- آذر اياز ۽ غلام مصطفيٰ ابڙو (ميمبر سرسو بورڊ)
- پروفيسر ڊاڪٽر تهمينہ منگن (وائيس چانسلر بيگم نصرت ڀٽو وومن يونيورسٽي)
- امر سنڌو ۽ عرفانہ ملاح ( ليڪڪ ۽ عورتن جي حقن جون ڪارڪن)
- ڊاڪٽر مقبول هاليپوٽو ( صدر سانا)
- بشير احمد بروهي (ڊي آءِ جي سنڌ پوليس)
- منور منياٽي (ڊائريڪٽر جنرل ايس ٽي اِي وي ٽي اي)



# 17هين سرسو- سرتيون سنگ هنري نمائش ڪاميابيءَ سان ڪراچي ۾ لڳائي وئي





## ميمبر سنڌ اسيمبلي ۽ صدر پاڪستان پيپلز پارٽي ( ليڊيز ونگ ) محترمہ فريال ٽالپر نمائش جو افتتاح ڪيو

### اوشين مال، ڪراچي | 5، 6 ۽ 7 ڊسمبر 2025 ع

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) سنڌ حڪومت ۽ ٻين ساٿي ادارن جي سهڪار سان 17هين سرتيون سنگ هُنري نمائش ڪراچي جي اوشين مال ۾ 5 کان 7 ڊسمبر 2025 ع تائين ڪاميابي سان لڳائي. ٽي ڏينهن جاري رهندڙ نمائش روزانو صبح 11 وڳي کان رات 11 وڳي تائين جاري رهي.نمائش جو بنيادي مقصد سنڌ جي ڳوٺاڻين هنرمند عورتن جي هٿ جي هنرن کي شهري مارڪيٽن تائين رسائي فراهم ڪري سندن روزگار کي هٿي ڏيڻ ۽ بهتر جياپي کي ٻيهر بحال ڪرڻ ۾ مدد مهيا ڪرڻ هو.

نمائش ۾ سرسو جي 14 ضلعن مان 6 هزار کان وڌيڪ ڳوٺاڻين هنرمند عورتن جون 7هزار کان وڌيڪ روايتي هٿ جي هنر جون شيون وڪري لاءِ رکيون ويون، جن ۾ ڪپڙا، سينگار جو سامان، ٽوڪريون، زيور ۽ روايتي پوشاڪ شامل هيون. انهن هنرن جي نمائش ذريعي سنڌ جي مالا مال ثقافتي ورثي کي بہ اثرائتي طريقي سان پيش ڪيو ويو.

نمائش جو افتتاح ميمبر سنڌ اسيمبلي ۽ صدر پاڪستان پيپلز پارٽي (ليڊيز ونگ) محترمہ فريال ٽالپر ڪيو. افتتاح ڪانپوءِ هن سمورن اسٽالن جو دورو ڪيو، هنرمند عورتن سان ملاقات ڪئي ۽ سندن فني مهارتن جي واکاڻ ڪئي. هن سنڌ حڪومت ۽ سرسو جي گڏيل ڪوشش کي ساراهيندي چيو تہ ڳوٺاڻين عورتن کي مارڪيٽ تائين رسائي ڏيڻ ۽ سنڌ جي ثقافت کي فروغ ڏيڻ انتهائي ضروري آهي. ان لاءِ سرسو جون هنري نمائشون اهم ڪردار ادا ڪري رهيون آهن. خوشيءَ جي ڳالھ آهي تہ ان حوالي سان سرسو کي سنڌ حڪومت جو ڀرپور سهڪار حاصل آهي.



ان موقعي تي صوبائي وزير رٿابندي ۽ ترقي جام خان شورو، پارلياماني سيڪريٽري رٿا بندي ۽ ترقي سعديہ جاويد، ڊپٽي ميئر ڪراچي سلمان عبدالله مراد، چيئر پرسن سرسو ناهيد شاھ دراني، سرسو بورڊ ميمبر ڊاڪٽر شيرين مصطفیٰ سميت ٻيا محترم مهمان پڻ موجود هئا.

سرسو جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر محمد ڏتل ڪلهوڙو چيو تہ اهڙيون نمائشون ڳوٺاڻين عورتن لاءِ آمدني جا بهتر موقعا پيدا ڪن ٿيون. ان لاءِ سرسو پنهنجن ڪم وارن 14 ضلعن ۾ هنرمند عورتن جا بزنس ڊولپمينٽ گروپس (BDGs) قائم ڪيا آهن، جنهن ۾ 6،000 کان وڌيڪ عورتون ميمبر آهن.

نمائش ۾ ڪراچي شهر جي رهواسين، ڪاروباري شخصيتن ۽ سرسو جي سهڪاري دوستن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ۽ هنرمند عورتن کان خريداري ڪري سندن همٿ وڌائي. ان سان گڏ سرڪاري ادارن، سول سوسائٽي، فنڪارن ۽ ميڊيا جي نمائندن بہ نمائش جو دورو ڪيو ۽ سرسو جي ڪوشش کي ساراهيو.

نمائش کي پرنٽ، اليڪٽرانڪ ۽ ڊجيٽل ميڊيا پاران وڏي پيماني تي ڪوريج پڻ ملي، جنهن ۾ افتتاحي تقريب، هنرمند عورتن، شرڪت ڪندڙن ۽ سرسو انتظاميا جا انٽرويوز وغيرھ شامل هئا.



## سرسو- سرتيون سنگ هُنري نمائشون 2014 کان 2025 تائين

| هُنري نمائش | تاريخ | هنڌ | افتتاح ڪندڙ |
|---|---|---|---|
| 01 هين سرتيون سنگ هُنري نمائش | 26-28 جنوري 2014 ع | اوشين مال ڪراچي | محترمه شرميلا فاروقي ( وزيراعليٰ سنڌ جي ثقافت بابت صلاحڪار) |
| 02 هين سرتيون سنگ هُنري نمائش | 1، 2 ۽ 3 فيبروري 2015 ع | اوشين مال ڪراچي | مير هزار خان بجاراڻي ( منسٽر ورڪس ۽ سروسز ڊپارٽمينٽ- سنڌ حڪومت) |
| 03 هين سرتيون سنگ هُنري نمائش | 5 - 7 جون 2015 ع | سنڌ ميوزم حيدرآباد | محترم آصف حيدر شاهه ( ڪمشنر حيدرآباد ڊويزن) |
| 04 هين سرتيون سنگ هُنري نمائش | 5 - 7 فيبروري 2016 ع | اوشين مال ڪراچي | ڊاڪٽر نفيسه شاهه ( ايم اين اي پاڪستان پيپلز پارٽي) |
| 05 هين سرتيون سنگ هُنري نمائش | 6-7 جنوري 2017 ع | اوشين مال ڪراچي | محترمه ارم خالد.( وزيراعليٰ سنڌ جي صوبائي صلاحڪار) |
| 06 هين سرتيون سنگ هُنري نمائش | 5-7 مئي 2017 ع | ڊالمن مال ڪراچي | محترمه ارم خالد.( وزيراعليٰ سنڌ جي صوبائي صلاحڪار) |
| 07 سرتيون سنگ هُنري نمائش | 5 - 7 فيبروري 2018 ع | اوشين مال ڪراچي | محترم شعيب سلطان خان (چيئرمين سرسو بورڊ) |
| 08 هين سرتيون سنگ هُنري نمائش | 26-28 اپريل 2019 ع | ڊالمن مال ڪراچي | محترمه عاليه شاهد (سيڪريٽري وومين ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ - حڪومت سنڌ) |
| 09 هين سرتيون سنگ هُنري نمائش | 4-6 مئي 2019 ع | اوشين مال ڪراچي | سيد مراد علي شاهه (وزيراعليٰ سنڌ) |
| 10 هين سرتيون سنگ هُنري نمائش | 10-12 جنوري 2020 ع | اوشين مال ڪراچي | سيد ناصر حسين شاهه ( صوبائي وزير (مقامي حڪومت، ٻيلو ڪاٽو ۽ مذهبي معاملا) |
| 11 هين سرتيون سنگ هُنري نمائش | 25 -27 مارچ 2022 ع | اوشين مال ڪراچي | محترم مرتضيٰ وهاب ايڊمنسٽريٽر ڪراچي |
| 12 هين سرتيون سنگ هُنري نمائش | 25-27 مارچ 2023 ع | اوشين مال ڪراچي | محترمه آصفه ڀٽو زرداري |
| 13 هين سرتيون سنگ هُنري نمائش | 5-8 جون 2023 ع | ڊالمن مال ڪراچي | محترمه شيرين مصطفيٰ ناريجو (سيڪريٽري سوشل ويلفيئر ڊپارٽمينٽ - حڪومت سنڌ) |
| 14 هنري سرتيون سنگ هُنري نمائش | 1، 2 ۽ 3، ڊسمبر 2023 ع | اوشين مال ڪراچي | محترمه رعنا حُسين ( نگران صوبائي وزير سنڌ حڪومت) |
| 15 هين سرتيون سنگ هُنري نمائش | مئي 15-17، 2024 ع | ڊالمن مال ڪراچي | محترم مرتضي! وهاب ( ميئر ڪراچي ) |
| 16 هين سرتيون سنگ هُنري نمائش | جنوري 9، 10، 11، 12 ، 2025 | اوشين مال، ڪلفٽن ڪراچي | سيد ناصر حسين شاهه (صوبائي وزير منصوبه بندي ۽ ترقي ۽ توانائي- سنڌ حڪومت |
| 17 هين سرتيون سنگ هُنري نمائش | 5، 6 ۽ 7 ڊسمبر 2025 ع | اوشين مال، ڪلفٽن ڪراچي | محترمه فريال ٽالپر (ميمبر سنڌ اسيمبلي ۽ صدر پاڪستان پيپلز پارٽي (ليڊيز ونگ) |

# سرسو عمل ۾

## (جنوري _ ڊسمبر 2025 دوران سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) پاران ڪيل اهم سرگرميون)

سهڙيندڙ: بخت علي ابڙو
اسسٽنٽ مئنيجر ايم اِي آر يونٽ هيڊ آفيس سکر

### تي بي جي خاتمي ۾ ڪردار ادار ڪرڻ لاءِ 170 ايل ايس اوز اڳواڻن جي سکيا

سنڌ جي 7 ضلعن ۾ وچندڙ موذي مرض تي بي جي خاتمي لاءِ سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) پاران رورل سپورٽ پروگرامز نيٽ ورڪ (آر ايس پي اين) جي شراڪتداري ۽ جي ايس آءِ جي مالي مدد سان هلندڙ انٽيگريٽڊ هيلٿ سسٽم اسٽرينٿننگ اينڊ سروس ڊليوري ايڪٽوٽيز منصوبي هيٺ سماجي تحريڪ ۽ خدمتن تائين رسائي ذريعي مختلف سرگرميون وڏي جوش ۽ جذبي سان جاري آهن. ان حوالي سان سرسو پاران جوڙيل ڪميونٽي ادارن خاص طور تي يو سي سطح جي لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن (Local Support Organization_LSO) جي سکيا جو بندوبست ڪيو ۽ 7 ضلعن ۾ 170 ايل ايس اوز کي منصوبي، تي بي بيماري ۽ ايل ايس او جي ڪردار تي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي.

سرسو جون ٽيمون منصوبي ۾ شامل ضلعن جهڙوڪ: گهوٽڪي، خيرپور، نوشهرو فيروز، شڪارپور، جيڪب آباد، ڪشمور ۽ قمبر_شهداد ڪوٽ ۾ پنهنجي ساٿي سرڪاري، غير سرڪاري ۽ جوڙيل ڪميونٽي ادارن (سي اوز، وي اوز ۽ ايل ايس اوز) جي سهڪار سان تي بي مرض ۾ مبتلا شخص ۽ ان جي لاڳاپيل خاندان جي فردن تائين پهچي ۽ کين راضي ڪري انهن جي ٽيسٽن ۽ بهتر علاج لاءِ ضروري خدمتون مهيا ڪندڙ ادارن تائين رسائي مهيا ڪري رهيون آهن.

جڏهن ته ڪميونٽي سطح تي جاڳرتا ويهڪون پڻ ڪيون وڃن ٿيون. جنهن ۾ تي بي مرض بابت خاندان، ڪميونٽي ۽ سماجي سطح تي بنيادي ڄاڻ، بيماري بابت قائم ڪيل غلط تصورن، علاج جي سهولتن ۽ بهتر احتياطي اُپائن بابت جاڳرتا پيدا ڪئي وڃي ٿي ته جيئن مرض جي بهتر سڃاڻپ تي سگهجي ۽ انهن جي بهتر علاج ۽ اڳواٽ بچاءَ وارن اُپائن ذريعي بيماري جو خاتمي آڻي سگهجي.



### عورتن کي گڏيل ڪاروبار ڪرڻ ۽ کين با اختيار بڻائڻ بابت تربيتي ورڪشاپ

شڪارپور ۾ نيشنل پاورٽي گريجوئيشن پروگرام (NPGP) مان فائدو وٺندڙن جي "گڏيل مفادن جي گروپن" (Common Interest Groups_CIGs) جوڙڻ بابت هڪ ڏينهن جو تربيتي سيشن منعقد ڪيو ويو. ورڪشاپ ۾ 12 ڳوٺن مان 91 کان وڌيڪ عورتن شرڪت ڪئي ۽ 12 CIGs ناهيا ويا. گروپ قائم ڪرڻ جو مقصد پيداواري اثاثا حاصل ڪندڙ عورتن کي گڏيل اقتصادي موقعن ۽ هڪ گڏيل ڪاروباري ماڊل سان متعارف ڪرائڻ هو. هن سيشن ۾ گروپ جو تصور، اثاثن، گروپ جي ريڪارڊ رکڻ، ڪاروبار ڪرڻ ۽ ذميوارين جي موضوعن تي آگاهي ڏني وئي. تربيت کي اهڙيءَ طرح ترتيب ڏنو ويو هو ته جيئن عورتن جي آمدني ۽ اثاثن کي پڻ وڌايو وڃي، جيڪا انٽرنيشنل فنڊ فار ايگريڪلچرل ڊولپمينٽ (IFAD) ۽ حڪومت پاڪستان طرفان "اين پي جي پي" هيٺ سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) ذريعي مهيا ڪئي پئي وڃي.



### سنڌ حڪومت _ سرسو سان گڏجي غربت کي گهٽائڻ لاءِ ڪم ڪري رهي آهي.

گهوٽڪي/ مارچ 9، 2025: سنڌ حڪومت _ سرسو سان هلندڙ عوام جي غربت گهٽائڻ جو پروگرام (پي پي آر پي) تحت عورتن کي هنري سکيا، بغير وياج جي قرض فراهم ڪرڻ سميت گهر تعمير ڪرائي ڏنا پيا وڃن ته جيئن ماڻهن جي غربت کي گهٽائي سندن حالت بهتر ڪري سگهجي. اهڙن خيالن جو اظهار سڪديو آسرداس هيمناڻي (ترجمان _ سنڌ حڪومت) گهوٽڪي ويجهو ڳوٺ عظيم ميٽڪ ۾ هڪ ڪروڙ جي لاڳت سان وي آئي پي (Village Improvement Plan) اسڪيم جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو.

افتتاحي تقريب ۾ سرسو جي ريجنل جنرل مئنيجر عامر عباس منگي، سينيئر ڊسٽرڪٽ مئنيجر عاشق علي ڪلوڙ سميت ڳوٺ عظيم ميٽڪ جي عورتن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي.

ترجمان سڪديو آسرداس هيمناڻي چيو ته ”سنڌ حڪومت پاران ڳوٺن ۾ عورتن کي سماجي_معاشي طور سگهارو بڻائڻ لاءِ مختلف شعبن تي ڪم ڪيو پيو وڃي. ان سلسلي ۾ عورتن کي هنري سکيا ، گهرن جي تعمير ۽ گهرن ۾ سايون ڀاڄيون پوکڻ سميت بغير وياج تي قرض فراهم ڪرڻ به شامل آهن. ته جيئن هو پنهنجي پيرن تي بيهي پنهنجي خاندان کي خوشحال بڻائي سگهن.“

هن چيو ته ڳوٺ عظيم ميٽڪ ۾ سنڌ حڪومت جي پروگرام تحت سرسو پاران بهترين ڪم ڪيو ويو آهي، جنهن تحت هتان جي غريب گهراڻن جون عورتون خود مختيار ٿيون آهن. مون کي هنن جو هنر ڏسي خوشي ٿئي پئي ته اسان جي ڀينرن ۾ بهترين هنر جي اهليت موجود آهي. اسان ڳوٺ عظيم ميٽڪ ۾ ڇوڪرين لاءِ اسڪول ۽ صحت مرڪز ڏيارڻ لاءِ ڪوشش ڪنداسون ۽ تمام جلد هتي سولر لائٽون پڻ ڏنيو وينديون.




سنڌ جي 15 ضلعن ۾ 3،400 هاري عورتن ۾ ڀاڄين جي پوک لاءِ ضروري سامان جي ورهاست



ان موقعي تي ڳوٺاڻي تنظيم جي عورت اڳواڻ سرسو سان گڏجي ڳوٺاڻي سطح تي ڪيل ڪمن جا تفصيل ٻڌايا. انهن جو چوڻ هو ته سرسو جي ڪري اسان جي رهڻي ڪهڻي ۽ زندگي ۾ تمام گهڻي تبديلي آئي آهي. جنهن جو مثال توهان سيني جي سامهون آهي.

ان موقعي تي بغير وياج جي ڪاروباري قرض مان شروع ڪيل ڪاروبارن ۽ هٿ جي هنرن جا اسٽال به لڳايا ويا. جنهن جو آيل معزز مهمانن گڏجي دورو ڪيو ۽ فائدو حاصل ڪندڙن جي ڪاروبار ۽ هنرن جي تعريف ڪئي.

ڳوٺاڻيڻ تنظيمي عورتن کي درپيش مسئلن ۽ حقن بابت جاڳرتا پيدا ڪرڻ لاءِ مختلف سرگرميون ڪيون ويون. جنهن ۾ سيني مهمانن حصو ورتو ۽ عورتن جي حقن جي حمايت ڪئي. آخر ۾ مهمان خاص ڳوٺاڻي تنظيم پاران هلندڙ وڻڪاري مهم ۾ به حصو ورتو ۽ ماحولياتي تبديلي جي منفي اثرن کي گهٽ ڪرڻ ۽ سرسبز سنڌ بڻائڻ واري ڪوشش جي ساراهه پڻ ڪئي.



سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) ۽ آن فارم واٽر مئنيجمينٽ_ سنڌ حڪومت سان گڏجي سنڌ جي 15 ضلعن جي هاري عورتن ۾ 3،400سايون ڀاڄين جي پوک لاءِ ضروري سامان ورهايو ويو. سامان حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ فائدو حاصل ڪندڙ هاري عورتن پنهنجي گهرن ۽ گهرن جي ويجهو زمينن کي آباد ڪرڻ لاءِ مليل سامان جي مدد سان گهربل زمين کي سڌو ڪري سايون ڀاڄيون پوکڻ شروع ڪيون آهن. سندن چوڻ آهي ته ”اسين بي حد خوشي محسوس ڪري رهيون آهيون ته سرسو ۽ سنڌ حڪومت پاران هي مفت ۾ سامان ڏنو ويو آهي ۽ فني رهنمائي به ڪئي پئي وڃي جنهن سبب اسان سايون ڀاڄيون پوکڻ جي قابل ٿيون آهن.“ انهن وڌيڪ چيو آهي ته ”اسان کي پوري اميد آهي ته ڀاڄين جي پوکائي سبب اسان کي کائڻ لاءِ تازيون ڀاڄيون ملي وينديون جنهن سان اسان جو ڪافي خرچ بچي ويندو. جڏهن ته گهر جي ضرورت کان وڌيڪ سايون ڀاڄيون ويجهي مارڪيٽ ۾ کپائي ڪجهه آمدني حاصل پڻ ڪري سگهنديون سين. جنهن سان اسان جي غربت ۾ ڪجهه گهٽتائي ضرور ايندي“.

سرسو جو قدرتي وسيلن جي انتظامڪاري واري شعبو (اين آر ايم) ساين ڀاڄين اپائڻ لاءِ سامان حاصل ڪندڙ هاري عورتن کي موسمي ساين ڀاڄين جا ٻج، گهربل تربيتون ۽ فني مدد پڻ مهيا ڪري رهيو آهي ته جيئن اهي ڪاميابيءَ سان سايون ڀاڄيون پوکي غربت مان پنهنجي جان آجي ڪري سگهن.

## محترمہ سعديہ جاويد (ايم پي اي ۽ ترجمان سنڌ حڪومت)، محترمہ تنزيلا ام حبيبا (ايم پي اي) پاران عورتن جي ڪميونٽي ڪانفرنس ۾ شرڪت

بدين: سنڌ رورل سپورٽ آرگنائزيشن ضلعي بدين پاران نئون دمبالو لڳ ڳوٺ پڳت ارجن ۾ جوڙيل عورتن جي ڪميونٽي ادارن جي سرگرم ڪارڪنن جي ڪانفرنس (Managerial Activist Conference_MAC) ڪئي وئي. جنهن جو مقصد ۾ سنڌ حڪومت پاران عوام جي غربت گهٽائڻ جو پروگرام (PPRP_GoS) هيٺ عورتن ۾ سجاڳي ۽ ڳوناٽي ترقي بابت شعور ۾ واڌارو آڻڻ ۽ رابطاڪاري کي بهتر ڪرڻ هو.ان موقعي تي عورت اڳواڻن تقريرون ڪري ڄاڻ ڏني تہ ڪيئن اسان ۾ سجاڳي آئي ۽ اسين منظم ٿي ڪري پاڙي، ڳوٺ ۽ يونين ڪائونسل سطح تي تنظيمون جوڙي غربت گهٽائڻ لاءِ عملي ڪم ڪيا ۽ پيش ايندڙ رڪاوٽن کي منهن ڏنو.

ڪانفرنس جون خاص مهمان سنڌ حڪومت جي ترجمان ۽ ايم پي اي محترمہ سعديہ جاويد ۽ ايم پي اي محترمہ تنزيلا ام حبيبا جن هيون. هنن عورتن کي خطاب ڪندي چيو تہ ”سنڌ حڪومت چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي هدايتن تي ماحولياتي اثرن جي ڪري آيل وڏي ٻوڏ 2022 جي ڪري بي گهر ۽ غريب ماڻهن لاءِ 21 لک گهر نئين سري سان تعمير ڪري رهي آهي.سرسو سان غربت گهٽائڻ جو پروگرام بہ سنڌ حڪومت جو اهم ۽ بهترين قدم آهي. جنهن ۾ غريب گهراڻن کي بغير وياج قرض ڏنا پيا وڃن ۽ گهر تعمير ڪرڻ ۾ بہ مدد ڪئي پئي وڃي. پروگرام ۾ عورتن کي هنري سکيا بہ شامل آهي، جنهن مان فائدو حاصل ڪري عورتون پنهنجو روزگار ڪري بهتر زندگي گذاري رهيون آهن .

ڪانفرنس کي سرسو جي سي اِي او محمد ڏتل ڪلهوڙو، ريجنل جنرل مئنيجر خادم حسين شر , ڊسٽرڪٽ مئنيجر احمد خان سومرو ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو. ان کان اڳ سنڌ جڪومت جي ترجمان ۽ ايم پي اي اڏيل گهرن جو دورو ڪري تفصيل معلوم ڪيا ۽ هٿ جي هنر جي لڳايل اسٽالن تي رکيل هنر ڏٺا ۽ هنري سکيا ورتل عورتن سان ڳالهہ ٻولهہ ڪئي. آخر ۾ مهمانن ڪميونٽي جي عورتن سان گڏجي وڻ پڻ لڳايا.



## هيپاٽائيٽس بي ۽ سي جي سڃاڻپ لاءِ رت جي چڪاس جون ڪئمپون لڳايون ويون

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن جي مائڪرو هيلٿ انشورنس سيڪٽر پاران مختلف ضلعن ۾ جوڙيل ڪميونٽي ادارن جي سهڪار سان هيپاٽائيٽس بي ۽ سي جي سڃاڻپ ۽ جاڳرتا پيدا ڪرڻ لاءِ رت جي اسڪريننگ جون ڪئمپون شروع ڪيون آهن. ان حوالي سان سانگهڙ ضلعي جي ڳوٺ چابرلو يو سي ولي محمد ڪيريو ۾لڳايل ڪئمپ ۾ 129 ڳوٺاڻن جي رت جي نمونن جي چڪاس ڪئي وئي. شروعاتي اسڪريننگ ۾ 16 ماڻهن ۾ هيپاٽائيٽس ( بي ۽ سي +) ظاهر ٿي.جڏهن تہ گهوٽڪي ضلعي جي ڳوٺ لوهي تعلقو خانڳڙهہ ۾ پڻ ڪئمپ لڳائي وئي جتي 166 ڳوٺاڻن جي رت جي چڪاس ڪئي وئي. ابتدائي اسڪريننگ ۾ 10 پازيٽو ڪيس ( بي ۽ سي +) پڻ سامهون آيا.

سرسو _ مائڪرو هيلٿ جي ٽيم ڪئمپ جي موقعي تي ڳوٺاڻي ڪميونٽي سان جاڳرتا سيشن پڻ ڪيا. جنهن ۾ بيماري، ان جي احتياطي اپائن ۽ ظاهر ٿيڻ جي صورت ۾ مڪمل علاج ڪرائڻ تي زور ڀريو. ان موقعي تي سامهون آيل مثبت ڪيسن واري فردن سان الڳ ڳالهہ ٻولهہ ڪئي وئي ۽ ڪين جلد وڌيڪ ٽيسٽون ڪرائي علاج شروع ڪرڻ بابت هدايت ڪئي.

راشد حسين ڀٽي مئنيجر مائڪرو هيلٿ انشورنس، ڪئمپ ۾ موجود ڳوٺاڻي تنظيم جي ميمبرن جي ڪوشش کي ساراهيو. هن چيو تہ سرسو پاران هيپاٽائيٽس جي سڃاڻپ ۽ رت جي ٽيسٽ جي نتيجن بابت ضلعي صحت کاتي کي بہ ڄاڻ ڏني ويندي تہ جيئن هو نہ رڳو توهان جي ڳوٺ پر پوري ضلعي ۾ هيپاٽائيٽس بابت عملي اپاءَ وٺي هن موذي مرض کان ماڻهن کي بچائي سگهجي.



## هنري سکيا مرڪزن جي شاگردياڻين پاران تيار ڪيل ڪپڙا عيد جي موقعي تي ٻارن ۾ ورهايا ويا

خيرپور/ مئي30، 2025: تعلقي ٺري ميرواهه، ضلعو خيرپور ميرس ۾ هڪ شاندار تبديلي جو عمل شروع ٿي چڪو آهي، جتي مقامي عورتن ۽ نياڻين کي بااختيار بڻائڻ لاءِ سلائي جي تربيت ڏني وئي. ٻن هنري سکيا مرڪزن جي شاگرداڻين پاران يونين ڪائونسل هنديارِي تعلقو ٺري ميرواهه جي ٽن ڳوٺن علي نواز دستي (113)، هنديارِي (188) ۽ عجيب دستي (150) ٻارڙن ۾ عيد جون خوشيون ملهائڻ جي مقصد سان تيار ڪيل ڪپڙا ورهايا ويا.

ڳوٺاڻيون عورتون ۽ نياڻيون، جيڪي قدرتي آفتن جي ڪري ڏکيائين جو شڪار ٿيون. سي هاڻي سلائي جي هنر ۾ مهارتون حاصل ڪرڻ کان پوءِ پر اعتماد آهن . انهن ۾ سگهارو هجڻ جو احساس پيدا ٿيو آهي. ان ڪري مستقبل ۾ موسمي تبديلين جي اثرن کي گهٽائڻ جي جذبي سان ماحولياتي پائيداري قائم رکڻ لاءِ به اعتماد رکن ٿيون..

تربيت جي پڄاڻيءَ تي سيني هنرمند ڇوڪرين پاڻ ۾ گڏ ٿي هڪ سٺو فيصلو ڪيو ته تربيت دوران جيڪي نوان ڪپڙا تيار ڪيا ويا، سي غريب گهراڻن جي ٻارن کي تحفي طور ڏنا وڃن. محبت جي ٽاڪن، هٿن جي مهارت ۽ دل جي خلوص سان تيار ڪيل هي نوان لباس . رنگ برنگي فراڪ، خوبصورت شلوار قميص ۽ نئي طرز جي ڊيزائين . عيد کان اڳ ورهايا ويا. جنهن پل اهي نوان ڪپڙا انهن ٻارن جي هٿن ۾ ايندا پيا وڃن، سندن جي اکين ۾ چمڪ، چهري تي خوشي، ۽ دل ۾ پنهنجائپ محسوس ٿئي پئي.

هي جذن سان ڀريل سرگرمي "برساتي ٻوڏ دوران متاثر ٿيل خاندانن لاءِ معاشي بحالي ۽ موسمي خطرن کان بچاءُ "واري منصوبي جو حصو آهي، جيڪو سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن پاران مالٽيزر ۽ بي ايم زيڊ جي مالي سهڪار سان عمل هيٺ آندو ويو. ڇو ته هي رڳو هڪ تربيت نه هئي، پر هڪ سفر هو. جنهن ۾ عورتن جي حوصلي ۽ هڪ اهڙي سماجي تبديلي، جيڪا ايندڙ نسلن تائين اثر ڇڏيندي. جنهن ۾ نياڻين نه رڳو هنر سکيو، پر قربانيءَ جي حقيقي معنيٰ به سمجهي ورتي ۽ عيد تي خوشيون ورهائڻ جو اهو انمول مثال دلين تي ڇٽجي ويو آهي.




### سرسو بورڊ جي چيئر پرسن محترمه ناهيد شاهه دُراني جون سرسو ٽيم، ڪاروبار ڪندڙن ۽ منظم عورتن سان گڏجاڻيون



## سکر ۾ سرسو ٽيم سان گڏجاڻي

29مئي 2025: چيئرپرسن سرسو بورڊ محترمہ ناهيد شاهہ دراني، سي اي او محمد ڏتل ڪلهوڙو سان گڏ، سکر ۾ سرسو ڪامپليڪس ۾ پي پي آر پي ، مائيڪرو فنانس، ڪرافٽس انٽرپرائيز ڊولپمينٽ ۽ ايجوڪيشن ٽيمن سان الڳ الڳ ملاقاتون ڪيون تہ جيئن ڪارڪردگي جو جائزو وٺي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ مستقبل جي حڪمت عملي جوڙي سگهجي.

ريجنل جنرل مئنيجرن ۽ سيڪٽر اڳواڻن پنهنجي ريجن وارن ضلعن ۽ سيڪٽر/پروگرامن جي ڪارگذاري ۽ سفارشون پيش ڪيون تہ جيئن پائيدار بنياد تي جامع حڪمت عمليون تيار ڪيون وڃن.

چيئرپرسن، ٽيمن جي رپورٽن کي ٻڌو، ڪارگذاري ۽ منصوبن تي ڳالهايو ۽ ٽيم ميمبرن سان خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. هن زور ڏنو تہ هر سيڪٽر/پروگرام لاءِ جامع حڪمت عملي تيار ڪئي وڃي تہ جيئن ڪارڪردگي بهتر ٿئي ۽ ڪميونٽي خدمتن ۾ بهتري جا مقصد حاصل ٿي سگهن..



## سرسو جي انتظام هيٺ هلندڙ اسڪولن ۽ انٽرپرائيز ڊولپمينٽ فنڊجو جائزو

سکر / 30 اپريل، 2025:چيئرپرسن سرسو بورڊ محترمہ ناهيد شاهہ دراني سرسو هيڊ آفيس جو دورو ڪيو. پاڻ ايجوڪيشن ۽ انٽرپرائيز ڊولپمينٽ ٽيمن سان تفصيلي مل اقاتون ڪيون ۽ سکر ريجن جي ضلعن ۾ سرسو جي انتظام هيٺ هلندڙ اِي ايم او ۽ ايس اي ايف_ ڪميونٽي ڪلسٽر اسڪولن ۽ انٽرپرائيز ڊولپمينٽ فنڊ جي مدد سان هلندڙ ڪاروبارن جي ترقي جو جائزو ورتو.

چيئرپرسن زور ڏنو تہ ايجوڪيشن ٽيم معياري تعليم، آءِ ٽي ايپليڪيشنز ۽ ٽيڪنالاجي کي ڏورا نهن ڀهراڙي وارن علائقن ۾ هلندڙ اسڪولن تائين پهچائڻ لاءِ ڪوششون جاري رکي.

اي ڊي ايف ٽيم تفصيلي ترقياتي رپورٽ پيش ڪئي، جنهن ۾ هلندڙ ڪاروبارن ۽ حاصل ڪاميابين کي اجاگر ڪيو ويو. بحث جو مرڪز سکر، خيرپور ۽ گهوٽڪي ضلعن ۾ ڪامياب ڪاروبار هلائڻ لاءِ جديد سرگرمين ۽ حڪمت عملين تي رهيو.

چيئر پرسن ڪلسٽر تي ٻڌل ڪاروباري ماڊل اختيار ڪرڻ تي زور ڏنو ۽ ننڍين صنعتن کي وڌائڻ لاءِ اپاءَ ورتا وڃن تہ جيئن روزگار جا موقعا پيدا ٿين ۽ پائيدار بنيادن تي غربت جي خاتمي جي ڪوشش کي هٿي ملي. گڏجاڻي ان عزم سان ختم ٿي تہ ڪاروباري ڪوشش کي مضبوط ڪيو ويندو ۽ ڪميونٽي اندر جديد ڪاروباري موقعن کي ڳوليو ويندو.





## ميرپورخاص۾ هلندڙ ڪاروبارن جو دورو

15اپريل 2025: سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن(سرسو) جي بورڊ جي چيئرپرسن محترمہ ناهيد شاهہ ميرپور خاص جو تفصيلي دورو ڪيو تہ جيئن هلندڙ پروگرامن جو جائزو وٺي سگهي. خاص طور تي سنڌ حڪومت جي مالي مدد سان هلندڙ عوام جي غربت گهٽائڻ جو پروگرام (پي پي آر پي) هيٺ شروع ڪيل انٽرپرائيز ڊولپمينٽ فنڊ جي منصوبن جي اثرائتي هجڻ جو اندازو لڳائي سگهجي.

چيئرپرسن گارمينٽ ڪلسٽر گروپ جي ميمبرن ۽ ٻين EDF جي مدد ڪيل ڪاروباري ماڻهن سان هڪ کليل ۽ جامع فورم ۾ گڏيل ڳالهہ ٻولهہ ڪئي. ڪاروباري ماڻهن پنهنجا ڪاروباري سفر بيان ڪيا، حاصل ڪيل ڪاميابين، گڏيل ڪاروباري ڍانچي جا فائدا ۽ مسلسل حاصل ٿيندڙ آمدني جي ذريعن تي روشني وڌي .

گارمينٽ ڪلسٽر ميمبرن خاص طور تي حاصل ڪيل صلاحيتن، گروهي ڪاروباري ماڊل ذريعي ملندڙ ڪاميابيءَ ۽ حاصل ٿيندڙ مستقل آمدني تي زور ڏنو. محترمہ ناهيد شله سندن مستقل مزاجي، شوق ، محنت ۽ مهارت جي تمام گهڻي ساراهہ ڪئي.

پاڻ جهڏو گارمينٽ يونٽ ۽ ڊٽرجنٽ ٺاهڻ واري گروپ جي ميمبرن ۾ چيڪ پڻ ورهايا ته جيئن هنن جي ڪاروبار جي شروعات ۽ واڌاري ۾ مدد ملي.

چيئر پرسن سرسو بورڊ منصوبي هيٺ قائم ٿيل اهم ڪاروباري يونٽن جو دورو پڻ ڪيو. هن پهرين اسڪائي گارمينٽ انڊسٽري ۽ انيل گارمينٽ يونٽ کي گهمي ڏٺو. هن هلندڙ سلائي يونٽن جو مشاهدو ڪيو. مزدورن سان ڳالهه ٻولهه ڪئي، مستقبل جا ڪاروباري منصوبا ٻڌا ۽ ڪين معيار ۽ وقت تي پهچائڻ تي ڌيان ڏيڻ جي هدايت ڪئي ته جيئن وڏن مارڪيٽن تائين رسائي حاصل ٿئي. هن ڪاروبارن جي پروفيشنل سيٽ اپ ۽ يونٽ جي وڏي پيماني تي هلندڙ ڪم تي تمام گهڻي اطمينان جو اظهار ڪيو. ان کان پوءِ هن پلاسٽڪ بوتل پيداوار يونٽ جو دورو ڪيو، جيڪو هڪ منفرد ۽ جديد ڪاروبار آهي. هن پيداواري عمل ۾ گهڻي دلچسپي ڏيکاري ۽ اهڙن جديد ڪاروبارن جي مارڪيٽ رسائي وڌائڻ جي امڪانن تي بحث ڪيو .

محترمہ ناهيد شاهہ سڀني ڪاروباري فردن جي محنت ۽ سرسو ٽيم جي ڳوٺاڻي ڪميونٽين کي پائيدار ڪاروباري ترقي ذريعي بااختيار بڻائڻ واري جذبي جي ساراهہ ڪئي. هن ڪاروبارن ۾ نواڻ آڻڻ، مارڪيٽ سان بهتر رابطاڪاري ۽ هڪ ٻئي سان سهڪار جي اهميت تي زور ڏنو ته جيئن سنڌ حڪومت جي مدد سان شروع ڪيل ڪاروبارن جي ڊگهي مدي واري پائيداري ۽ فائدن کي يقيني بڻائي سگهجي .





## خيرپور ۾ شروع ٿيندڙ هٿ سان ڪپڙو ٺاهيندڙ ڪاروبار جو دورو

2 جون 2025 : سرسو بورڊ جي چيئر پرسن محترمہ ناهيد شاهہ دراني خيرپور ۾ سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) جي انٽرپرائيز ڊولپمينٽ فنڊ (EDF) ـ سنڌ حڪومت جي ذريعي مدد مهيا ڪيل هنرمند غلام رسول لاشاري جي هٿ سان ڪپڙو ٺاهڻ واري يونٽ جو دورو ڪيو .هي هٿ سان ڪپڙو ٺاهڻ وارا آڏاڻا هلائي ٿو. هو سرسو جي روايتي دستڪاريءَ کي بحال ڪرڻ ۽ مارڪيٽ جي گهرجن تي ٻڌل پائيدار ڪاروبارن ۾ تبديل ڪرڻ واري مهم جو حصو آهي.

دوري دوران چيئرپرسن يونٽ جي پيداواري گنجائش بابت پڇيو. غلام رسول لاشاري ٻڌايو ته ”هو هڪ ڏينهن ۾ مردن جو هڪ سوٽ تيار ڪري ٿو، جنهن تي ڪيس 1,000 روپيہ نفعو ٿئي ٿو. ان سان گڏ، ٽن ڏينهن ۾ ٻن عورتن جا سوٽ تيار ڪري ٿو، جنهن تي 1,500 روپيہ نفعو ٿئي ٿو. اها آمدني هن جي خاندان جي گذاري لاءِ تمام گهڻو مددگار آهي ۽ هٿ سان ڪپڙو ٺاهڻ واري ڪم جي فائديمند ڪاروبار هجڻ جو مثال آهي.

چيئر پرسن ، پاورلووم ۾ سيڙپڪاري جي امڪانن تي بہ بحث ڪيو. هن زور ڏنو تہ اهڙا يونٽ مکيہ روڊن تي قائم ڪيا وڃن، جتي گراهڪ سڌو سنئون شيون خريد ڪري سگهن. مارڪيٽ تائين پهچ لاءِ چيئر پرسن هٿ سان ٺهيل شين کي سرسو جي فليگ شپ آئوٽليٽ سرتيون سنگ ۽ خيرپور ۽ سکر شهر ۾ ٻين ريٽيل آئوٽليٽس سان ڳنڍڻ جي هدايت ڪئي.





## ڊپٽي ڪمشنر ميرپورخاص پاران عورتن لاءِ روزگار جا موقعا پيدا ڪرڻ واري برٽ گارمينٽ يونٽ جو افتتاح

**ميرپورخاص | 1 جولاءِ 2025 ع**

ضلعي ميرپورخاص ۾ عورتن جي معاشي بااختياريءَ جي سفر ۾ هڪ اهم قدم کڻندي، برٽ BRIT فيميل گارمينٽ يونٽ جو باقاعده افتتاح ڪيو ويو. جنهن جي تقريب ۾ ڊپٽي ڪمشنر ميرپورخاص، رشيد مسعود ۽ سماجي ڀلائي کاتي جي ڊپٽي ڊائريڪٽر، انور خاصخيلي شرڪت ڪئي . هي يونٽ عوام جي غربت گهٽائڻ جو پروگرام (PPRP) تحت سنڌ حڪومت جي مالي سهڪار سان سرسو پاران انٽرپرائز ڊولپمينٽ فنڊ (EDF) ذريعي قائم ڪيو ويو آهي. برٽ گارمينٽ يونٽ ميرپورخاص شهر ۾ ڪولهي ويو آهي ۽ اهو هڪ عورتن جي اڳواڻي هيٺ هلندڙ مائڪرو انٽرپرائز آهي، جنهن لاءِ ٻه ملين رپين جو بنا وياج قرض فراهم ڪيو ويو آهي. هن قرض ذريعي چار قابل ۽ ماهر عورتن ڪاروباري ترقياتي گروپ (Business Development Group_BDG) جوڙي گارمينٽ يونٽ جو ڪاروبار شروع ڪيو. جنهن جو مقصد گارمينٽ پيداوار، سلائي ۽ ڪپڙا ناهڻ ۽ وڪرو ڪرڻ ذريعي پاڻيرائپ ۽ آمدني وڌائڻ آهي، جنهن سان مقامي هنرمند عورتن لاءِ روزگار جا موقعا پڻ پيدا ٿيندا.

افتتاحي تقريب دوران ڊي سي رشيد مسعود چيو"هي رڳو هڪ گارمينٽ يونٽ جو افتتاح ناهي ، پر اهو ماڊل آهي ته عورتون ڪيئن ترقيءَ جي عمل کي اڳتي وڌائي سگهن ٿيون. هي هڪ مثال آهي ته ڪيئن صلاحيت کي پيداوار ۾ تبديل ڪري سگهجي ٿو. مان سرسو جي ڪردار ۽ سنڌ حڪومت جي بصيرت کي ساراهيان ٿو، جيڪا عورتن لاءِ اهڙا موقعا مهيا ڪري رهي آهي".

سرسو پاران هي قدم ميرپورخاص ۾ هلندڙ 5 گارمينٽ يونٽس جي سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي. جن ذريعي هنرمند مردن ۽ عورتن لاءِ نه صرف روزگار جا موقعا پيدا ڪري ٿو، پر انهن جي خودمختياري ، مهارتن جي واڌاري ۽ معاشي بااختياريءَ لاءِ پڻ مضبوط بنياد رکندو.



## بدين ۾ پائيدار منصوبي تحت ننڍن ڪاروبارن لاءِ 2 ڪروڙ 78 لک رپين جا گرانٽ چيڪ ورهايا ويا

بدين | 9 سيپٽمبر 2025 ع

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) يورپي يونين جي مالي سهڪار سان شروع ڪيل UNIDO_PAIDAR منصوبي تحت بدين ۾ هڪ تقريب جو بندوبست ڪيو، جنهن دوران 25 ننڍن ڪاروبارين (انٽرپرينيورن) ۾ 2 ڪروڙ 78 لک رپين جا مائڪرو انٽرپرائز ڊولپمينٽ گرانٽ چيڪ ورهايا ويا. هن گرانٽ جو مقصد ننڍن ڪاروبارن کي بحال ڪرڻ، روزگار جا موقعا پيدا ڪرڻ ۽ پائيدار روزگار کي هٿي ڏيڻ آهي.

تقريب ۾ SRSO_PAIDAR منصوبي جي پروجيڪٽ ڪوآرڊينيٽر نعمت الله ساوند سرسو جو تعارف ۽ پائيدار منصوبي جا مقصد بيان ڪيا. هن ڪاروبارن جي چونڊ جي عمل، گرانٽ جي اثرائتي استعمال، ۽ جديد ڪاروباري طريقن کي اپنائڻ بابت به تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي.

ان موقعي تي فاروق صديقي، صوبائي ڪوآرڊينيٽرUNIDO چونڊيل فائدو وٺندڙن کي مبارڪباد ڏيندي چيو ته،"هي اوهان جي زندگيءَ جو اهم موڙ آهي، هاڻي اوهان جي ذميواري آهي ته پنهنجي ڪاروبار کي اڳتي وڌايو".

تقريب کي عبدالغفار ڪوسو، ايڊيشنل ڊائريڪٽر سماجي ڀلائي کاتو بدين پڻ خطاب ڪيو. هن چيو ته، "هاڻي اوهان ئي مستقبل آهيو ۽ هن منصوبي جي ڪاميابي ان ڳالهه تي دارو مدار رکي ٿي ته اوهان پنهنجا ڪاروبار ڪيتري حد تائين ڪامياب بڻايو ٿا. مان UNIDO ۽ سرسو جو ٿورائتو آهيان، جنهن بدين جي ماڻهن ۽ نوجوانن کي زندگيءَ ۾ اڳتي وڌڻ جو هي سونهري موقعو فراهم ڪيو".

راجيش ڪمار ،اسسٽنٽ ڪمشنر بدين پڻ تقريب کي خطاب ڪندي فائدو وٺندڙن کي مبارڪباد ڏني. هن چيو ته ڪيس ڏاڍي خوشي ٿي رهي آهي جو سرسو ۽ UNIDO جهڙا ادارا گڏجي نوجوانن لاءِ موقعا پيدا ڪري رهيا آهن. هن اهڙن قدمن کي ضلعي ۾ ڪاروبار ۽ پائيدار روزگار لاءِ مضبوط بنياد قرار ڏنو.

تقريب جي خاص مهمان بدر الاسلام ، نيشنل پروگرام ڪوآرڊينيٽر UNIDO چيو ته PAIDAR پروگرام سنڌ حڪومت ۽ ٻين پائيدارن سان گڏجي غربت جي خاتمي ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. هن منصوبي جي فائدن ۽ مستقبل ۾ ٿيندڙ سرگرمين بابت به آگاهي ڏني.

آخر ۾ چيف ايگزيڪيٽو آفيسر سرسو _ محمد ڏتل ڪلهوڙو پنهنجي پڄاڻي واري خطاب ۾ سڀني معزز مهمانن، UNIDO جي نمائندن، سرڪاري عملدارن ۽ ڪميونٽي ميمبرن جو شڪريو ادا ڪيو. هن وڌيڪ چيو ته اهڙيون پائيواريون نه رڳو فردن کي بااختيار بڻائن ٿيون، پر معاشي ترقي ۽ سماجي بهتري لاءِ به ڊگهي مدي وارا مثبت اثر پيدا ڪن ٿيون.



## ٺري مير واهه ۾ سرسو جو پهريون ڪميونٽي ڊزاسٽر رسڪ ريڊڪشن سينٽر جو قيام

خيرپور ميرس | 3 سيپٽمبر 2025 ع

خيرپور ميرس ضلعي جي شهرڙي مير واهه ۾ سرسو جو پهريون ڪميونٽي ڊزاسٽر رسڪ ريڊڪشن (DRR) سينٽر جو باقاعده طور تي افتتاح ڪيو ويو. جيڪو Restoration of Livelihoods and Protection against Climate Risks پروجيڪٽ تحت BMZ ۽ Malteser International جي مالي سهڪار سان قائم ڪيو ويو آهي.

افتتاحي تقريب ۾ سرسو جي چيف ايگزيڪيٽو آفيسر محمد ڏتل ڪلهوڙو خصوصي مهمان طور شرڪت ڪئي ۽ ڪميونٽي ادارن جي عورت اڳواڻن سان گڏ DRR سينٽر جو باقاعده افتتاح ڪيو. تقريب دوران سينٽر سان گڏ ايمرجنسي اسٽاڪ، فرنيچر ۽ آفيس جو سامان پڻ ڪميونٽي جي حوالي ڪيو ويو. افتتاحي تقريب ۾ LSO اڳواڻن، سرسو ريجنل جنرل مئنيجر سکر، SPHF ٽيم ليڊر، سينئر ڊسٽرڪٽ مئنيجر خيرپور ميرس، پروجيڪٽ ڪوآرڊينيٽر ۽ سرسو جي مقامي يونٽ ٽيم پڻ شرڪت ڪئي، جيڪي سينٽر جو دورو ڪري يقين ڏياريو ته تعمير ۽ سازو سامان ۾ سڀ معيار مڪمل طور تي پوريون ڪيون ويون آهن.

هي DRR سينٽر پروجيڪٽ جي ڊيزاسٽر رسڪ مئنيجمينٽ(DRM) جي مضبوط بنياد تي قائم ڪيو ويو آهي. منصوبي تحت 20 ڊي آر ماسٽر ٽرينرز کي تربيت ڏني وئي آهي، جيڪي هاڻي پنج يونين ڪائونسلز ۾ سرگرميءَ سان ڪم ڪري رهيا آهن. اهي 267 ڪميونٽي ادارن جي اڳواڻن تائين پهچي، بنيادي سطح تي آفتن جي تياري ۽ انتظام ڪاري کي مضبوط ڪيو آهي.




## سکر آءِ بي اي يونيورسٽي جي سهڪار سان نوجوانن کي ڪاروباري مهارتون سيکاريون ويون

### سکرآءِ بي اي يونيورسٽي | 13 نومبر 2025 ع

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) سکر آءِ بي اي يونيورسٽي جي سهڪار سان سکر ۽ گهوٽڪي ضلعن جي گهٽ وسيلن وارن علائقن جي نوجوانن لاءِ 8 هفتن تي مشتمل انٽرپرينيورشپ ڊولپمينٽ پروگرام (EDP) ڪاميابي سان مڪمل ڪري ورتو. هي پروگرام سکر آءِ بي اي ايگزيڪيوٽو ڊولپمينٽ سينٽر (EDC) پاران 13 سيپٽمبر کان 13 نومبر 2025 ع تائين منعقد ڪيو ويو.

پروگرام جي پڇاڙيءَ جي تقريب 13 نومبر 2025 ع تي EDC_ آءِ بي اي سکر ۾ ٿي، جنهن ۾ سرسو طرفان چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر محمد ڏتل ڪلهوڙو، ريجنل جنرل مئنيجر خيرپور ميرس، سي ايف او، ايچ آر مئنيجر، فنانس مئنيجر، ڊسٽرڪٽ مئنيجرز ۽ فيلڊ اسٽاف شرڪت ڪئي. جڏهن ته آئي بي اي طرفان پرو وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر مير محمد شاهه، الطاف حسين سمون ڊائريڪٽر EDC ۽ يونيورسٽي جي فيڪلٽي ميمبرن پڻ تقريب ۾ شرڪت ڪئي.

تقريب جي شروعات الطاف حسين سمون جي آجيان تقرير سان ٿي، جنهن ۾ هن 8 هفتن تي مشتمل انٽرپرينيورشپ پروگرام جي ڪامياب سفر بابت روشني وڌي. ان موقعي تي سرسو جي ريجنل جنرل مئنيجر امير عباس منگي پروگرام جي مقصدن ۽ اهميت بابت شرڪت ڪندڙن کي آگاهه ڪيو.

چيف ايگزيڪيوٽو آفيسرسرسو محمد ڏتل ڪلهوڙو پنهنجي خطاب ۾ نوجوانن ۾ ڪاروباري سوچ کي هٿي ڏيڻ جي ضرورت تي زور ڏنو ۽ سرسو ۽ آءِ بي اي جي گڏيل ڪوشش کي ساراهيو.

تقريب دوران 52 نوجوانن کي سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا، جن ڪاميابي سان تربيت مڪمل ڪئي. ان سان گڏ 8 چونڊيل نوجوان انٽرپرينيورن کي 23 لک رپين جا چيڪ پڻ ڏنا ويا، جن تربيت دوران ئي پنهنجا نوان ۽ جديد ڪاروباري منصوبا پيش ڪيا هئا.

ان موقعي تي سرسو ۽ آءِ بي اي يونيورسٽي جي انتظاميا نوجوان انٽرپرينيورن کي سندن مستقبل جي ڪاروباري ڪاميابين لاءِ مبارڪون ڏنيون. تقريب جي آخر ۾ سي اِي او سرسو ۽ پرو وائيس چانسلر آءِ بي اي سکر هڪ ٻئي سان يادگاري شيلڊون مٽائي، سکيا، ترقي ۽ بااختيار بڻائڻ لاءِ گڏيل سهڪار جاري رکڻ جو عزم ورجايو.

واضح رهي ته هي انٽرپرينيورشپ ڊولپمينٽ پروگرام عوام جي غربت گهٽائڻ جو پروگرام(PPRP) تحت ترتيب ڏنو ويو، جيڪو سنڌ حڪومت جي مالي سهڪار سان سرسوپاران سکر ۽ گهوٽڪي ضلعن ۾ لاڳو ڪيو پيو وڃي. هن منصوبي جو مقصد نوجوانن کي ڪاروباري مهارتون ۽ جاڳ فراهم ڪري نوان ڪاروبار قائم ڪرڻ، معاشي ترقي کي هٿي ڏيڻ ۽ غربت توڙي بيروزگاري ۾ گهٽتائي آڻڻ آهي.



## سرسو پاران ”موسمياتي تبديلي ۽ سنڌ“ جي نالي سان تازو شايع ٿيل ڪتاب جي پذرائي واري تقريب

**نومبر 23، 2025 / نيشنل ميوزيم ڪراچي**

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) پاران ”موسمياتي تبديلي ۽ سنڌ“ جي نالي سان تازو شايع ٿيل ڪتاب جي پذرائي واري تقريب کي خطاب ڪندي مختلف مقررن چيو ته ماحول جي موضوع کي نصاب ۾ شامل ڪيو وڃي. انسان کي هاڻي جنگين کان گهٽ، ماحول کان وڌيڪ خطرو آهي. گرمي پد جي ڪري ٽينڊڙ تبديلين زراعت کي وڏو نقصان پهچائي رهيون آهن .

ڪتاب ۾ نالي وارن ماحولياتي ماهرن ۽ ليکڪن جا ماحول، موسمياتي تبديلي ۽ ترقي جي موضوعن تي 17 تحقيقي ۽ تجزياتي مضمون شامل آهن. جڏهن ته مشهور ترقياتي ماهر ۽ دانشور نصير ميمڻ مهاڳ لکيو آهي. سرسو جي سي اِي او محمد ڏتل ڪلهوڙو ۽ چيئرپرسن محترمہ ناهيد شاهہ دراني جا پيغام پڻ ڪتاب جو حصو آهن . ڪتاب کي ناليواري شاعر ۽ ليکڪ زبير سومرو ترتيب ۽ ايڊٽ ڪيو آهي. ڪتاب جي رونمائي تقريب نيشنل ميوزيم ڪراچي آڊيٽوريم ۾ منعقد ڪئي وئي .

- سرسو جي سي اِي او محمد ڏتل ڪلهوڙو چيو ته سرسو ماحول تي ڪم ڪرڻ کي ترجيح ڏئي رهيو آهي. ان ڪري مون کي سنڌ جي ٻهراڙي وارن علائقن ۾ ڪم ڪندي، ماحولياتي تبديلي کي ويجهي کان ڏسڻ جو موقعو مليو ٿو. هن چيو ته سرسو ماحولياتي تبديلي جي ڪري، 2022 واري ماحولياتي برساتن ۽ ٻوڏ ۾ ريليف، بحالي ۽ تعمير ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي.
- ڪتاب جي سهيڙيندڙ، زبير سومرو چيو ته هاڻي انسان ، جنگين کان وڌيڪ ماحول کان خطري ۾ آهن .
- مشهور ترقي پسند دانشور ناظر محمود چيو ته سنڌ ۾ ضلعي سطح تي ماحول تي هڪ مطالعي جي ضرورت آهي.
- ماحول تي ڪم ڪندڙ صحافي عافيہ سلام چيو ته ماحول تي رپورٽنگ ڪندڙ صحافين کي بہ هاڻي سخت مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. اڳ ۾ جنگين ۽ ٻين مسئلن تي رپورٽنگ ڪندڙ ماڻهن جون زندگيون خطري ۾ هيون، هاڻي ماحول تي رپورٽنگ ڪرڻ بہ خطرو بڻجي چڪو آهي.
- ماحولياتي ۽ زرعي ماهر مصطفيٰ ٽانگراج پنهنجي تقرير ۾ چيو ته سنڌ ۾ موسم ۾ اوچتو تبديلي جي ڪري روايتي فصلن کان نئين قسمن جي فصلن ڏانهن ڌيان ڏيڻ ضروري بڻجي ويو آهي.
- پاڻي معاملن جي ماهر احسان لغاري چيو ته خراب حڪمراني سبب پيدا ٿيندڙ مسئلا بہ ماحول ۾ خراب اثر وجهي رهيا آهن.
- نالي واري ماحولياتي صحافي شبينہ فراز چيو ته هاڻي قومي مفاد جي نالي تي ماحول تي رپورٽنگ کي روڪيو پيو وڃي.

پروگرام جي سهولتڪاري مشهور ٽي وي ميزبان ليليٰ نثار ڪئي. جڏهن ته تقريب ۾ ناليواري ترقياتي ۽ ماحولياتي ماهر ۽ دانشور نصير ميمڻ، ليکڪ زبيده بروهي، سياسي ۽ ثقافتي تجزيہ نگار ڊاڪٽر ايوب شيخ ۽ ميڊيا پرسن قاضي آصف پڻ موجود هئا .




## سرسو جي انتظام هيٺ هلندڙ اسڪولن پاران ٻهريون سائنسي ميلو لڳايو ويو.

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) پاران پنهنجي انتظام هيٺ هلندڙ اي ايم او ۽ ڪميونٽي ڪلسٽر اسڪولن جو ٻهريون سائنس ميلو ڊسمبر 20، 2025 سرسو ڪامپليڪس سکر ۾لڳايو ويو. ميلي ۾ ڪشمور_ڪنڌڪوٽ، شڪارپور، خيرپور ۽ سکر ضلعن جي 27ڪميونٽي ڪلسٽر ۽ اي ايم او اسڪولن جي 300 کان وڌيڪ شاگردن ۽ شاگرديائين پاران حصو ورتو

اڳوڻي تعليم کاتي جي صوبائي سيڪريٽري ۽ سرسو بورڊ جي آڊٽ ڪاميٽي جي چيئرمين شفيق احمد کوسو سائنسي ميلو جو افتتاح ڪيو . هن موقعي تي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر سکر بشرا منصور، ڊاڪٽر محسن قريشي، ڊاڪٽر نويد، ڊائريڪٽر IBA ڪنڌڪوٽ، علي اڪبر ڪلهوڙو، ڊائريڪٽر پرائمري ايجوڪيشن سکر صلاح الدين اوستو، ضلعي مئنيجر سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن شڪارپور ۽ سميت تعليمي ماهرن، صحافين ۽ سماجي اڳواڻن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي. پروگرام جي آخر ۾ بهترين ماڊل قرار ڏيندڙ چئن اسڪولن کي مجتا ۽ همٿ ڏيارڻ طور پهريون انعام 15000، ٻيون انعام 10,000 ۽ ٽيون انعام 5000 سميت اسٽيم باڪس ڏنا ويا جڏهن ته خاص مهمانن کي سرسو جون يادگار شيلڊون پڻ ڏنيون ويون .



# سرسو جا مهمان

## (جنوري_ ڊسمبر 2025 ع دوران سرسو ۽ ڪميونٽي ادارن ڪي وزٽ ڪندڙ اهم ادارا ۽ شخصيتون)

### شڪارپور/ جون 11، 2025

غربت جي خاتمي ۽ سماجي تحفظ واري وزارت _ حڪومتِ پاڪستان جي ڊپٽي سيڪريٽري حنيف احمد چاچڙ پاران سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن جو دورو ڪيو. ان موقعي تي سرسو چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر، محمد ڏتل ڪلهوڙو ، جنرل مئنيجر مائڪرو فنانس شازيہ زبير ۽ پروگرام مئنيجر اين پي جي پي سائرا راجپوت سان ملاقاتون ڪيون ۽ غربت جي خاتمي لاءِ رٿائن تي غور ويچار پڻ ڪيو ويو.



ان دوري دوران ڊپٽي سيڪريٽري ڳوٹ پرڪڻ تعلقو لکي ضلعوشڪارپور ۾ ڪميونٽي ادارن جي عورتن ۽ غربت جي خاتمي جو قومي پروگرام (نيشنل پاورٽي گر يجوئيشن پروگرام _ اين پي جي پي ) مان فائدو حاصل ڪندڙن سان ڪميونٽي ڊائيلاگ ۾ شرڪت ڪئي. ڳالهہ ٻولهہ ۾ اين پي جي پي پروگرام جي اهم ڪاميابين ۽ اثرن تي تفصيل سان بحث مباحثو ڪيو ويو.

عورتن پاران جوڙيل مهراڻ ڪوآپريٽو سوسائٽي جو دورو ڪيو، جتي هن انهن عورتن جي ڪاروباري جذبي جي تعريف ڪئي جن پائلٽ ڪاروباري منصوبو شروع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي.



### سرسو ڪامپليڪس سکر/ فيبروري 26، 2025

پاڪستاني ميڊيا جي ناليوارن صحافين امبر رحيم شمسي، عبداللّٰه سلطان ۽ اويس مگلوالا سرسو ڪامپليڪس سکر ۾ هنر مند عورتن جي هنر جي مارڪيٽنگ لاءِ قائم ڪيل سرتيون سنگ جو دورو ڪيو. دوري جو مقصد سرسو ۽ ان جي هٿرادو هنرن جي واڌاري ذريعي عورتن ڪي بااختيار بڻائڻ ۽ غربت گهٽائڻ وارين سرگرمين بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ هئي. سرسو جي ڪرافٽس انٽرپرائيز ڊولپمينٽ شعبي جي مئنيجر رياض جلا لاٽي ۽ سينيئر مئنيجر_ ايڊمنسٽريشن شاهزيب حسين مهر سندن آڌرڀاءَ ڪيو ۽ کين سرتيون سنگ مرڪز پڻ وزٽ ڪرايو.

صحافين سرسو پاران هنر مند عورتن سان ڪم ڪرڻ ۽ انهن جي هنرن جي واڌاري لاءِ ڪيل ڪم ۽ طريقڪار بابت ڄاڻ حاصل ڪئي ۽ وڪرو لاءِ رکيل هنرن جي تعريف ڪئي. سرسو جي بهتر مارڪيٽنگ واري حڪمت عملي جي تعريف ڪندي چيو تہ يقينن ان ذريعي عورتن ڪي سندن محنت ۽ هنر جو بهتر اجورو ملي سگهندو ۽ سندن معاشي حالتن ۾ بهتري اچي سگهي ٿي.



### بدين / فيبروري 28، 2025

ميمبر سنڌ اسيمبلي (ايم پي اي) ۽ وزير اعليٰ سنڌ انفارميشن جي خاص صلاحڪار سميتا سيد، ڳوٺ غلام محمد هاليپوٽو تعلقي ماتلي ضلعو بدين ۾ ڪوٽايل عورتن جي ڳڏجاڻي ڪي خطاب ڪندي چيو تہ ”سنڌ حڪومت چيئرمين پاڪستان پيپلز پارٽي محترم بلاول ڀٽو زداري جي غربت گهٽائڻ ۽ سنڌ جي پنتي پيل عوام ڪي خوشحال بڻائڻ واري خواب جي ساڀيان لاءِ مختلف حڪمت عملين تي عمل ڪري رهي آهي. جنهن ۾ عوام جي غربت گهٽائڻ جو پروگرام _ People's Poverty Reduction Program) (PPRP بہ هڪ آهي.“

سميتا سيد، بدين ضلعي جي دوري دوران ڳوٺ ڪرشن ٺاڪر يونين ڪائونسل غلام محمد هاليپوٽو ۾ لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن (ايل ايس او) سان گڏجاڻي ۾ ڳالهائيندي چيو ته ”عورتن کي سگهارو بڻائڻ ڪانسواءِ ٻهراڙين ۾غربت گهٽائڻ ۽ ترقي جو مقصد حاصل نٿو ڪري سگهجي. ان ڪري سنڌ حڪومت سرسو سان گڏجي عورتن کي معاشي طور سگهارو بڻائڻ لاءِ عملي ڪم ڪري رهي آهي.“

محترمه سميتا سيد حيدر آباد ريجن جي ريجنل جنرل مئينجر خادم حسين شر ۽ ڊسٽرڪٽ مئنيجر احمد خان سومرو سان گڏجي ڳوٺ ۾ ڪوٺايل گڏجاڻي ۾ شرڪت لاءِ پهتي. گڏجاڻي ۾ ايل ايس او جي صدر سپني مهمانن کي پليڪار ڪيو ۽ ايل ايس او ۽ پي پي آر پي جي سرگرمين بابت ڄاڻ مهيا ڪئي. گڏجاڻي ۾ پي پي آر پي جي مختلف سرگرمين جنهن ۾ گهٽ لاڳت واري گهرن، بغير وياج قرض، هنري سکيا ۽ ڪاروباري قرضن مان فائدو حاصل ڪندڙ عورتن پنهنجي ڪاميابين جون ڪهاڻيون ٻڌايون، جنهن سبب سندن جي زندگي ۽ روزگار ۾ بهتري آئي.

ان موقعي تي هن فائدو حاصل ڪندڙن پاران لڳايل اسٽال ۽ تعمير ٿيل گهر گهمي ڏٺا. محترمه سميتا سيد عورتن جي اعتماد، همٿ ۽ جذبي جي تعريف ڪئي ۽ سرسو پاران ڪميونٽي ادارن جي قيام ۽ ان ذريعي ڳوٺاڻي ترقي ۽ غربت گهٽ ڪرڻ لاءِ عورتن سان گڏجي ڪم ڪرڻ تي جس ڏنو.






عمر ڪوٽ / جنوري 22، 2025

گڏيل قومن جي فوڊ اينڊ ايگريڪلچر آرگنائيزيشن (يو اين_ ايف اي او) جي وفد، جيڪو محترمه ايني ڪلروي، ظهور پليجو ۽ امير بخش عباسي تي مشتمل هو، سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) پاران ضلعي عمرڪوٽ ۾ هلندڙ سرگرمين جو دورو ڪيو. انهن ڳوٺ ڪڇ جو ٽڙ يونين ڪائونسل سکرو ۾ هلندڙ فارمر فيلڊ اسڪول وزٽ ڪيو.هي هاري اسڪول سرسو پاران ايف اي او جي سهڪار سان ڪلائيميٽ ريزيلينٽ رينج مئينجمينٽ جي موضوع تي 10 ڏينهن جي ڪرايل تربيت مان فائدو ڪندڙ هلائي رهيا آهن. منقعد ڪيل ڪميونٽي گڏجاڻي دوران تربيت حاصل ڪيل ۽ تربيت ۾ شامل ڳوٺاڻن سان ڳالهه ٻولهه ۾وفد سکيا بابت معلومات حاصل ڪئي ۽ عملي سکيا جو جائزو پڻ ورتو.وفد ڪميونٽي سان ملي ڪري تمام گهڻي خوشي محسوس ڪئي ۽ انهيءَ موقعي تي وفد کي معلومات پڻ ڏني وئي ته تربيت حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ ڪميونٽي ورڪر هيٺين سطح تي هارين ۽ ڳوٺاڻي آبادي سان سکيا جو عمل جاري رکيو آهي، ته جيئن ماحولياتي اثرن کي بهتر طور منهن ڏيڻ لاءِ زمين جي تياري ۽ فصل پوکي غربت کي گهٽ ڪري سگهي زندگي گذاري سگهن.





سانگھڙ/ مئي 22، 2025

عالمي ادارن ۽ سنڌ حڪومت جي وفد، ضلعي سانگھڙ جي ڳوٺ سرفراز راڄڙ تعلقو کپرو ۾ عوام جي غربت گھٽائڻ جي پروگرام (PPRP) هيٺ هلندڙ سرگرمين جودورو ڪيو. وفد ڪميونٽي پاران منعقد ڪيل گڏجاڻي ۾ شرڪت ڪئي، جتي وفد ڪاروباري عورتن سان منصوبي جي سرگرمين ۽ آمدني جي ذريعن ۾ پيش ايندڙ ڏکائين ۽ بهتري بابت ڳالھ ٻولھ ڪئي . وفد ۾ جوهانه ڪنوئيس (اي ايس پي پروگرام هيڊ GIZ)، مريم (يورپين يونينEU)، سرفراز راڄڙ (صوبائي وزير) ۽ محمد مزمل (سيڪريٽري سوشل پروٽيڪشن سنڌ حڪومت) شامل هئا. جڏهن تہ سرسو پاران ريجنل جنرل مئنيجر حيدرآباد خادم حسين شر ۽ ڊسٽرڪٽ مئنيجر نثار ميمڻ وفد جي رهنمائي ڪئي.

ڪميونٽي گڏجاڻي ۾ سرسو جي جوڙيل ڪميونٽي ادارن جون اڳواڻ عورتون، ڪاروبار ڪندڙ ۽ ٻين سرگرمين مان فائدو حاصل ڪندڙن شرڪت ڪئي ۽ وفد انهن سان تفصيل سان پروگرام جي اثرن بابت گڏيل بحث مباحثو ڪيو.

سنڌو لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن (ايل ايس او)جي صدر پي پي آر پي جي اهم سرگرمين جهڙوڪ؛ غربت جي درجہ بندي واري سروي، تنظيمون جوڙڻ، تنظيمي صلاحيت جي سکيا، بغير وياج قرض، گھٽ لاڳت گھرن جي تعمير، هنري سکيا وغيره بابت وفد کي آگاهي ڏني. ان موقعي تي پروگرام مان فائدو حاصل ڪندڙ عورتن پنهنجي ڪاميابين جون ڪهاڻيون پڻ ٻڌايون ۽ ان دوران پيش آيل رڪاوٽن جو بہ ذڪر ڪيو. ايل ايس او پاران پنهنجي مدد پاڻ ورتل اپائن جنهن ۾مقامي چونڊيل نمائندن ۽ سرڪاري ادارن سان پيروڪاري ذريعي ڳوٺن ۾ تعليم، صحت، صاف پاڻي، عورتن جي حقن ۽ ٻيا مسئلا حل ڪرايا.

آخر ۾ وفد پروگرام مان فائدو حاصل ڪندڙ ڪاروباري ۽ هنرمند عورتن پاران لڳايل اسٽال گھمي ڏٺا ۽ انهن سان ڳالھ ٻولھ ڪري وڌيڪ معلومات حاصل ڪئي ۽ پروگرام جي اثرن ۽ ڪاميابيءَ جو جائزو ورتو.





سکر/ مئي 19، 2025

محترم شهاب صديقي سينيئر سپرينڊنٽ آف پوليس (ايس ايس پي) سينٽرل جيل سکر، سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن جو دورو ڪيو. چيف ايگزيڪيٽو آفيسر سرسو محترم محمد ڏتل ڪلھوڙو سندس آڌرڀاءَ ڪيو. دوري جو مقصد سرسو بابت معلومات حاصل ڪرڻ خاص طور تي هنري سکيا جي ڪم ۽ ان حوالي سان سهڪار حاصل ڪرڻ هو. سي اِي او سرسو ڪيس آرگنائيزيشن جو تعارف ڪرايو ۽ هلندڙ منصوبن ڪان پڻ آگاھ ڪيو تہ ڪيئن سرسو ٻهراڙيءَ جي غريب ترين خاندانن خاص طور عورتن کي سگھارو بڻائي غربت گھٽائڻ ۽ ڳوٺاڻي ترقيءَ لاءِ ڪم ڪري رهي آهي.

هن سرتيون سنگ آئوٽ جو دورو ڪيو ۽ ان بابت تفصيل سان معلومات حاصل ڪئي. ان موقعي تي سرسو ۽ سکر سينٽرل جيل وچ ۾ سهڪار وڌائڻ جو فيصلو ڪيو ويو. جنهن ۾ قيدين جي هنري سکيا ۽ انهن جي هنري شين جي ترقي ۽ واڌاري لاءِ گڏيل سهڪار ۽ خدمتون مهيا ڪرڻ تي راضپو ڏيکاريو ويو.



حيدرآباد/ اپريل 16، 2025:

ورلڊ بئنڪ جي وفد ۽ سيڊا ٽيم سنڌ واٽر اينڊ ايگريڪلچر ٽرانسفارميشن (سوات) پروجيڪٽ هيٺ ڳوٺ گلاب لغاري، يو سي 5 حيدرآباد ضلعي ۾ هلندڙ سرگرمين جوجائزو وٺڻ لاءِ دورو ڪيو. وفد ۾ محترم نصير ميمڻ (ڪنسلٽنٽ ورلڊ بئنڪ)، اصغر مهيسر (جنرل مئنيجر سيڊا)، شفيق الرحمان جامڙو (ريسيٽلمينٽ اسپيشلسٽ سيڊا ) ۽ ٻيا شامل هئا. جڏهن تہ سرسو جي پروجيڪٽ ٽيم ليڊر عذرا ڪلھوڙو وفد جي رهنمائي ڪئي.

دوري دوران وفد تعمير ٿيل گهر گهمي ڏٺا. فائدو حاصل ڪندڙ گهراڻن جي عورتن سان ملاقاتون ڪيون ۽ ڪارڪردگي جو جائزو پڻ ورتو گهراڻن کي وقت سر پئسن جي ادائيگي، ريگيولر نگراني ۽ سماجي تحرڪ کي جاري رکڻ تي اتفاق ڪيو ويو.



### نوشهرو فيروز ۽ شهيد بينظير آباد / اپريل 3، 2025

محترم پرويز احمد چانڊيو (ڊائريڪٽر جنرل) ۽ عابد حسين مهر (پروگرام اسسٽنٽ) پيپلز پاورٽي ريڊيڪشن پروگرام (پي پي آر پي) ڊائريڪٽوريٽ سنڌ حڪومت جي عوام جي غربت گھٽائڻ جو پروگرام (پي پي آر پي-3) هيٺ هلندڙ پاورٽي اسڪور ڪارڊ سروي (پي ايس سي) جو جائزو وٺڻ جي جائزي وٺڻ لاءِ ضلعي نوشهرو فيروز ۽ شهيد بنيظير آباد ضلعن جو دورو ڪيو ۽ ٽيمن جي ڪم جو مشاهدو ڪيو. سروي ٿيل گهرن جو دورو ڪيو ۽ هلندڙ سروي بابت معلومات ورتي. سرسو- ايم اِي آر يونٽ سکر جي مئنيجر شاهد حسين ابڙو ٽيم جي دوري ۾ مدد ڪئي.

ڊي جي - پي پي آر پي سروي جي ڪم جو مشاهدو ڪيو. سروي ٽيم کي ڪم دوران پيش ايندڙ ڏکائين بابت جاڻ حاصل ڪئي ۽ سرسو جي نگرائي ۽ جائزي جي نظام جو جائزو ورتو. پاڻ سرسو جي ڪم کي وقت سر مڪمل ڪرڻ تي زور ڏنو



### خيرپور ميرس / جون 18، 2025

نالي واري سماجي، ثقافتي ۽ سياسي تجزيہ نگار ۽ سي اِي او ليبر ٽي وي ڊيجيٽل چئنل ڊاڪٽر ايوب شيخ چيف ايگزيڪٽو آفيسر سرسو محمد ڏتل ڪلهوڙو سان گڏجي ضلعي خيرپور ميرس جي تعلقي نري ميرواهه جي مختلف ڳوٺن جو دورو ڪيو. سنڌ حڪومت ۽ مالٽيزر انٽرنيشنل جي مالي مدد سان هلندڙ منصوبا گهمي ڏٺا. فائدو حاصل ڪندڙن سان ملاقاتون ڪيون ۽ ڪميونٽي ادارن جي عورت اڳواڻن سان گڏجاڻي ڪئي.

وفد تعمير ٿيل جانورن جي جڳهن، نرسريون ، ٽنل فارمنگ، ايس پي ايڇ ايف جا پڪا گهر ۽ ساين پاڇين جا گهريلو فارم گهمي ڏٺا. هنن فائدو حاصل ڪندڙن جا انٽرويوز ڪيا۽ سندس زندگين ۾ آيل تبديلي بابت پڇا ڪئي.

ان موقعي تي لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن (ايل ايس او) يونين ڪائونسل هنديري جي ڪميونٽي ادارن جي نمائندن سان گڏجاڻي ڪئي. ايل ايس او اڳواڻ يو سي ۾ هلندڙ منصوبن بابت ڪيس جاڻ ڏني. فائدو حاصل ڪندڙن پنهنجون حاصل ڪيل ڪاميابيون ٻڌايون ۽ سرسو جي سرگرمين جي نتيجي ۾ سندن زندگين ۾ آيل بهتري بابت ويچار ونڊيا.



تعليم ۽ تربيت

# موسمياتي تبديليءَ بابت عالمي، وفاقي ۽ صوبائي قانون سازي

## (Global, Federal and Provincial level Legislation for Climate Change)




ز بير سومرو

مئنيجر سرسو _هيومن ريسورس ڊولپمينٽ، هيڊ آفيس سکر


دنيا جا سمورا ماهر انهيءَ ڳالهه تي متفق آهن تہ ڌرتيءَ جي گولي (Earth Planet) کي موسمياتي تبديليءَ جو خطرو، هن وقت دنيا جي وڏن مسئلن مان هڪ اهم مسئلو بڻجي چڪو آهي، جنهن بابت عالمي ادارا حرڪت ۾ آيا آهن. گڏيل قومن (UN)جي فورم تان هڪ سگهارو آواز آيو آهي ۽ بين الاقوامي ڌريون پڻ سنجيدگيءَ سان غور ويچار ڪري رهيون آهن. پاڪستان ۾ پڻ وفاقي ۽ سنڌ ۾ صوبائي سطح تي مؤثر قانون سازي شروعات واري مرحلي آهي. گهٽ ۾ گهٽ چئي ايترو ضرور چئي سگهجي ٿو تہ پاڪستان ۾ ڪلائيميٽ چينج بابت هڪ مباحثي جنم ورتو آهي ۽ ان بابت قانون سازيءَ جو آغاز ٿي چڪو آهي.

هن مختصر مضمون ۾ موسمياتي تبديليءَ بابت قانوني جوڙجڪ ۽ پاليسي فريم ورڪ جو جائزو ورتو ويو آهي، جن ۾ عالمي معاهدا، پاڪستان جي وفاقي حڪومتي پاليسيون ۽ خاص طور تي سنڌ حڪومت جي موسمياتي تبديلي پاليسي شامل آهن. ان تجزيي دوران پاليسين ۾ موجود خاميون، رابطاڪاري جي کوٽ، مالي وسيلن جي اڻهوند ۽ صنفي برابري جي گهٽتائي جي نشاندهي ٿيل آهي ۽ ڪجهہ اوڻائين جي سڌارن لاءِ تجويزون پيش ڪيون ويون آهن .

موسمياتي تبديلي هڪ اهڙو عالمي بحران آهي، جنهن جا اثر دنيا جي ڪيترن ملڪن جي مختلف علائقن تي مختلف انداز سان پئجي رهيا آهن ۽ انهن علائقن جي جاگرافي، ماحولياتي نظام ۽ سماجي ۽ معاشي حالتن کي سخت متاثر ڪري رهيا آهن.آرڪٽڪ خطي ۽ ڌرتيءَ جي گولي جي اترادي علائقن ۾ گرميءَ جي شرح، دنيا جي ٻين علائقن کان مختلف آهي، جنهن سبب برفاني پهاڙ ۽ گليشيئر تيزيءَ سان ڳري رهيا آهن ۽ سمنڊن جي سطح وڌي رهي آهي.آفريڪا، ڏکڻ ايشيا ۽ ڏکڻ آمريڪا جي علائقن ۾، شديد گرمي، ڊگهي عرصي جا ڏڪار ۽ ٻوڏن جا وڌندڙ واقعا عام ٿي ويا آهن، جيڪي زراعت، پاڻيءَ جي فراهمي ۽ صحت تي سخت اثر وجهن ٿا. مالديپ جهڙن ننڍن ٻيٽن وارا ملڪ وڏيڪ خطري هيٺ آهن، جتي سمنڊ جي سطح وڌڻ، سامونڊي ڪنارن جو سڪڙجڻ ۽ طوفانن جي شدت قدرتي آفتن جي خطرن کي وڌائي ڇڏيو آهي مناسب آبهوا وارن علا ئقن _ اتر آمريڪا، يورپ ۽ اوڀر ايشيا ۾، موسم جي بي ترتيبي، ٻوڏ، ٻيلن کي باهيون ۽ سخت گرمي جا موسمياتي خطرا وڌي رهيا آهن، جيڪي صحت، خوراڪ ۽ بنيادي ڍانچي تي اثرانداز ٿين ٿا. وچ اوڀر ۽ وچ ايشيا جي ويران ۽ ريگستاني علائقن ۾ پاڻيءَ جي کوٽ، سوڪهڙي ۽ زراعت جي تباهہ حاليءَ سبب معاشي ۽ سماجي زوال وڌي رهيو آهي، جنهن سبب مقامي آباديون لڏپلاڻ ڪري رهيون آهن. پهاڙي علائقن ۾ گليشيئرس جو گهٽي مقدار ۾ پگهرڻ هڪ وڏو مسئلو بڻجي چڪو آهي، جنهن نہ رڳو مقامي ماحول تي بلڪہ درياهن جي هيٺاهين وهڪرن تي پڻ اثر ڇڏيو آهي.اگر دنيا جي ٻيلن وارن علائقن جي ڳالهہ ڪجي تہ ايمازون، ڪانگو ۽ ڏکڻ اوڀر ايشيا جا ٻيلا، ڏڪار ۽ باهين سبب شديد متاثر ٿي رهيا آهن، جن سان نہ رڳو ماحول مان ڪاربان جذب ڪرڻ جي صلاحيت گهٽجي رهي آهي پر حياتياتي واڌ ويجهہ بہ خطري هيٺ اچي وئي آهي. هيءَ سموري منظر ڪشي اهو پئي ٻڌائي تہ جيتوڻيڪ موسمياتي تبديلي عالمي مسئلو آهي پر ان جا نتيجا گهڻو ڪري مقامي سطح جا آهن ۽ انتهائي خطرناڪ آهن.

موسمياتي تبديليءَ جي حوالي سان، سنڌ پاڪستان جو هڪ حساس صوبو آهي، جتي گرمي پد جو وڌڻ، برساتين جي غير يقيني ۽ بي ترتيبي، گرمي جي شديد لهر، ڏڪار ۽ تباهہ ڪن ٻوڏ جا واقعا معمول بڻجي ويا آهن. ان پس منظر ۾، هرقسم جي حڪومتي سطح تي اثرائتي قانون سازيءَ جي ضرورت، تمام وڏي اهميت اختيار ڪري چڪي آهي.

بين الاقوامي موسمياتي تبديليءَ بابت قانون سازي ۽ فريم ورڪ :بين الاقوامي سطح تي موسمياتي تبديليءَ جي مسئلي کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪيترائي قانوني ۽ پاليسي فريم ورڪ لاڳو ڪيا ويا آهن. 1992ع ۾ ”ريو ڌرتي اجلاس“(Rio Earth Summit)دوران گڏيل قومن جو موسمياتي تبديلي فريم ورڪ (United Nations Framework Convention on Climate Change_ UNFCCC)منظور ٿيو، جيڪو عالمي سطح تي موسمياتي بحران خلاف سهڪار جي شروعاتي قدم طور سامهون آيو.

ان کانپوءِ، 1997ع ۾ ”ڪيوٽو پروٽوڪول“(Kyoto Protocol) سامهون آيو. هي هڪ بين الاقوامي معاهدو آهي، جيڪو جاپان جي شهر ڪيوٽو ۾ منظور ڪيو ويو ۽ 2005ع ۾ لاڳو ٿيو. هي معاهدو اقوام متحده جي موسمياتي تبديليءَ بابت فريم ورڪ ڪنوينشن (UNFCCC) جي تحت تيار ڪيو ويو.

جنهن جو مقصد عالمي سطح تي گرين هائوس گئسن جي نيڪال کي گهٽائڻ هو. ڪيوٽو پروٽوڪول تحت ترقي يافته ملڪن تي قانوني طور لازمي بڻايو ويو ته اهي 1990 جي سطح جي مقابلي ۾ 2008ع کان 2012ع تائين پنهنجي اخراج کي سراسري طور 5.2 سيڪڙو تائين گهٽائن.هي معاهدو”گڏيل پر مختلف ذميوارين (Common But Differentiated Responsibilities) جي اصول تي ٻڌل هو، جنهن موجب ترقي يافتا ملڪَ موسمي تبديلي جا وڏا ذميوار آهن، تنهن ڪري انهن کي اڳواٽي جو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي. 2012ع کان 2020ع تائين لاءِ هڪ ٻيو مرحلو پڻ تجويز ڪيو ويو، جنهن کي دوحا ترميم (Doha Amendment) چون ٿا، جيڪو مڪمل طور تي لاڳو نہ ٿي سگهيو. هن قانون موسمياتي تبديليءَ جي حوالي سان عالمي سطح تي هڪ بنيادي پيڙهه جو پٿر رکيو، جنهن جي نتيجي ۾ بعد ۾ وڌيڪ پيرائتو معاهدو پئرس معاهدو (2015ع) سامهون آيو، جنهن ۾ ترقي ڪندڙ ملڪن کي پڻ ذميواريون ڏنيون ويون..

2015ع ۾ پئرس معاهدو (Paris Agreement) پيڙهه جي پٿر جي اهميت حاصل ڪري گوءِ ڪٽي ويو، جنهن ۾ ترقي يافتا ۽ ترقي ڪندڙ ملڪن ـ ٻنهي کي عالمي گرمي کي 2 سينٽي گريڊکان گهٽ رکڻ ۽ قومي سطح تي مقرر ڪيل هدفن NDCs (Nationally Determined Contributions) مالي مدد ۽ شفافيت لاءِ فريم ورڪ اختيار ڪرڻ جو پابند بڻايو ويو. بهرحال، انهن معاهدن ۾ بہ ڪجهه اُوڻائيون موجود آهن، جيئن (Nationally Determined Contributions ـ NDCs) تي عمل درآمد لاءِ پابند ڪندڙ بنيادي گهرجن جي کوٽ ۽ ترقي ڪندڙ ملڪن لاءِ مالي مدد جي گهٽتائي ۽ نقصان وارن علائقن لاءِ واضح پاليسي جو نہ هجڻ وغيره اهم آهن.

پاڪستان ۾ موسمياتي تبديليءَ بابت قانون سازي ۽ فريم ورڪ:

پاڪستان ۾ وفاقي سطح تي موسمياتي تبديلي (Climate Change)بابت قانونسازيءَ جو اهم قدم 2012ع ۾ قومي موسمياتي پاليسي(National Climate Change Policy)جي صورت ۾ کنيو ويو، جيڪو بعد ۾ 2021ع ۾ نئين سر سڌاريو سنواريو ويو. انهيءَ پاليسي کي ملڪ ۾ موسمياتي تبديليءَ جي وڌندڙ خطري کي نظر ۾ رکندي، هڪ اهڙي حڪمت عملي تيار ڪئي وئي، جنهن جا اهم نڪتا هيٺ ڏجن ٿا:

1. جامع ۽ پيرائتو لاڙو:

2. هي پاليسي اخراج ۾ گهٽتائي(mitigation)، موافقت (adaptation)، آفتن جي خطري ۾ گهٽتائي (Disaster Risk Reduction ـ DRR)، صلاحيتن جي واڌاري (capacity building)، شعور وڌائڻ ۽ حڪمرانيءَ کي گهڻ پاسائين فريم ورڪ ۾ شامل ڪري ٿي، جيڪا موسمياتي تبديلي جي ڏکيائين کي منهن ڏيڻ ۾مدد ڪري.

3. عالمي معاهدن سان هڪ جهڙائي:

هي پاليسي اقوام متحده جي موسمياتي تبديلي بابت فريم ورڪ ڪنوينشن (United Nations Framework Convention on Climate Change ـ UNFCCC)، ڪيوٽو پروٽوڪول ۽ پئرس معاهدي سميت ڪيترن ئي بين الاقوامي معاهدن سان هم آهنگ آهي، جيڪا پاڪستان جي طرف کان عالمي ذميواريءَ کي ظاهر ڪري ٿي.

4. موسيماتي تبديلي خلا ف مزاحمتي صلاحيتن تي ڌيان:

هي پاليسي پاڪستان کي موسمياتي تبديليءَ جي حوالي سان انتهائي خطري وارن ملڪن ۾ شامل ڪري ٿي ۽ زراعت، پاڻي ۽ آفتن سان متاثر ٿيندڙ علائقن جي آبادين کي سهپ ۽ مزاحمت (Resilience) وڌائڻ کي ترجيح ڏئي ٿي.

5. قدرتي بنيادن تي حل اختيار ڪرڻ:

هن پاليسي ۾ ٻيلن جي بحالي، حياتياتي واڌ ويجهه جي تحفظ (bio diversity conservation) ۽ ماحولياتي نظام جي بچاءَ (ecosystem protection) تي زور ڏنو ويو آهي، جن ۾ سؤ ڪروڙ وڻ پوکڻ جي منصوبي (Billion Tree Afforestation Project ـ BTAP) جهڙا اهم قدم شامل آهن.

6. ترقياتي منصوبا بنديءَ ۾ موسمياتي تبديليءَ جي شموليت:

هي پاليسي موسمياتي تبديليءَ کي پاڻي، توانائي، صحت ۽ زراعت جي شعبن ۾ وفاقي ۽ صوبائي سطح تي ترقياتي منصوبا بنديءَ ۾ شامل ڪرڻ لاءِ همٿائي ٿي.

7. صوبن جي اهميت جو اعتراف:

18آئيني ترميم کان پوءِ، هي پالسي صوبائي خود مختياريءَ جي حق کي تسليم ڪندي، صوبن کي پنهنجون موسمياتي پاليسيون جوڙڻ لاءِ همٿائي ٿي، جيئن مقامي مسئلن جو مؤثر حل نڪري سگهي.

8. صنفي حساسيت:

هن پاليسيءَ ۾ عورتن جي موسمياتي خطرن جي حساسيت جو اعتراف ڪيو ويو آهي ۽ صنفي طور حساس حڪمت عملين (gender_responsive strategies) تي زور ڏنو ويو آهي.

9. جديد ٿيڻ جوڳي توانائي جي حمايت:(Renewable Energy)

هي پاليسي جديد ٿيڻ جوڳي توانائي جي بچت ۽ گهٽ ڪاربان استعمال ڪرڻ لاءِ همٿائي ٿي.

10. تعليم ۽ نوجوانن جي شراڪت:

پاليسي ۾ تعليمي نصاب ۾ موسمياتي تبديليءَ جي شموليت ۽ نوجوانن ۾ جاڳرتاتي زور ڏنو ويو آهي.

11. تعليم ۽ نوجوانن جي شراڪت:

پاليسي ۾ تعليمي نصاب ۾ موسمياتي تبديليءَ جي شموليت ۽ نوجوانن ۾ جاڳرتا پيدا ڪرڻ تي زور ڏنو ويو آهي.

گهٽ وڌايون:

هن پاليسي کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ ڪجهه ڪميون پيشيون پڻ موجود آهن، مثال طور، ان پاليسيءَ ۾ قانوني پابنديءَ وارو نظام موجود ناهي، صوبن سان رابطاڪاري جي شديد کوٽ آهي ۽ مالي وسيلن جي اڻاٺ بہ وڏي رنڊڪ بڻيل آهي.ان علاوه 2017ع ۾ ڪلائيميٽ چينج ايڪٽ لاڳو ڪيو ويو، جنهن تحت پاڪستان موسمياتي تبديلي ڪائونسل (Pakistan Climate Change Council ـ PCCC) ۽ پاڪستان موسمياتي تبديلي اٿارٽي (Pakistan Climate Change Authority) جي قيام جو اعلان ڪيو ويو، پر بدقسمتيءَ سان 8 سالن جي عرصي گذرڻ کان پوءِ اڄ تائين بہ اٿارٽي ڪا خاص سرگرم ناهي. ان کان سواءِ هن قانون سازيءَ جي مرڪزي طرز جي حڪمت عملي، صوبائي صورتحال کان ڪٽيل آهي،

جڏهن ته پائدار ترقيءَ جي مقصدن (Sustainable Development Goals _ SDGs) ۽ مقامي ضرورتن سان ڳانڍاپو به محدود سطح جو آهي. نتيجي طور، وفاقي سطح تي موجود پاليسيون موسمياتي خطري کي منهن ڏيڻ جو ارادو ته رکن ٿيون پر عمل درآمد جي لحاظ سان انتهائي ڪمزور آهن

سنڌ ڪلائيميٽ چينج پاليسي:

سنڌ پاڪستان جو پهريون صوبو آهي، جنهن 2022ع ۾ موسمياتي تبديليءَ (Climate Change) بابت باقاعده سنڌ موسمياتي تبديلي پاليسي (Sindh Climate Change Policy 2022) لاڳو ڪري هڪ اهم قدم کنيو جيڪو ٻين صوبن لاءِ نموني طور ڪم اچي سگهي ٿو. هن پاليسي ۾ موسمياتي خطرن کي منهن ڏيڻ جي حوالي سان شهرين ۾ موسمياتيخطرن جي سهپ (Urban Resilience)، ساموندي علائقن جي تحفظ، جديد ٿيڻ جوڳي توانائي جي واڌاري، ماحولياتي بنيادن تي موافقت (Ecosystem_based Adaptation) ۽ گرميءَ جي شديد لهر سميت ٻوڏ جي اثرن جي بهتر انتظامڪاريءَ کي ترجيح ڏني وئي آهي. هن پاليسيءَ ۾ سنڌ جي خاص موسمي، زميني، ساموندي ۽ وسيلن جي حقيقتن کي نظر ۾ رکندي ترجيحون طئي ڪيون ويون آهن. سنڌ صوبي جي پاليسي ۾ ٻهراڙين ۾ ڪاروبار، زراعت ۽ پاڻيءَ جي تحفظ بابت به حڪمت عملي شامل آهي ان ڪان سواءِ عورتن، ٻارن، معذور ماڻهن ۽ مقامي ماڻهن جي لوڪ ڏاهپ واري ڄاڻ ۽ ضرورتن کي تسليم ڪيو ويو آهي. هيءَ پاليسي سنڌ جي ساحلي پٽي ۽ مٺي پاڻيءَ جي ذخيرن لاءِ حڪمت عملي جي پڻ نشاندهي ڪري ٿي.

سنڌ جي هيءَ پاليسي خاص طور تي SDG No. 13 (Climate Action) سان هڪجهڙائي رکي ٿي ۽ ان سان ٻين هدفن جهڙوڪ صنفي برابر، پاڻي جي فراهمي ۽ توانائيءَ سان به لاڳاپو رکي ٿي ۽ شمسي، هوائي ۽ حياتياتي توانائيءَ جي واڌاري لاءِ واضح رستا هموار ڪري ٿي. سنڌ ڪلائيميٽ چينج پاليسي عوامي آگاهي، تعليمي ادارن ۾ ماحوليات بابت مواد ۽ ميڊيا جي ذريعي شعور پيدا ڪرڻ کي اهميت ڏئي ٿي. هن پاليسيءَ ۾ اها خاصيت به آهي ته هيءَ ضلعي ۽ صوبائي سطح تي موسمياتي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ لاءِ ادارتي ڍانچو جوڙڻ جي ضرورت تي زور ڏئي ٿي.

سنڌ جي ڪلائيميٽ چينج پاليسي ۾ چڱين ڳالهين سان گڏوگڏ ڪجهه ڪميون ڪوتاهيون پڻ موجود آهن. جن مان سڀ کان اهم اها آهي ته ڪلائيميٽ چينج جي حوالي سان ڪا به صوبائي قانون سازي ناهي. ان کان سواءِ موسمياتي تبديلي لاءِ خاص ادارتي ڍانچي ۽ صلاحيت جي کوٽ، مالي وسيلن جو محدود هجڻ، مانيٽرنگ ۽ احتساب جو مؤثر نظام نه هجڻ ۽ مختلف شعبن جي پاڻ ۾ رابطاڪاريءَ جي کوٽ پڻ موجود آهي. ان کان علاوه، هن پاليسيءَ ۾ ضلعي سطح تي عمل درآمد، مقامي سطح تي منصوبابندي ۽ متاثر ٿيندڙ برادرين جي نمائندگي لاءِ مڪينزم واضح طور بيان نه ڪيا ويا آهن.

وفاقي ۽ سنڌ جي موسمياتي تبديليءَ جي پاليسين جو تقابلي جائزو:

سنڌ ۽ وفاقي سطح تي موسمياتي تبديليءَ بابت پاليسين جي ڀيٽ سان خبر پئي ٿي ته ٻنهي پاليسي جوڙجڪ، قانوني تحفظ، ادارتي نظام، مالي وسيلن، صنفي حساسيت ۽ مالي انتظام ۾ نمايان فرق موجود آهن سنڌ حڪومت پاران "سنڌ موسمياتي تبديلي پاليسي 2022" ۽ وفاقي سطح تي "قومي موسمياتي تبديلي پاليسي 2021" لاڳو آهي وفاقي پاليسي کي قانوني تحفظ حاصل آهي، جو ته اها موسمياتي تبديلي ايڪٽ 2017 جي فريم ورڪ هيٺ تيار ڪئي وئي آهي. جڏهن ته سنڌ جي پاليسي صرف هڪ رهنما دستاويز يا سهڪاري مواد آهي جنهن کي اڃا تائين ڪا به قانوني حيثيت حاصل ناهي.

ٻنهي پاليسين جي ادارتي جوڙجڪ ۾ پڻ فرق آهي سنڌ وٽ ڪلائيميٽ چينج ۽ ڪوسٽل ڊولپمينٽ جا کاتا فعال آهن پر وسيلن جي شديد کوٽ جو شڪار آهن. جڏهن ته وفاقي موسمياتي ڪائونسل ۽ اٿارٽي قائم ڪيون ويون آهن جيڪي پڻ غير فعال آهن. مالي وسيلن جي لحاظ سان، سنڌ جي پاليسي لاءِ ڪا خاص بجيٽ وغيره مخصوص نه ڪئي وئي آهي، جڏهن ته وفاق وٽ محدود فنڊ آهن، جيڪي پبلڪ سيڪٽر ڊولپمينٽ پروگرام (Public Sector Development Programme _ PSDP) ذريعي ورهايا وڃن ٿا صنفي حساسيت جي حوالي سان سنڌ جي پاليسيءَ ۾ واضح ذڪر موجود آهي پر ان تي عمل درآمد جي کوٽ آهي، جڏهن ته وفاقي پاليسي صنفي حوالي سان غير واضح آهي.

مجموعي طور، سنڌ جي پاليسي ڪجهه رخن _ خاص ڪري صنفي حساسيت جي لحاظ کان اڳڀري نظر اچي ٿي پر قانوني تحفظ، وسيلن جي فرا مي ۽ ادارتي سگهه جي کوٽ ان جي اثرائتي عملداري ۾ رڪاوٽ بڻجي رهي آهي. جڏهن ته وفاقي پاليسي قانوني بنياد تي قائم آهي، پر ادارتي فعاليت ۽ مالي خودمختياري جي کوٽ ان جي نفاذ کي محدود ڪري ٿي.

تجويزون (Recommendations)

1. سنڌ موسمياتي تبديليءَ بابت قانون جوڙيو وڃي ته جيئن پاليسي کي قانوني تحفظ حاصل ٿئي.

2. موسمياتي تبديليءَ جي حوالي سان حساس ترقياتي منصوبابندي کي هر شعبي سان ڳنڍي، ترقيءَ ۾ لازمي بڻايو وڃي.

3. ضلعي سطح تي موسمياتي منصوبابندي ۽ مقامي ڪميونٽي جي شموليت کي يقيني بڻايو وڃي.

4. تحقيق، ڊيٽا گڏ ڪرڻ ۽ ادارن جي صلاحيت وڌائڻ تي سيڙپڪاري ڪئي وڃي.

5. NDMA ۽ PDMA جي پاڻ ۾ هڪجهڙائي ۽ رابطاڪاريءَ جو نظام مضبوط بڻايو وڃي.

6. صنفي حساسيت واري پاليسين تي عمل درآمد کي ترجيح ڏني وڃي.

7. سنڌ ۾ ڪلائيميٽ چينج تي ڪم ڪندڙ اين جي اوز سان معاهدا ڪري، انهن سان گڏجي تحقيقي ۽ عملي ڪم ڪيو وڃي .

8. سنڌ جي يونيورسٽين ۾ ڪلائيميٽ چينج تي تحقيق جا ڊپارٽمينٽ کوليا وڃن ۽ شاگردن کي نيشنل ۽ انٽرنيشنل سطح تي ايم فل ۽ پي ايچ ڊيز ڪرايون وڃن .

9. سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ کي اهم ڪم ڏئي، پرائمري کان ڪاليج سطح تائين، موسمياتي تبديليءَ جي مختلف پاسن تي ماهرن کان مضمون لکرائي نصاب ۾ شامل ڪيو وڃي .

پائيدار جياپو ۽ ترقي

# گهريلو سطح تي ڀاڄيون پوکڻ جو تصور ۽ طريقو



## ڀاڄين اپائڻ لاءِ گهريلو باغيچو _ تعارف

گهريلو باغيچي ( Kitchen Gardening ) مان مراد گهر جي چوديواري اندر سبزيون پوکڻ آهي. گهر ۾ موجود اضافي زمين جي اهڙي حصي جي چونڊ ڪجي، جتي ڀاڄيون پوکڻ ممڪن هجن . روزمره جي استعمال ۾ ايندڙ سبزيون وغيره . جنهن کي اسان سادن لفظن ۾ رڌڻي جي لاءِ ڀاڄي (ڪچن گارڊنگ ) به چئون ٿا .

## ڀاڄين جي اهميت

ڀاڄيون پنهنجي غذائي ۽ طبي اهميت سبب محفوظ انساني خوراڪ سمجهيون وڃن ٿيون . انهن ۾ تندرستي يا صحت کي برقرار رکڻ ۽ جسم جي واڌ يا جسماني پرورش واسطي تمام ضروري غذائي جزا مثلا: لحميات Vitaminحياتين، Protein لوڻ Salt وغيره جھجهي مقدار ۾ ملن ٿا. جيڪي بين غذائي جنسن ۾ ٿوري مقدار ۾ هوندا آهن. ان کان علاوه سبزين ۾ معدنيات جهڙوڪ: ڪيلشيم، فاسفورس، پوٽاش، لوهه، گندرف، آئيوڊين وغيره ملن ٿا . ان ڪري طبي لحاظ کان ڀاڄين جي افاديت تمام گهڻي آهي. ڀاڄين جي تازن ڪچڙن پنن ۽ ڏانڊين ۾حياتين ۽ معدني لوڻ گهڻي تعداد ۾ ملن ٿا . جيڪڏهن ڀاڄيون تازيون ڪائجن ته اهي جسم کي تندرست رکن ٿيون . چاڪاڻ ته غذا کي متوازن رکڻ ۾ ڪيترن جزن جي ضرورت پوي ٿي . جڏهن ته وڏيڪ سائي پنن واريون ڀاڄيون پروٽين، حياتين اي ۽ سي مهيا ڪن ٿيون . ڪجھ ڀاڄيون لحميات ،نشاستي ۾ ڀرپورآهن . سبزيون يا ڀاڄيون جسم مان غليظ مادو خارج ڪرڻ ۾ مدد ڏين ٿيون. سبزيون آنڊن ۾ ڪوليسترول جي تهن جي صفائي ۽ دماغ جي طاقت لاءِ هڪ جهڙيون فائديمند آهن . ڀاڄين جي متوازن استعمال سبب اهي جسم ۾ مختلف بيماري خلاف قوت مدافعت پيدا ڪن ٿيون . غذائي ماهرن جي تحقيق مطابق انساني جسم جي بهترين پرورش ۽ واڌ لاءِ خوراڪ ۾ روزانه 85 کان 350 گرام في ماڻهو استعمال ڪرڻ تمام ضروري آهي . جڏهن ته پاڪستان ۾ اها شرح 120 گرام في ماڻهو کان به گهٽ آهي . ڀاڄين جي گهٽ استعمال جو سبب انهن جي گهٽ پيداوار ۽ ڀاڄين جو مهانگو هجڻ به آهي.

## پوکي جا طريقا

ڀاڄين کي ٻن طريقن سان پوکي سگهجن ٿيون. ٻج وسيلي ۽ ٻيجارو يا نرسري ذريعي ڀاڄيون پوکي سگهجن ٿيون .

ٻج وسيلي پوکڻ واريون ڀاڄيون: سياري جي موسم ۾ موري، گجر، گوگڙو، مٽر، پالڪ، هربو، وغيره پوکي سگهجن ٿيون. جڏهن ته ٻيندي، توري، ڪدو، ڪريلا، ميها ۽ ونگا ٻج وسيلي پوکي سگهجن ٿا . ٻيجارو يا نرسري ذريعي پوکڻ واريون ڀاڄين جي طريقي وسيلي ڀاڄين جو ٻج سڌو سنئون ٻني ۾ لڳائڻ کان پهرين ان جو ٻيجارو تيار ڪبو آهي، ۽ لڳ ڀڳ مهيني کن جي ٻيجاري کي ڪڍي جتي گهريلو باغيچي لا ۽ تيار ڪيل زمين تي لڳائبو آهي . سياري ۾ گل گوبي، بصر جڏهن ته اونهاري ۾ ٽماٽو، واڱڻ، مرچ وغيره ٻيجاري ذريعي پوکي سگهجن ٿيون .

## ٻيجارو پوکڻ جو طريقو

- زمين ۾ ننڍيون ننڍيون ٻاريون ٺاهي پوکڻ.
- ٻيجاري لاءِ چونڊيل زمين ۾ 3 فٽ ڊگهيون، 2.5 ويڪريون هجن .
- زمين جي پٽرن کي پور پور ڪري ان مان ڪک پن چونڊي ٻارين کي هموار ڪجي .
- ٻارين جي ٻنن کي مضبوط ڪجي ته جئين ان جي مٿان هلندي ڦوهاري جي مدد سان آساني سان پاڻي ڏيئي سگهجي .

گهريلو باغيچو ٺاهڻ وقت هينين ڳالهين جو خاص خيال رکڻ گهرجي

- زمين ڪيتري آهي .
- ڪٽنب کي ڪيتري ضرورت آهي .
- پاڻي جي موجودگي ڪيتري آهي .
- باغيچن لاءِ جڳهه جي چونڊ گهر جي اندر ڪئي به ڪري سگهو ٿا، اگڻ / رڌڻي پنيان يا پاسي ۾ ڪجي جتي پالتو جانورن جي اچ وڃ گهٽ هجي، ته جيئن اهي نقصان کان بچي سگهي .
- ان ڳالهه جو به خيال رکجي ته ڪهڙي موسم ۾ ڪهڙيون ڀاڄيون پوکي سگهجن ٿيون .
- مختلف ڀاڄين جي لاءِ ڪيتري ٻج جي ضرورت پوندي .
- انهي لاءِ ڪٽنب جي پسند کي به نظر ۾ رکي سگهجي ٿو .

## زمين جي چونڊ ۽ خاصيتون

- ڀاڄين جي لاءِ لٽياسي ۽ واريا سي زمين هجي، جنهن ۾ پاڻي گهڻي دير تائين وٽ رهڻ جي صلاحيت هجي .
- زمين هموار ۽ زرخيز هجي جتي پاڻي به آساني سان ڏيئي سگهجي ٿو .
- پلاٽ اهڙي جڳهه تي هجي جتي سج جي روشني 6 کان 8 ڪلاڪ پوندي هجي .
- ڀاڄين جي پاڻي جو خاص خيال رکڻ گهرجي .
- ڪڏهن ڪڏهن پاڻي جي گهٽتائي جي صورت ۾ رڌڻي ۽ غسل خاني جي ضايع ٿيندڙ پاڻي کي به استعمال ڪري سگهجي ٿو . پر ان ۾ صابڻ، بليچ يا ان قسم جو ٻيو ڪو تيزابي جزو شامل نه هجي .

## ٻج جون خاصيتون

ڀاڄين ۾ ٻج جي تمام گهڻي اهميت هوندي آهي، سٺي ٻج ۾ هينيون خاصيتون هجڻ گهرجن .

- ٻج صاف، صحتمند ۽ نج هجي .
- سٺو ڦوٽهڙو رکندڙ هجي .
- ٻج بيماري ۽ جيتن کان پاڪ، صاف ۽ تصديق ٿيل هجي .
- گهٽ پاڻي تي به پيداوار ڏيڻ جي خاصيت هجي.

## زمين جي تياري ۽ ڀاڻ جو استعمال

سڀ کان پهرين جتي ڀاڄيون پوکڻيون هجن اتي 8 کان 10 انچ ڳڏ ڪجي يا هر ڏجي. اڪثر اهو ڏٺو ويو آهي ته گهرن اندر جيڪڏهن ڪا ٿوري جڳهه موجود هوندي آهي، ته اها ڪچري جو ڍير هوندي آهي يا ڪلراٺي هوندي آهي . ڪچرو هجي ته ان کي صاف ڪري مٽي کي صحيح نموني سان ڳڏ ڪجي .
وٺاڻ جو ڀاڻ ۽ مٽي ملائي زرخيز ڪجي جيئن پوکي بهتر طريقي سان ٿي سگهي. گهڻي ڪلر واري مٽي نه هجي. باغيچي لاءِ گهربل جڳهه جي چونڊ ڪري ان جي چوڏاري هڪ فٽ جو ٻنو ٻڌجي ۽ پوءِ ان ۾ پلاسٽڪ جي پني لڳائي، ان جي اندر چيڪي يا لٽياسي مٽي وجهجي . ائين ڪرڻ سان ڪلر پڻ پلاسٽڪ جي پني مان مٿي ڪونه ايندو ۽ ڀاڄيون سٺي نموني ٿي وينديون .
باغيچي پوکڻ لاءِ چونڊ ڪيل ٽڪري ۾ وٺاڻ ۽ سائو ڀاڻ ملائي ان ۾ خوراڪ جي جزن جي کوٽ پورو ڪري سگهجي ٿو. ڳڏ ڪري زمين کي نرم ڪجي مختلف ڀاڄين پوکڻ لاءِ ڏار ڏار ڪياريون ٺاهجن ۽ موسمي ڪئلينڊر مطابق پوکي ڪجي .

## پاڻي ڏيڻ

ٻارين ۾ پوکيل سڀني ڀاڄين جي پاڻي جي ضرورت هڪٻئي کان مختلف هوندي آهي . جيڪي ولين واريون ڀاڄيون آهن انهن کي ٻين جي ڀيٽ ۾ گهٽ پاڻي جي ضرورت پوندي آهي . ڀاڄين کي ٻارين ۾ ڇٽي يا ٻيجارو لڳائڻ کان جلدي پوءِ پاڻي ڏيڻ گهرجي . زمين ۾ موجود وٽ يا ڀاڄين جي پنن جي مرجهائڻ واري حالت ۾ هجڻ وقت پاڻي ڏيڻ گهرجي . ڪوشش ڪجي ته پاڻي منجهند جي وقت تي ڏجي چو ته ان وقت گرمي جي ڪري پاڻي جي وڌيڪ ضرورت پوندي آهي. ڀاڄين جي ضرورت مطابق پاڻي ڦوهاري جي مدد سان ڏجي . پوکڻ وقت، گهونج نڪرڻ، سلو ڦٽڻ ۽ ميوو نهڻ وقت پاڻي جي تمام اهم ضروت هوندي آهي .





# گهريلو سطح تي پاڃيون پوکڻ جي ڪامياب ڪهاڻي

ڳوٺ عبدالنبي بروهي، ضلعو شڪارپور



سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) جو قدرتي وسيلن جي انتظامڪاري (اين آر ايم) شعبو گهريلو توڙي ڪاروباري سطح تي سبزين جي پوکائي کي هٿي وٺائڻ لاءِ هر سال ربيع ۽ خريف جي موسمن ۾ لڳ ڀڳ 1،600 هاري عورتن کي سبزين جا ٻج ۽ ضروري معلومات، سکيا ۽ فني مدد مهيا ڪري ٿو. جنهن جو بنيادي مقصد گهرن ۽ زرعي زمين تي سبزيون پيدا ڪري تازي ۽ متوازن غذا حاصل ڪري سگهن ۽ اضافي پيداواري وڪرو ڪري آمدني به حاصل ڪري سگهن. ان مقصد لاءِ گذريل موسم دوران شڪارپور ضلعي جي ڳوٺ عبدالنبي بروهي جي گهراڻن ۾ ورهايل ٻج پوکي سبزيون پيدا ڪيون ۽ گهر ۾ استمال ڪرڻ کانپوءِ اضافي سبزين جو وڪرو پڻ شروع ڪيو آهي. ان حوالي سان ڳوٺ ۾ جوڙيل ڪميونٽي اداري وليج آرگنائيزيشن جي صدر مائي لال خاتون ٻڌايو ته ” سرسو اسان جي ڳوٺاڻي ترقياتي تنظيم سان هر سال هاري گهراڻن کي سبزين جي پوکائيءَ جي واڌاري لاءِ ٻج ۽ فني مدد مهيا ڪري ٿي، ڳوٺاڻي تنظيم گهراڻن کي سبزين جي پوکائي کي يقيني بڻائي ٿي، ان جي نتيجي ۾ اسان سبزيون پوکيون ٿا ۽ پنهنجي خاندان جي خوراڪ جون ضرورتون پوريون ڪريون ٿا“

هن ٻڌايو ته هن سال به اسان جي ڳوٺ جي 20 ڪان وڌيڪ گهراڻن پنهنجن گهرن توڙي زمينن ۾ سبزيون پوکيون آهن ۽ اميد آهي ته اسان کي ان مان سٺي آمدني حاصل ٿيندي. ان لاءِ اسين سرسو جا ٿورائتا آهيون، جن جي ڀرپور سهڪار سان اسين ان قابل ٿيا آهيون. “

## پاڃين ۾ موجود غذائي جزا ۽ انهن جي اهميت

| ذريعا | غذائي جزا | انساني صحت لاءِ فائدا |
|---|---|---|
| گجر، پٽاٽو، ڪدو، بند گوبي | وٽامن اي A | اکين کي بيماري کان محفوظ رکي ٿو.چمڙي کي صحت مند ۽ تازو رکي ٿو. |
| ٽماٽو ۽ پالڪ | وٽامن سي | هڏن، ڏندن، رت جي نالين کي صحت مند رکڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو.جسم ۾ ڪئلشيم ۽ فولاد کي جذب ڪرڻ ۽ زخمن جي لاءِ ڪارگر ثابت ٿئي ٿو. |
| پالڪ، هرٻو | وٽامن اي E | هي رت ۾ ڳاڙهن جزن کي بهتر حالت ۾ رکڻ ۾ مدد گار ثابت ٿئي ٿو. |
| بيدا ۽ سج جي روشني | وٽامن ڊي | هڏين جي مضبوطي لاءِ بهتر آهي. |
| کير | ڪئلشيم | هڏين کي مضبوطي ڪرڻ ۽ ان جي نشونما لاءِ اهم آهي. |
| پٽاٽا | ميگنيشيم | هي دل جي ڌڙڪن جي رفتار کي باقائده رکڻ ۽ هڏين جي مضبوطي لاءِ ڪم اچي ٿو. |

## گهريلو پاڃي پوکڻ لاءِ ضروري سامان ۽ ان جو ڪم

| اوزار جو نالو | ڪم |
|---|---|
| بيلچو يا ڪوڏر | زمين کي سڌو ڪرڻ، ٻنا ٻڌڻ ۽ اڏون ناهڻ لاءِ ڪم اچن ٿا. |
| ڇاڻي | ٻج کي صاف ڪرڻ لاءِ ڪم ايندي آهي. |
| ڏانداري | ٻارين کي سونت ۾ آڻڻ ۽ گند گاهه کي ڳڏ ڪرڻ ۾ ڪم ايندي آهي. |
| رنبي | ٻاريون ناهڻ ۽ گند گاهه ڪيڻ ۾ ڪم ايندي آهي. |
| ڪرپي | زمين کي ولڻ ۽ نرم ڪرڻ ۾ ڪم ايندي آهي. |
| ڪٽر | ٽارين کي ڪپڻ لاءِ ڪم ايندي آهي. |
| دستانو | محفوظ طريقي سان ڪم ڪرڻ واسطي دستانن جو استعمال نهايت ضروري آهي . هنن جي استعمال ڪرڻ سان هٿن کي زخم رسڻ جو خطرو گهٽجي وڃي ٿو. |
| کهو | زمين مان گند گاهه ڪيڻ ۽ زمين کي نرم ڪرڻ ۾ ڪم ايندو آهي. |
| ڦوهارو | ٻوٽن کي پاڻي ۽ دوائگائڻ ۾ ڪم ايندو آهي. |
| ڏاٽو | هي گند گاهه کي ڪٽڻ يا وڍڻ ۾ ڪم ايندو آهي. |
| ماسڪ | وات ۽ نڪ کي جراثيم کان بچائيندو آهي. |
| ڇل | هي پاڻي پرڻ ۾ ڪم ايندي آهي. |

ڪاميابيءَ جون ڪهاڻيون

# پاڙيرائيپ واري واٽ

(سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) جي هلندڙ منصوبن مان فائدو حاصل ڪندڙن ۽ ڪميونٽي ادارن جي اهم ڪاميابين جون چونڊ ڪهاڻيون.)



## اسڪائي گارمينٽس انڊسٽري ميرپورخاص: بيروزگاري کان صنعت ڪاري جو سفر

هن دؤر ۾ جتي نوجوانن لاءِ روزگار جا موقعا محدود آهن، اتي ڪجهه نوجوانن پنهنجي محنت ۽ ڪوشش سان پنهنجي ۽ ٻين لاءِ روزگار جا نوان دروازا کولڻ جو فيصلو ڪيو.سنڌ اندر نوجوانن لاءِ روزگار جا موقعا محدود آهن، اتي ڪجهه نوجوانن پنهنجي محنت ۽ ڪوشش سان پنهنجي لاءِ نوان دروازا کولڻ جو فيصلو ڪيو.

سڄي دنيا جيان، پاڪستان ۾ بہ جڏهن ڪرونا وائرس جي وبا پکڙجي وئي، تڏهن معاشي نظام سخت متاثر ٿيو. ڪيترين ئي صنعتون بند ٿي ويون، ڪارخانا بيڪار ٿي ويا ۽ هزارين مزدور روزگار کان محروم ٿي ويا. ان ڏکيائيءَ واري وقت ۾، خاص طور تي ڪراچي جهڙي واپاري شهر ۾ ڪم ڪندڙ گارمينٽس انڊسٽريءَ جا ماهر ڪاريگر بي روزگار ٿي ويا .اهي ماڻهو جيڪي سالن کان شهري ڪارخانن ۾ ڪم ڪري پنهنجن گهر وارن جو گذر سفر هلائيندا هئا، اچانڪ بي روزگاريءَ جي ور چڙهي ويا. ڪم بند، ڪارخانا بند، ۽ ماڻهو مجبورن پنهنجن ڳوٺن ڏانهن واپس موٽي ويا

.

### واپسيءَ جو درد ۽ نئين شروعات جو خيال.

ڪراچي مان موٽندڙن ۾ ڇهہ دوست 1.واشو ديو .2 نارومل .3 اشوڪ ڪمار .4 سرواڻ .5 بليو 6. سردار بہ بيروزگارن ۾ شامل هئا، جيڪي گارمينٽس جي ڪمن جي شعبن جا تجربيڪار ۽ ماهر ڪاريگر هئا.

اهي ڇهہ دوست، پنهنجي ڳوٺن ضلعي ميرپورخاص ۾ واپس آيا، جتي بہ حالتون ساڳيون خراب هيون. پر انهن وٽ تجربو، صلاحيت ۽ همت هئي. سندن دل ۾ هڪ خيال جنم ورتو، جڏهن اسان وٽ هنر بہ آهي تہ اسان ڪي ٻين تي ڀاڙڻ ڇو گهرجي. انهن سوچيو تہ، جيڪڏهن ڪارخانا بند ٿي سگهن ٿا تہ نوان ڪارخانا کلي بہ سگهن ٿا! تہ پوءِ اسان پنهنجو ڪارخانو ڇو نہ شروع ڪريون؟ هنن دوستن کي خبر پئي تہ سنڌ حڪومت پاران عورتن ۽ نوجوانن جي ڪاروباري ترقي جي لاءِ مالي سهائتا لاءِ هڪ اداري جي ذريعي بنا وياج قرض ڏنا پيا وڃن جنهن جو نالو سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) آهي ۽ سنڌحڪومت جي عوام جي غربت گهٽائڻ جو پروگرام (پي پي آر پي) هيٺ ضلعي ميرپورخاص ۾ پڻ ڪم ڪري رهيوآهي.

” اسان ڇهہ دوست جن وٽ اڳ ۾ ئي گارمينٽس انڊسٽريءَ جو تجربو موجود هو، گارمينٽ فيڪٽري قائم ڪرڻ جو پنهنجو ڪاروباري منصوبو تيار ڪيو. هي منصوبو صرف خواب نہ، پر حقيقت تي ٻڌل، مضبوط بنيادن وارو، عملي ۽ سنڌ جي ماڻهن لاءِ روزگار پيدا ڪرڻ وارو هو.ميرپور خاص ۾ قائم سرسو آفيس سان رابطو ڪيو ۽ بنا وياج قرض واري اسڪيم لاءِ درخواست ڏني ۽ گڏوگڏ پنهنجو منصوبو پيش ڪيو.“ واشو ديو ڪاروبار شروع ڪرڻ جي ڪهاڻي ۾ ٻڌايو. هن وڌيڪ ٻڌايو تہ ”سرسو جي ٽيم اسان جي تجربي، صلاحيتن، ۽ منصوبہ سازيءَ کي ڏسندي، هن منصوبي کي منظور ڪيو ۽ اسان کي سنڌ حڪومت جي انٽرپرائيز ڊولپمينٽ فنڊ هيٺ 30 لک 65 هزار روپيا بنا وياج قرض طور ڏنا. اسان ڇهن ڪاريگرن پاڻ بہ 08 لک 31 هزار روپيا پنهنجي طرفان لڳايا.“

### اسڪائي گارمينٽس جو بنياد

انهيءَ مالي سهڪار، ڇهن دوستن همت ۽ محنت سان، 28 آڪٽوبر 2022 تي، "اسڪائي گارمنٽس انڊسٽري" نالي ميرپور خاص شهر ۾ هڪ نئون گارمنٽس ڪارخانو قائم ڪيو ويو. هي ڪارخانو جديد طريقي سان تيار ڪيو ويو. جنهن ۾ 40 ڪمپيوٽرائيزڊ سلائي مشينون لڳايون ويون ۽ سولر انرجي سسٽم لڳايو ويو تہ جيئن بجلي جي کوٽ دوران بہ ڪاروبار ۾ رنڊڪ نہ وجهيءِ حفاظتي ڪيمرائون لڳايون ويون، تہ جيئن ڪارخاني جي نگراني محفوظ طريقي سان ٿي سگهي.

## روزگار ۽ اميد جي روشني

اسڪائي گارمينٽس جي شروعات سان، ضلعي جي 52 تجربيڪار ۽ نوجوان ڪاريگرن کي سندن ئي ڳوٺ ويجهو، سندن ئي شهر ۾ ماهوار 37,000 روپين جو روزگار ملي ويو. ڪرونا جي ان ڏکئي وقت ۾ جڏهن ماڻهو پريشان، بي روزگار ۽ مايوس هئا، اتي اسڪائي گارمينٽس انهن لاءِ هڪ اميد جي ڪرڻو بڻجي سامهون آئي.

## جلدي ۾ واڌارو ۽ فائدو

ڪجهه ئي مهينن اندر، ڪاروبار ۾ واڌارو ٿيو. سٺي حڪمت عملي، محنت، ۽ معيار جي بنياد تي اسڪائي گارمينٽس کي نيشنل ۽ انٽرنيشنل گارمينٽس ڪمپنين کان آرڊر مليا. ڪاروبار کي صرف ڪجهه مهينن اندر 260,000 روپين جو خالص فائدو حاصل ٿيو. اسان کي چڱي طرح ياد آهي، جڏهن پهريون وڏو آرڊر اسان ڪاميابيءَ سان مڪمل ڪيو ۽ ان جي رقم آئي ته سرسو جي چيئرپرسن ميڊم ناهيد شاهه اسانجي فيڪٽري جو دورو ڪيو هو اسان پنهنجو منافعو سرسو جي نمائندن ۽ ٻين سرڪاري عملدارن جي موجودگيءَ ۾ ڪاروباري گروپ جي ميمبرن ۾ ايمانداري سان ورهايو. گروپ جي هڪ هڪ ساٿي نارومل خوشي سان ٻڌايو.

## نئون برانڊ – اسڪائي جو وڌندڙ اثر

هاڻ اسڪائي گارمينٽس صرف ٻين ڪمپنين لاءِ آرڊر نه، پر پنهنجو نئون برانڊ "اسڪائي" پڻ متعارف ڪرائي رهي آهي، جنهن جا ڪپڙا سنڌ جي مختلف ضلعن جي واپارين تائين پهچايا وڃن ٿا. اهي واپاري "اسڪائي" جا ڪپڙا گهٽ اگهه ۾ وٺي، پنهنجي علائقي ۾ مناسب منافعو رکي وڪرو ڪن ٿا. ان سان ننڍن ڪاروبارن کي به هٿي ملي رهي آهي، ۽ علائقائي معيشت ۾ واڌارو اچي رهيو آهي.

اسڪائي گارمينٽس انڊسٽري جي ڪاميابيءَ کي ڏسي صرف ميرپور خاص جي مختلف علائقي ۾ 5 نوان گارمينٽس يونٽ قائم ڪيا ويا. جڏهن ته ڪمشنر ميرپورخاص جي خاص دلچسپي سبب ميرپورخاص جي سينٽرل جيل ۾ قيدين جي عزت ڀريي روزگار لاءِ گارمينٽ يونٽ قائم ڪيو ويو آهي. اهي سڀ يونٽ سرسو جي مالي سهائتا سان شروع ڪيا ويا آهن ۽ اسڪائي گارمينٽ جي فني ۽ مارڪيٽنگ خدمتون مهيا ڪري رهي آهي.

## نتيجو ۽ سبق

اسڪائي گارمينٽس انڊسٽري هڪ بهترين مثال آهي ته جيڪڏهن انسان وٽ صلاحيت، اتحاد، حوصلو ۽ حڪومتي ادارن جي سپورٽ موجود هجي ته پوءِ ڪا به رڪاوٽ انسان کي ڪامياب ٿيڻ کان روڪي نٿي سگهي.

هيءَ ڪهاڻي انهن سڀني نوجوانن لاءِ روشنيءَ جو مينار آهي، جيڪي بي روزگاري، مايوسي ۽ ٻين مسئلن جو شڪار آهن ته جيڪڏهن همت نه هاري وڃي ته واٽ پاڻ نڪري اچي ٿي.




اسڪائي گارمنٽس جو نالو، هاڻي صرف ڪاروبار نه، پر ڪاميابيءَ، اتحاد، گڏيل سهڪار ۽ اميد جو نشان بڻجي چڪوآهي.

سهيڙيندڙ: شاهد حسين ٻليدي
انٽرپرائيز ڊولپمينٽ آفيسر، سرسو ميرپور خاص





# تسليم خاتون جو نئون ۽ پڪو گهر، روشن مستقبل جي اميد ڏياري ٿو





شڪارپور، سنڌ

تسليم خاتون جو گهر سنڌ ۾ آيل مها ماحولياتي 2022 جي ٻوڏ ۾ مڪمل تباهه ٿيو. سندس گهر ڳوٺ جيئو مهر، يونين ڪائونسل وزير آباد تعلقي لکي ضلعو شڪارپور ۾ آهي. گهر جي تباهي ڪري هوءَ ۽ سندس ٻار بي گهر ٿي ويا. ٻوڏ سندس گهر جي تباهي سان گڏ جياپي جو اهم ذريعو هٿ جي هنر کي بہ سخت متاثر ڪيو. گهر جي تباهي ۽ بي گهر ٿيڻ ڪري، سندس لاءِ پنهنجي هٿ جي هنر واريون شيون ٺاهڻ ۽ وڪرو ڪرڻ ممڪن نہ رهيو. مگر هن همٿ نہ هاري ۽ اميد هئس تہ نئين گهر جي تعمير سان اها ٻيهر پنهنجو ڪم شروع ڪرڻ جي قابل ٿيندي.

جڏهن اميد ختم ٿيندي نظر آئي، تڏهن سنڌ حڪومت پاران سنڌ پيپلز هائوسنگ فار فلڊ افيڪٽيز (Sindh People's Housing For Flood Affectees_SPHF) هيٺ سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) جي هڪ سروي ٽيم ڳوٺ پهتي. تسليم جي گهر جو جائزو ورتو ويو ۽ کيس چار قسطن ۾ پنهنجي زندگي ٻيهر تعمير ڪرڻ لاءِ 300,000 رپيا مليا. جيئن جيئن کيس قسط ملي، سندس خوشي ۽ اميد وڌي ۽ سندس نئين گهر جو خواب حقيقت جي شڪل اختيار ڪرڻ لڳو. تسليم خاتون جو مقصد پنهنجي ٻارن کي تعليم ذريعي روشن مستقبل ڏيڻ ۽ انهن کي هٿ جو هنر سيکارڻ آهي.

سنڌ حڪومت جي مدد سان، سنڌ پيپلز هائوسنگ فارفلڊ افيڪٽيز (ايس پي ايچ ايف) پروگرام هيٺ تسليم خاتون هڪ نئون گهر ٻيهر تعمير ڪيو. هن وقت، تسليم پنهنجي ٻارن سان گڏ نئين ۽ محفوظ گهر ۾ رهي ٿي. پاڻ فخر سان چوي ٿي تہ ”جڏهن آئون گهر جا منظور ٿيل پئسا حاصل ڪرڻ لاءِ بئنڪ ويندي هئس، منهنجي نالي تي اڪائونٽ کولي رهيو هو، تہ آئون تمام گهڻي خوش ۽ فخر محسوس ڪري رهي هئس، اهو ڄاڻندي تہ منهنجو نئون گهر منهنجي ٻارن جي تعليم ۽ مهارت جي ترقيءَ جو مرڪز هوندو.“

تسليم جي ڌيءَ جيڪا اسڪول وڃڻ سان گڏ گهر ۾ ماءَ جو ڪم ۾ هٿ پڻ ونڊائي ٿي. ان بابت چوي ٿي ”جڏهن اسان پنهنجي نئين گهر ۾ منتقل ٿياسون اهو اسان جي خاندان لاءِ عيد جو ڏينهن هو.“ هن وڌيڪ چيو تہ ”ماءُ جي عزم ۽ سنڌ حڪومت جي مدد نہ رڳو هڪ گهر، پر اسان جي خاندان جي اميدن سان ڀريل مستقبل ٻيهر تعمير ڪيو آهي“



هاڻي، تسليم خاتون پنهنجي نئين گهر ۾ آساني سان هٿ جو هنر وارو ڪم ڪري ٿي، پنهنجي خاندان جي آمدني وڌائڻ ۾ حصو وجهي رهي آهي ۽ پنهنجي ٻارن لاءِ هڪ روشن سڀاڻي کي محفوظ بڻائي ٿي.

سهيڙيندڙ: مدثر خان ڌاريجو

ڪميونيڪيشن آفيسر ( ايس پي ايچ ايف) شڪارپور

# خيرپور ۾ ٽنل فارمنگ ذريعي هاري عورتون بااختيار بڻجن ٿيون



ٺري ميرواهه، ضلعو خيرپور ميرس

خيرپور ضلعي جي تعلقي ٺري مير واهه ۾ هڪ نئين اميد جو باب شروع ٿي ويو آهي. "معاشرتي بحالي ۽ آبهوا جي خطرن کان بچاءُ" بابت منصوبو جيڪو مالٽيزر انٽرنيشنل BMZ جي مالي مدد سان سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) پاران عمل ۾ آندو پئي ويو. منصوبي تحت ٻوڏ متاثر خاندانن کي پائيدار بنيادن تي پاڙيرو بڻائڻ لاءِ عملي اپاءُ ورتا پيا وڃن ۽ گذريل ٻوڏ کان متاثر ٿيل خاندانن جي زرعي زمينن کي ٽنل فارمنگ ذريعي سرسبز ۽ آباد ڪيو پيو وڃي. متاثر يونين ڪائونسلن؛ پير ٻيڙو، سپر رند، مهر ويسر ۽ هندياڙيءَ ۾ ڏهه لو واڪنگ ٽنل فارم قائم ڪيا ويا آهن.اهي ٽنل فارم ڪاروباري ترقياتي گروپن (Busness Development Groups_BDGs) پاران سنڀاليا وڃن ٿا. جنهن ۾ سرسو پاران ٺاهيل ڳوٺاڻي تنظيمن (VOs) جون هاري عورتون شامل آهن، جن کي يونين ڪائونسل جي سطح تي لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن (LSOs) جي مدد سان منظم ڪيو ويو آهي.

هر ٽنل فارم اڌ ايڪڙ تي پکڙيل آهي،جتي ٽي مکيه سبزيون پوکيون ويون آهن، جنهن ۾ توري، ڪر يلا ۽ ڪيرا، جن موسمي جي مناسبت سان ۽ بغير موسم جي ٻنهي قسمن جا فصل شامل آهن. هي فارم عورت آبادگارن لاءِ آمدني وڌائڻ ۽ کين بااختيار بڻائڻ جو هڪ ذريعو آهي، گڏوگڏ گهر جي استعمال لاءِ تازيون سبزيون ۽ وڌيڪ پيداوار حاصل ڪرڻ لاءِ مارڪيٽ ۾ وڪڻي ناڻو پڻ ڪمائينديون .

هي هاري عورتون زراعت جي پائيدار طريقن ۽ پاڻي جي انتظام جي سنڀال ذريعي، آبهوا جي خطرن کي منهن ڏيڻ ۽ پنهنجي خاندان لاءِ بهتر مستقبل ۽ پائيدار ترقي جي راهه تي گامزن آهن.

ٽنل فارمنگ هارپي جي پائدار طريقيءَ پاڻي جي انتظام جي عمل ذريعي، هاري عورتن کي ماحولياتي خطرن کي منهن ڏيڻ ۽ پنهنجي خاندانن کي بهتر مستقبل ڏيڻ پڻ شامل آهي.

سهيڙيندڙ: ڪنول حسين

پروجيڪٽ آفيسر ايم آءِ_ بي ايم زيڊ منصوبو خيرپور ميرس







# برساتي ٻوڏ متاثر ڪلثوم خاتون جي زندگي ڪيئن بدلي ..!



ٺري ميرواھ، ضلعو خيرپور ميرس

منھنجي زندگي تبديل ٿي وئي جڏھن سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) اداري جي پروجيڪٽ تحت 30 ڏينھن جي سلائي تربيت مڪمل ڪئي" ڪلثوم خاتون جي ان ھڪ جملي جي معنيٰ اُھي ئي سمجھي سگھن ٿا، جن زندگي جي تنگي، تڪليف، سختي برداشت ڪئي ھوندي. درياءَ ۾ ٻڏندڙ ماڻھو لاءِ ھڪ ننڍو سھارو بہ زندگي بدلائي ڇڏيندو آھي.

ائين ئي ضلعي خيرپور جي تعلقي ٺري ميرواھ جي ڳوٺ واحد بخش ڪبر سان تعلق رکندڙ ڪلثوم خاتون جو آھي، جيڪا پنھنجي مالي حالتن جي ڪري پريشان رھندي ھئي. مھانگائي سان گڏ ماحولياتي ٻوڏ 2022 سبب ٿيل وڏي نقصان ڪري ھن جي مڙس جو دڪان ۽ ٻن پٽن جي مزدوري واري محدود آمدني مان مشڪل سان گھر جو خرچ پورو ٿيندو ھو.

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) پاران ھڪ پروجيڪٽ ضلعي خيرپور ۾ موسمياتي خطرن کان بچاءُ جي حوالي سان مالٽيزر انٽرنيشنل ۽ "بي ايم زي" جي مالي سھڪار سان ڪم ٿي رھيو آھي. منصوبي ھيٺ ٻوڏ متاثر گھراڻن جي عورتن جي ھنري سکيا ذريعي جياپي جا ذريعا پيدا ڪرڻ لاءِ بہ ڪم ڪيو ويو. ڪلثوم بہ انھن عورتن ۾ شامل ھئي جن سلائي جي سکيا مڪمل ڪئي ۽ سلائي مشين ۽ ٻيون مددگار حاصل ڪيو.

ڪلثوم خاتون ورتل سکيا بابت چيو تہ " مون کي سلائي جي سکيا پوري ٿيڻ کان پوءِ سلائي مشين ۽ ٻيو ضروري سامان پڻ فراھم ڪيو ويو. ڪلثوم وڌيڪ چيو تہ "ٽريننگ ۾ نيون شيون سکيون جنھن ۾ رنگن جي ميچنگ ڪرڻ، ڪپڙي جي معيار کي پرکڻ، تخليقي سلائي ۽ ڪپڙو ڪٽڻ جو طريقيڪار، جنھن کي آئون استعمال ڪندي وڌيڪ ڪم ڪيو ۽ جنھن جي ڪري آئون ھن وقت ڳوٺ ۾ سلائي جي ڪري مشھور ٿي وئي آھيان ۽ بھتر روزگار ڪري رھي آھيان."

اداري جو شڪرادا ڪندي خوشيءَ وچان ڪلثوم جو چوڻ ھو تہ" آئون وڌيل آمدني سبب اسڪول ويندڙ ٽن ٻارن جي تعليم، سان گڏ معاشي خودمختياريءَ ۽ گھر سنوارڻ ۾ خرچ ڪري رھي آھيان."

ڪلثوم خاتون جي ڪاميابي سرسو جي منصوبي جي ڪاميابيءَ جو ھڪ مثال آھي. سندس ڪم ڳوٺ جي ٻين عورتن لاءِ سلائي جي تربيت حاصل ڪرڻ جو ھڪ مثال بڻي آھي. ڪلثوم ھاڻي نہ صرف سلائي جي ماھر ڪاريگر آھي. پر ھوءَ ھڪ مثال آھي تہ ڪيئن، صحيح تربيت ۽ حاصل وسيلن ذريعي زندگيون بدلائي سگھجن ٿيون. ڳوٺاڻيون عورتون معاشي خودمختياري سبب بھتر مستقبل بڻائي سگھن ٿيون.

سھيڙيندڙ: فاروق رحيم
مانيٽرنگ آفيسر ما لٽيزر پروجيڪٽس، ھيڊ آفيس سکر

# سنڌ جي روايتي ۽ ختم ٿيندڙ هنرن کي جديد مارڪيٽ جي گهرجن مطابق نوان آڻي بهتر ناڻو ڪمائي سگهجي ٿو.



لقمان، خيرپور ميرس

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن، خيرپورميرس ضلعي ۾ پراڻي آڏاڻي (Handloom)تي ڪتا ۽ ڪپڙو تيار ڪندڙ هنرمند غلام رسول لاشاري کي انٽرپرائيز ڊولپمينٽ فنڊ (اي ڊي ايف) مان 500،000 (پنج لک) روپيا بغير وياج قرض مهيا ڪيو آهي. غلام رسول جو تعلق لقمان محلي خيرپور ميرس سان آهي. هي هنر سندن خاندان جو پراڻو روزگار جو ذريعو آهي. هي آڏاڻي تي خاص بنارسي ڪپڙو تيار ڪري ٿو ۽ مقامي سطح تي وڪرو ڪري ٿو.

بدقسمتي سان وسيلن جي کوٽ، بهتر مارڪيٽنگ نه ڪرڻ ۽ جديد مارڪيٽ جي ضرورت مطابق نوان نه آڻڻ سبب مقامي روايتي هنر ختم ٿي رهيا آهن ۽ ان سان جڙيل ڪاريگر ۽ انهن جا خاندان بي روزگار ٿيا آهن. گهڻا ته اهو ڌنڌو ڇڏي ٻيا ڪاروبار شروع ڪيا آهن يا سخت معاشي ڏکائين کي منهن ڏيئي رهيا آهن.

جڏهن ته اها به حقيقت آهي ته پراڻن روايتي هنرن جي وڏي اهميت ۽ ضرورت هوندي آهي. اجوڪي جديد دور جي حوالي سان به اهي ڪاروبار منافعي بخش ٿي سگهن ٿا. ضرورت صرف ان ڳالهه جي آهي ته ان ۾ نواڻ آندي وڃي ۽ بهتر مارڪيٽنگ واري حڪمت عملي اختيار ڪئي وڃي.

سرسو خيرپور جي انٽرپرائيز ٽيم غلام رسول جي ڪاروبار کي وزٽ ڪيو. ڪاريگر ۽ ان جي خاندان سان مليا ۽ ڪاروبار جي ترقياتي پلان تي ڳالهه ٻولهه ڪئي. پلان جي تياري ۽ ان جائزي ڪانپوءِ ان کي اوليت جي بنياد تي منظور ڪيو ويو. سرسو خيرپور ريجن جي ريجنل جنرل مئنيجر عامر عباس منگي ۽ ڊسٽرڪٽ مئنيجر اڪرم شيخ انٽرپرائيز ٽيم سان گڏجي پنج لک جو چيڪ حوالي ڪيو.

غلام رسول سرسو جي حاصل قرض مان هڪ ٻيو آڏاڻو قائم ڪيو آهي. ان لاءِ سامان خريد ڪيو ۽ ڪپڙي جي تياري ۾ گهربل خام مال خريد ڪري ٿو. تيار ڪپڙو ويجهو شهرن جي مارڪيٽ ۾ وڪرو ڪري ٿو. غلام رسول کي اميد آهي ته سرسو جي مالي ۽ ڪاروباري صلاحڪاري سان هي پنهنجي ختم ٿيندڙ خانداني هنر ۽ روزگار کي بچائي ويندو ۽ ان کي وڌيڪ منافعي بخش بڻائي گهراڻي جي آمدني ۾ اضافو پڻ آڻيندو.

غلام رسول چوي ٿو ته ” اسان آڏاڻي تي بنارسي، ڪاڏيءَ ۽ ڪرونڊي جو ڪپڙو تيار ڪريون ٿا. ان ڪم ۾ منهنجو پورو خاندان خاص طور گهر واري به شامل آهي. تيار ڪيل ڪپڙو مقامي مارڪيٽ کان علاوه ويجهن شهرن: خيرپور، لاڙڪاڻو ۽ سکر کان ۾ کپي ٿو. سرسو جي ڪرافٽس انٽرپرائيز ڊولپمينٽ شعبي جو سرتيون سنگ آئوٽ کي به وڪرو ڪريان ٿو. جيڪو خاص طور هٿ سان تيار ٿيل هنر ۽ ڪپڙي مان مختلف قسم جون ڊريسون، رواڄ ۽ بيڊشيٽون تيار ڪري وڪرو ڪري ٿي ۽ مستقبل ۾وڏن قومي ۽ بين الاقوامي برانڊز کي وڪرو پڻ ڪرڻ جو منصوبو آهي.“

سرسو سنڌ جي ڳوٺن ۾ قديمي هنرن جهڙوڪ: ٽانو ناهڻ، ڪاٺ جو ڪم، لوهه جو ڪم، رلي جو هنر، کيس تيار ڪرڻ، جتيون تيار ڪرڻ، موڙا ناهڻ، واڻ وغيره کي اوليت جي بنياد تي ٻيهر جيئاري ۽ ڪاروبار طور ترقي وٺرائڻ تي ڪم ڪري رهي آهي. انهن روايتي هنري ڪاروبار سان پورو خاندان لاڳاپيل هوندو آهي، مگر بهتر رهنمائي، مالي وسيلن جي کوٽ ۽ بهتر مارڪيٽنگ نه ڪرڻ سبب اهي منافعي وارا ڪاروبار بڻجي نه سگهيا آهن. ان سان لاڳاپيل هنرن سان خاندان سخت مالي ۽ بيروزگاري سان منهن ڏيئي رهيا آهن. ڪوشش اها آهي ته انهن ڪاروبارن کي جديد مارڪيٽ جي گهرجن مطابق بڻائي گهربل مالي ۽ فني وسيلا مهيا ڪري بهتر ناڻو ڪمايو وڃي.

سهيڙيندڙ: رياض علي ميتلو

جنرل انٽرپرائيز آفيسر پي پي آر پي خيرپور ميرس

سرسو جا منصوبا : هڪ تعارف

# سنڌ سولر انرجي پروجيڪٽ - سنڌ حڪومت طرفان شروع ٿي ويو هڪ تعارف

سرسو _ ساٿي تنظيم طور 5 ضلعن ۾ 33,330 سولر هوم سسٽم ورهائڻ ۽ لڳائڻ جو ڪم مڪمل ڪيو ويو.



ماريہ خان

ڪميونيڪيشن آفيسر (ايس پي ايچ ايف_سرسو) هيڊ آفيس سکر

سنڌ حڪومت طرفان سنڌ سولر انرجي پروجيڪٽ (Sindh Solar Energy Project_SSEP) شروع ڪيو ويو آهي. ان مقصد لاءِ 14 فيبروري 2025 تي سکر ۾ افتتاحي تقريب پڻ منعقد ٿي، جنهن جي صدارت سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاھ ڪئي .سرسو ٽيم، سي اي او محمد ڏتل ڪلهوڙو جي قيادت ۾، تقريب ۾ شرڪت ڪئي. هي پروجيڪٽ گهٽ آمدني وارن 200,000 خاندنن ۾ سولر هوم سسٽم (Solar Home System_SHS) فراهم ڪرڻ جي مقصد سان شروع ڪيو ويو، تہ جيئن قابل تجديد توانائي کي فروغ ملي ۽ روايتي ذريعن تي انحصار گهٽ ٿئي. هي سنڌ حڪومت جي توانائي جي کوٽ کي حل ڪرڻ ۽ پائيدار ترقي لاءِ ڪوشش جو حصو آهي.

ابتدائي طور تي هن انقلابي منصوبي مان سنڌ جي 30 ضلعن ۾ 200,000 فائدو وٺندڙن کي فائدو پهچندو. هي منصوبو مختلف implementing partners ذريعي عمل ۾ آندو پيو وڃي. سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) پنج ضلعن (خيرپور، شڪارپور، جيڪب آباد، لاڙڪاڻو ۽ قمبر شهدادڪوٽ) هر ضلعي ۾ 6,666، ڪل 33,330 سولر هوم سسٽم غريب خاندانن کي ورهائيندو ۽ فائدو حاصل ڪندڙ گهراڻن کي لڳائڻ ۾ مدد مهيا ڪندو.

سيپٽيمبر، 2025 تائين سرسو پنهنجي ڪم وارن 5 ضلعن ۾ 33,330 سولر هوم سسٽم ڪاميابي سان ورهائي ۽ لڳائي چڪو آهي.

ان مقصد سان لاڳاپيل ضلعن جي انتظاميہ سان گڏجي سولر هم سسٽم ورهائڻ جون تقريبون منعقد ڪيون پيون وڃن. ورهاست جي تقريبن ۾چونڊيل نمائندا، ضلعي انتظاميہ ۽ ٻيا اسٽيڪ هولڊرز شريڪ ٿين ٿا. تقريبن ۾ مقررين سنڌ حڪومت جي مهم جي ساراھ ڪئي ۽ ذميوار استعمال جي اهميت تي زور ڏنو. هنن چيو تہ هي مهم حڪومت جي غريب گهراڻن جي پائيدار توانائي حل فراهم ڪرڻ جي واعدي جو ثبوت آهي.

اهي تقريبون وڏي انگ ۾ اسٽيڪ هولڊرز، خاص طور صوبائي وزيرن، قومي ۽ صوبائي اسيمبلي ميمبرن، ضلعي ڪائونسل چيئرمين، ضلعي انتظاميہ ۽ ٻين جي شرڪت سان منعقد ٿيون. سڀني سرسو جي ڪوشش ۽ سٺي نموني منظم ورهاست جي ساراھ ڪئي.سرسو جي پروجيڪٽ مئنيجر، ريجنل جنرل مئنيجر، ضلعي مئنيجرز ۽ فيلڊ ٽيم جي قيادت ۾ سرسو ٽيم تمام سٺي نموني تقريبون منظم ڪرڻ ۾ محنت ڪئي.



## مکيہ تقريبون

جيڪب آباد / 19 مارچ 2025: سنڌ سولر انرجي پروجيڪٽ (SSEP) جي افتتاحي تقريب جيڪب آباد ۾ منعقد ٿي، جيڪا منصوبي جي عمل درآمد ۾ اهم سنگ ميل آهي. تقريب ۾ 158 مرد ۽ 96 عورتون فائدو وٺندڙ ۽ اسٽيڪ هولڊرز شريڪ ٿيا.

ايم پي اي حاجي شير محمد مغيري، ڊپٽي ڪمشنر سمير لغاري، ريجنل مئنيجر سرسو ظهير احمد شر، پروجيڪٽ مئنيجر احسان سومرو، ضلعي مئنيجر ارشاد احمد لاشاري ۽ ٻيا شريڪ ٿيا ۽ 38 سولر هوم سسٽم غريب خاندانن جي حوالي ڪيا.



قمبر شهدادڪوٽ / 25 مارچ 2025: ايم اين اي خورشيد احمد جوڻيجو سرسو ٽيم سان گڏ فيلڊ جو دورو ڪيو ۽ ڳوٺ صاحب خان پٺي تعلقي شهدادڪوٽ ۾ سولر هوم سسٽم ورهائڻ جي تقريب ۾ شريڪ ٿيو، جتي 150 سسٽم گهٽ آمدني وارن خاندانن کي ڏنا ويا



.شڪارپور / 12 اپريل 2025: شڪارپور ۾ سنڌ سولر انرجي پروجيڪٽ جي افتتاحي تقريب منعقد ٿي، جنهن ۾ 80 سولر هوم سسٽم ورهايا ويا. اڳوڻو صوبائي وزير توانائي ۽ ايم پي اي امتياز احمد شيخ، ضلعي ڪائونسل چيئرمين ذوالفقار علي ڪماريو، ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ظفر عباس، گل محمد SSEP جو ماحولياتي آفيسر ۽ ٻيا شريڪ ٿيا .



خيرپور ميرس / 9 اپريل 2025: تعلقي ڪوٽ ڏجي ۾ گهٽ آمدني وارن خاندانن کي 100 سولر هوم سسٽم ورهايا ويا. ايم پي اي هالار خان وساڻ، سي اي او سرسو محمد ڏتل ڪلهوڙو، ريجنل جنرل مئنيجر عامر عباس، ضلعي مئنيجر اڪرم شيخ ۽ ٻيا شريڪ ٿيا



لاڙڪاڻو / 11 اپريل 2025 سرسو طرفان نصرت ڀٽو هال لاڙڪاڻو ۾ سولر هوم سسٽم ورهاست جي تقريب منظم ڪئي وئي. ايم پي اي جميل احمد سومرو ۽ طارق انور سيال، اسسٽنٽ ڪمشنر راجا قريشي، ميئر انور لُهر ۽ وائيس چيئرمين اسدالله ڀٽو شريڪ ٿيا، جن جي موجودگي ٽيم ۽ فائدو وٺندڙن جي حوصلي ۾ واڌارو ڪيو



جيڪب آباد / جون 11، 2025 : سنڌ حڪومت جي سنڌ سولر انرجي پروجيڪٽ تحت جيڪب آباد ضلعي جي گهٽ آمدني وارن 137 گهراڻن ۾ سولر سسٽم ورهايا ويا. تقريب اسٽيڊيم گرائونڊ ڳڙهي خيرو ۾ منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ صوبائي اسيمبليءَ جو ميمبر، مير ممتاز خان جکراڻي، ميونسپل چيئرمين خير بخش شاهاڻي ۽ ميونسپل وائيس چيئرمين ماڻڪ لال سميت ٻين مهمانن شرڪت ڪئي. هن پروجيڪٽ جو مقصد سنڌ جي غريب گهراڻن کي سولر سسٽم جي سهولت فراهم ڪرڻ آهي.



## سولر هوم سسٽم فاطمہ جي سُڪل مڇي جي ڪاروبار کي بدلائي ڇڏيو



قمبر شهدادڪوٽ ضلعي جي حمل ڍنڍ جي ڏورانهن ڪنڊ ۾، جتي بجلي اڃا خواب آهي، فاطما، زال جيئڊ خان، خاموشي ۽ عزم سان زندگي گذاري رهي هئي. خاندان جي جياپي لاءِ هوءَ مقامي بازار ۾ سُڪل مڇي وڪرو ڪندي هئي. هي هڪ سخت روزگارآهي، جيڪو سُڪائڻ جي ڏگهي وقت، موسم جي بي يقيني ۽ بجلي جي کوٽ سبب اڃا بہ مشڪل بڻجي ويندو هو. بجلي کان سواءِ هن جو ڪم سست، گهٽ آمدني وارو ۽ محدود هو. حاصل ٿيندڙ آمدني گهر جي بنيادي ضرورتن لاءِ بہ مشڪل سان پوري ٿيندي هئي. هوءَ سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) جي جوڙيل ڳوٺاڻي آرگنائيزيشن ڪاڇڙي مياڻي جي سرگرم ميمبر بہ آهي.

”منهنجي زندگي نئين موڙ ورتو جڏهن سرسو جي سنڌ سولر انرجي پروجيڪٽ (SSEP) جي ٽيم منهنجي ڳوٺ آئي ۽ مونکي سولر ڪِٽ ڏني، جنهن ۾ سولر فين، بلب، چارجر، بيٽري ۽ پليٽس شامل هيون. هي ڪِٽ منهنجي ننڍڙي ڪاروبار لاءِ زندگي بدلائيندڙ ثابت ٿي.“ هن وڌيڪ چيو تہ ”سولر پکي سبب مڇي سُڪائڻ جو عمل تيز ٿيو آهي، مان گهٽ وقت ۾ وڌيڪ مقدار ۾ بهتر تيار ڪري رهي آهيان. هن ڪارائتي واڌاري سان مان وڌيڪ وڪرو ڪري سگهان ٿي، نون گراهڪن کي پاڻ ڏانهن ڇڪيو آهي ۽ پنهنجي آمدني ۾ ہيڻ تي واڌارو آيو آهي.“

فاطمہ جي ڪاميابي عورتن ٻين کي حوصلو ڏنو. هن جي ڪهاڻي هڪ مثال پيش ڪري ٿي تہ ڪيئن پائيدار توانائي جا حل، خاص طور غريب ۽ بجلي جي سهولتن کان محروم ڪميونٽين ۾ عورتن کي بااختيار بڻائي سگهن ٿا.

اڄ فاطمہ نہ رڳو پنهنجي وڌندڙ ڪاروبار جي ڪري سڃاتي وڃي ٿي.سولر ڪِٽ شايد سادو سامان هو، پر هن لاءِ روزگار، وڌيڪ آمدني ۽ روشن مستقبل جو دروازو کوليو. هن جو سفر صاف توانائي جي تبديلي آڻيندڙ اثر ۽ ڳوٺاڻي سطح تي عورتن ۾ سيڙپڪاري جي طاقت جو ثبوت آهي.

## شڪارپور ۾ سولر هوم سسٽم جي اثرن جي ڪامياب ڪهاڻي



شڪارپور ضلعي جي ڏورانهن ڳوٺ قبالو ۾ ناهيد خاتون سادي زندگي گذاريندي هئي، آچار ٺاهي ۽ مزدوري ڪري خاندان جو گذران ڪندي هئي. هن جي ڪميونٽي وانگر هن کي بہ روزانو هڪ وڏي مشڪل هئي جو بجلي جي کوٽ. محدود روشني سبب هن جي ڪم جا ڪلاڪ گهٽ هئا، ان ڪري پيداوار گهٽ ۽ ننڍڙو ڪاروبار وڌائڻ جا موقعا محدود بڻجي ويا هئا.


شيون تبديل ٿيڻ شروع ٿيون جڏهن سنڌ سولر انرجي پروجيڪٽ (SSEP) جي ٽيم هن جي ڳوٺ آئي. گهراڻي سروي بعد ناهيد کي سولر هوم سسٽم لاءِ چونڊيو ويو. بينڪ چالان ذريعي 6,000 روپيا جمع ڪرائڻ بعد هن کي مڪمل سولر ڪِٽ ملي ۽ سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) جي ٽيم گهر ۾ سسٽم لڳائڻ ۾ مدد ڪرڻ سان گڏوگڏ ان کي صحيح هلائڻ ۽ سارسنڀال بابت بنيادي ڄاڻ پڻ ڏني. سسٽم لڳائڻ جو اثر جلد ۽ زندگي بدلائيندڙ هو. ”پهريون ڀيرو منهنجي گهر ۾ مسلسل ۽ چٽي روشني آئي. هاڻي مان صبح جو سوير ۽ شام دير تائين آچار تيار ڪري ۽ پيڪ ڪري سگهان ٿي، منهنجي پيداوار ٻيڻي ٿي وئي ۽ آمدني وڌي وئي. هاڻي ڏينهن جي روشني تي محدود نہ رهي، مان نئين اعتماد سان پنهنجو ننڍڙو ڪاروبار وڌائي رهي آهيان.“

اڄ ناهيد جي آچار جو ڪاروبار وڌي رهيو آهي. هوءَ نئين جوش سان ڪم ڪري ٿي، سولر هوم سسٽم ذريعي حاصل ٿيندڙ روشني هن جي گهر ۽ مستقبل ٻنهي کي روشن ڪري ڇڏيو آهي. سنڌ حڪومت ۽ سرسو جي مدد جي شڪرگذار ناهيد هڪ جيئري جاڳندي مثال آهي تہ ڪيئن پائيدار بنيادن تي حاصل ٿيندڙ سج جي توانائي نہ رڳو گهر، پر زندگيون بہ بدلائي سگهي ٿي.

نيوز اسٽوريز

# عوام جي غربت گهٽائڻ جو پروگرام ( پي پي آر پي - 1 ) جي پڄاڻي تي ورڪشاپ

## (People's Poverty Reduction Program –PPRP 1 Dissemination Workshop)




- ورڪشاپ ۾ 400 کان وڌيڪ عورتن ۽ ٻين لاڳاپيل ڌرين جي نمائندن شرڪت ڪئي.
- خاص مهمان سيد ناصر حسين شاهه، صوبائي وزير پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ ۽ توانائي، حڪومتِ سنڌ هو.
- ورڪشاپ جي صدارت محترمه ناهيد شاهه دراني، چيئرپرسن سرسو بورڊ ڪئي.


سنڌ حڪومت ۽ سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) جي گڏيل سهڪار سان عوام جي غربت گهٽائڻ جو پروگرام (People's Poverty Reduction Program_PPRP_I) جي پڄاڻي ورڪشاپ جولاءِ 22، 2025ع تي پاڪستان آرٽس ڪائونسل ڪراچي ۾ منعقد ڪيو ويو. ورڪشاپ ۾ سنڌ جي پروگرام وارن 6 ضلعن مان 400کان وڌيڪ عورت اڳواڻن، پروگرام مان فائدو وٺندڙن ۽ ٻين لاڳاپيل ڌرين جي نمائندن شرڪت ڪئي.

تقريب جو خاص مهمان سيد ناصر حسين شاهه، صوبائي وزير پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ ۽ توانائي، حڪومتِ سنڌ هو. هن پنهنجي خطاب ۾ چيو ته سنڌ حڪومت سرسو جي سهڪار سان هلندڙ عوام جي غربت گهٽائڻ جو پروگرام کي سڄي صوبي ۾ وڌائڻ جو ارادو رکي ٿي .هن چيو ته هي پروگرام، جيڪو 2017 کان 2025 تائين سرسو پاران ڇهن ضلعن ۾ ڪاميابي سان عمل ۾ آندو ويو. اهو هڪ شهيد محترمه بينظير ڀٽو جو خواب هو، جنهن کي صدر آصف علي زرداري جي سرپرستي سان وڌيڪ سگهه ملي.

صوبائي وزير ٻڌايو ته هن وقت هي پروگرام سنڌ جي 17 ضلعن ۾ جاري آهي، جنهن کي جلد سيني 29 ضلعن تائين وڌايو ويندو. پاڻ چيو ته PPRP عورتن کي بااختيار بڻائڻ ۾ انتهائي ڪامياب رهيو آهي ۽ اهو بنا ڪنهن شڪ جي سنڌ حڪومت جو هڪ منفرد پروگرام (PPRP_A Flagship Initiative of Sindh Government) آهي، جنهن جي ڪاميابي عورتن جي پنهنجي محنت ۽ شموليت سان ممڪن ٿي آهي.

سيد ناصر حسين شاهه وڌيڪ اعلان ڪيو ته عورتن کي معاشي ۽ سماجي طور مضبوط ۽ خود مختيار بڻائڻ لاءِ سنڌ حڪومت پاران 15لک رپين تائين بغير وياج جي ڪاروباري قرض فراهم ڪيا ويندا. هن چيو ته چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي هدايتن تحت PPRP جو دائرو 17 ضلعن مان وڌائي 29 ضلعن تائين ڪيو پيو وڃي، جنهن سان نه رڳو ڳوٺاڻيون پر شهري غريب ۽ حقدار عورتون به فائدو حاصل ڪري سگهنديون.

ورڪشاپ جي صدارت محترمه ناهيد شاهه دراني، چيئرپرسن سرسو بورڊ ڪئي. هن پنهنجي خطاب ۾ چيو ته پي پي آر پي سنڌ حڪومت جو فليگ شپ پروگرام آهي، جيڪو 2017کان 2025 تائين سماجي تنظيم سازي ۽ ڪميونٽي انويسٽمينٽ فنڊ (CIF) جي فلسفي هيٺ عمل ۾ آندو ويو.









هن ٻڌايو تہ پروگرام جي شروعات صوبي جي ڇهن ضلعن خيرپور ميرس، سانگهڙ، عمرڪوٽ، ميرپورخاص، بدين ۽ ٺٽو مان ٿي، جيڪو ٻن مرحلن ۾ هلايو ويو ۽ هاڻي ان جو ٽيون مرحلو شروع ٿيڻ وارو آهي .هن چيو تہ هي سڀ ڪجهہ شعيب سلطان خان جي خواب، ترقياتي فلسفي ۽ قيادت سان ممڪن ٿيو آهي، جن جو پڪو يقين هو تہ عورتون ئي سماجي ترقي ۾ پائيدار تبديلي آڻي سگهن ٿيون.

هن وڌيڪ چيو تہ سنڌ ۾ 70 سيڪڙو عورتون گهڻ رخي(ملٽي ڊائمينشنل) غربت جو شڪار آهن ۽ اجا تائين حساس حالتن ۾ زندگي گذاري رهيون آهن. هن سڀني واسطيدار ڌرين (اسٽيڪ هولڊرز) تي زور ڏنو تہ عورتن جي سماجي ۽ معاشي بااختياري لاءِ گڏيل ڪوشش جاري رکجن تہ جيئن غربت کي پائيدار بنيادن تي گهٽائي سگهجي.



سرسوجي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر محمد ڏتل ڪلهوڙو پڻ ورڪشاپ کي خطاب ڪندي پروگرام جي سفر، اهم ڪاميابين ۽ ڳوٺاڻين عورتن جي زندگين ۽ معيشت تي ان جي مثبت اثرن بابت تفصيلي روشني وڌي. هن چيو پروگرام جي بنيادي حڪمت عملي سماجي تنظيم سازي، تربيت، مالي شموليت ۽ مختلف ترقياتي اپائن ذريعي غريب گهراڻن جي عورتن جي زندگي تبديل ٿي آهي.



عوام جي غربت گهٽائڻ جو پروگرام (پي پي آر پي) جي باني اڳواڻن ۾ شامل ڊاڪٽر شيرين مصطفيٰ چيو تہ پروگرام جي شروعات جو مقصد ڳوٺاڻن علائقن مان غربت جو خاتمو عورتن کي بااختيار بڻائڻ ذريعي ڪرڻ هو. هن چيو تہ هتي سنڌ جي گادي واري شهر ڪراچي ۾ ڏورانهن ٻهراڙيءَ جي منظر ۽ بااختيار عورتن کي ڏسي ڪيس تمام گهڻي خوشي ٿي رهي آهي، تہ جنهن سوچ سان پروگرام جي ابتدا ڪئي ويئي هئي اها ساپيان ماڻي آهي.




محترم سجاد عباسي، سيڪريٽري پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ، حڪومتِ سنڌ، پڻ تقريب کي خطاب ڪندي چيو تہ پي اينڊ ڊي کاتو ۽ سرسو گڏجي پي پي آر پي جو ٽيون مرحلو بہ جلد چئن نوشهرو فيروز، شهيد بينظيرآباد، حيدرآباد ۽ ڪراچي ضلعن ۾ ڪاميابيءَ سان عمل ۾ آڻدو ويندو. هن ڳوٺاڻين عورتن جي بااختياري کي پائيدار غربت جي خاتمي لاءِ انتهائي اهم قرار ڏنو.

تقريب کان اڳ ”پي پي آر پي جو سفر 2009 کان 2025 “نالي سان تيار ڪيل دستاويزي ڊاڪيومينٽري پڻ ڏيکاري وئي ، جنهن ۾ سنڌ حڪومت ۽ سرسو پاران عورتن جي اڳواڻي ۾ سماجي تنظيم سازي، ڪميونٽي ڊولپمينٽ ۽ پروگرام جي ڪاميابين کي اجاگر ڪيو ويو آهي .

ورڪشاپ ۾ سنڌ اسيمبلي ۽ پبلڪ اڪائونٽس ڪميٽي ميمبر قاسم سراج سومرو، نواب خان وساڻ، نجم احمد شاهه (چيئرمين پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ بورڊ)، سينيئر سرڪاري عملدارن، سرسو بورڊ ميمبرن، سول سوسائٽي ۽ ميڊيا نمائندن پڻ شرڪت ڪئي.










تقريب دوران سنڌ جي مختلف ضلعن مان آيل 400 کان وڌيڪ عورتن پنهنجي ڪاميابين جو جشن ملهايو ۽ سڪيا، تجربا ۽ خيال ونڊيا. ورڪشاپ ۾ 6 ضلعن کان چونڊ ڪميونٽي ادارن (COs/VOs/LSOs) جي عورت اڳواڻ ۽ انڪم جنريٽنگ گرانٽس، ڪميونٽي انويسٽمينٽ فنڊ، انٽرپرائيز ڊولپمينٽ فنڊ، بزنس ڊولپمينٽ گروپس، گهٽ خرچ وارا گهر ۽ ووڪيشنل ٽريننگ جهڙين پروگرم جي مداخلتن مان فائدو وٺندڙ عورتن پنهنجون متاثر ڪندڙ ڪاميابي جون ڪهاڻيون بيان ڪيون.

ورڪشاپ جي سهولتڪاري ڊاڪٽر ايوب شيخ (سياسي ۽ ثقافتي تجزيہ نگار) ۽ زبير سومرو ( ليکڪ، شاعر ۽ مئنيجر ايڇ آر ڊي_سرسو) ڪئي.
ان موقعي تي آرٽس ڪائونسل ۾ سرسو جا نمائشي اسٽالز پڻ لڳايا ويا، جتي سرتيون سنگ ڪرافٽس انٽرپرائيز پاران عورتن جي هٿن جا هنر ۽ سرسو_ ڪميونيڪيشن _ايم اي آر يونٽ پاران شايع ٿيل ڪتاب نمائش لاءِ رکيا ويا.



## ڪميونٽي ادارن جو اڳواڻ ۽ ڪاروباري عورتن جو خطاب

عوام جي غربت گهٽائڻ جو پروگرام _ پي پي آر پي 1 جي پڄاڻي واري ورڪشاپ ڪي مختلف ضلعن جي چونڊ ڪميونٽي ادارن جون اڳواڻ ۽ ڪاروباري عورتن بہ خطاب ڪيو. عورتن پنهنجي ڳالهہ ٻولهہ ۾ پروگرام جي مختلف سرگرمين جي نتيجي ۾ سندن ذاتي، گهريلو ۽ ڪميونٽي سطح تي آيل تبديلي بابت پنهنجا تجربا، سکيا ۽ خيال بيان ڪيا.

- مهنار مهر ايل ايس او اڳواڻ (شڪارپور)
- ارشاد خاتون، ايل ايس او اڳواڻ (ڪشمور)
- نور بانو ملاح، ڪاروباري (خيرپور ميرس)
- زڪيہ ، ڪاروباري گروپ جي اڳواڻ (بدين)
- شبانہ خاصخيلي ايل ايس او اڳواڻ ۽ ڪاروباري (ٺٽو)
- نارو مل، ڪاروباري (ميرپورخاص)
- ڪستوري ٻائي، ايل ايس او اڳواڻ ۽ ڪاروباري (عمرڪوٽ)
- راڻي ملوڪاڻي، ايل ايس او اڳواڻ (سانگهڙ)
- افروز خاتون، ايل ايس او اڳواڻ (قمبر_شهدادڪوٽ)



# ڪميونٽي انويسٽمينٽ فنڊ (سي آءِ ايف):
# ڳوٺاڻي سطح تي غربت کي منهن ڏيڻ لاءِ هڪ اثرائتي حڪمت عملي آهي



**نادر علي شاهه**
ريجنل ايم اينڊ اِي آفيسر سرسو لاڙڪاڻو ريجن

زميني حقيقتون ان ڳالهه جون شاهد آهن ته ڀهراڙي جون عورتون ڪميونٽي انويسٽمينٽ فنڊ (Community Investment Fund_ CIF) مان فائدو وٺي رهيون آهن، جيڪو آمدني وڌائڻ لاءِ بغير وياج جو ننڍڙو قرض آهي، جيڪو سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) اڳ ۾ يورپين يونين جي مدد سان سڪسيس پروگرام هيٺ شروع ڪيو ويو هو.

محترمه ارشاد خاتون ٻڌايو ته: ”منهنجي مڙس جي وفات بعد اسان جي زندگي ڏاڍي ڏکئي هئي. اسان جي سامهون ڪابه واٽ نه هئي، پر جڏهن سرسو جي ٽيم اسان جي ڳوٺ آئي ۽ اسان جي پاڙي ۾ به ڪميونٽي آرگنائيزيشن (سي او) جوڙي ته آئون به ان جي ميمبر طور شامل ٿيس. ان ڪري مون سي آءِ ايف جي باري ۾ ڄاڻ ملي. مون پنج ڀيرا CIF مان قرض ورتو، جنهن سان اسان جي گهر جي مالي حالت بهتر ٿي. بغير وياج جي هن قرض اسان کي پاڻ پيرو بڻايو ۽ گهر جي خرچن لاءِ آمدني جو ذريعو فراهم ڪيو".

بخشو ساريو ڳوٺ، جيڪو حيدر چانڊيو يوسي، تعلقي سجاول، ضلعي قمبر_ شهدادڪوٽ ۾ واقع آهي، ان ۾ 191 گهر آهن ۽ 1,205 آبادي آهي (جنهن ۾ 307 عورتون، 302 مرد، 272 ڇوڪريون ۽ 324 ڇوڪرا شامل آهن). جيئن ته سرسو پاران 2016 ۾ ڪيل Poverty Scorecard Survey مان ظاهر ٿيو. انهن مان 2 عورتون، 7 مرد، 2 ڇوڪريون ۽ 3 ڇوڪرا معذور آهن PSC . جي بنياد تي، 208 CIF فائدي ماڻيندڙ آهن، جن کي مجموعي طور 5,500,000روپين جي رقم پنج ڀيرا 2018 کان وٺي ڏني وئي.

CIF، جيڪو اڳ EU_funded SUCCESS پروگرام جو حصو هو، اهو ٻهراڙي جي عورتن جي اڳواٽيءَ ۾ هلندڙ ڪميونٽي ادارن کي بغير وياج مالي مدد فراهم ڪري ٿو. هن فنڊ جي خاص ڳالهه اها آهي تہ عورتون قرض ڏيڻ جا فيصلا ۽ واپسيءَ جا شرط پاڻ مقرر ڪن ٿيون . اهو فنڊ گهٽ آمدني وارن گهرن (PSC 0_23) کي فائدو ڏئي ٿو، جيئن اهي آمدني پيدا ڪندڙ سرگرميون شروع ڪري سگهن .

ورلڊ بئنڪ جي Poverty & Equity Brief موجب، پاڪستان جي غربت جي شرح 2025 جي مالي سال لاءِ 42.4 سيڪڙو آهي، جيڪا گذريل سال جيتري آهي. هر سال 2 سيڪڙو جي آبادي جي واڌ سان، هن سال تقريبن 1.9 ملين ماڻهو وڌيڪ غربت ۾ ويا. عالمي قرض ڏيندڙ ادارن موجب، خاص ڪري COVID_19 ۽ 2022 جي ٻوڏ کان پوءِ پاڪستان جي غربت جي شرح 44.7 سيڪڙو ۽ انتهائي غربت 4.9 سيڪڙو کان وڌي 16.5 سيڪڙو تي وئي آهي.

پاڪستان اڪنامڪ سروي ڏيکاري ٿو تہ ملڪ جي 24.3 سيڪڙو آبادي قومي غربت جي سطح کان هيٺ زندگي گذاري رهي آهي COVID_19 . سبب روزگار حاصل ڪندڙ آبادي پنج ڪروڙ ستونجاه لک چاليهہ هزار مان گهٽجي ٽي ڪروڙ پنجاهہ لک چاليهہ هزار تي اچي وئي پيداوار ۾ واڌ جي شرح هن وقت 2.6 سيڪڙو آهي، جيڪا اميد آهي تہ 2025 تائين 2.7 سيڪڙو تائين پهچندي. ٻهراڙي غربت (51) سيڪڙو شهري غربت (17) سيڪڙو کان تمام گهڻي آهي، جتي اڪثريت عوام جو دارومدار زراعت ۽ چوپايومال جي پالنا تي آهي، پران شعبي ۾ سيڙپڪاري نہ ٿيڻ سبب انهن جي آمدني گهٽ رهي ٿي.

ان ڏکي معاشي صورتحال جي باوجود، بغير وياج قرض جهڙوڪ؛ ڪميونٽي انويسٽمينٽ فنڊ CIF غربت گهٽائڻ لاءِ اثرائتو حل آهي . سرسو جي 2016 جي PSC Survey موجب، ارشاد خاتون جو اسڪور 15 ۽ گلزار جو اسڪور 16 هو، جيڪي "غربت جي ليڪي کان هيٺئين" درجي ۾ اچي وڃن ٿا.



ارشاد علي ساريو، جيڪو رات جو نہ ڏسي سگهڻ ۽ جسم جي اڌ معذوريءَ جو شڪار آهي، روزانو 3000 روپيہ جي برف خريد ڪري 4,000 روپين ۾ وڪرو ڪري ٿو، جنهن مان 1,000 روپيا نفعو حاصل ٿئي ٿو (ماهوار 30،000 روپيا) . ساڳئي وقت، هو پڪوڙا بہ وڪرو ڪري ٿو ۽ ان مان بہ 30,000 روپيا ماهوار ڪمائي ٿو. سندس مجموعي ماهوار آمدني 60,000 روپيا آهي، جيڪا سندس گهر جي جياپي لاءِ ڪافي آهي.

ارشاد علي ساريو چيو: "معذور هجڻ سبب مونکي اميد نہ هئي، پر جڏهن منهنجي امڙ CIF جو بغير وياج قرض ورتو ۽ ان مان ڪاروبار شروع ڪيو، تہ ان آمدني منهنجي زندگي بدلائي ڇڏي".

گلزار خاتون، زال پنهل خان ساريو ، بہ ڀيرا CIF مان بغير وياج قرض ورتو 40,000 روپيا ۽ 50,000 روپيا هن بہ ٻڪريون پالڻ بعد عيد تي وڪرو ڪيون ۽ نفعي مان ڪلفي، جوس، ٿڌين شين جي اسٽال لاءِ لوڊر خريد ڪيو. پنهل هاڻي روزانو 1,000 ڪمائي ٿو) ماهوار 60,000 روپيا ۽ انهن وٽ CIF مان ورتل ٻہ ٻڪريون اڃا بہ موجود آهن.

پنهل ساريو چيو: "هڪ فائرنگ واري واقعي کانپوءِ منهنجو پير خراب ٿي ويو ۽ مان ڪمائڻ جي قابل نہ رهيس. غربت ۽ مايوسي جو شڪار هئس، پر منهنجي زال CIF مان بنا وياج قرض ورتو، جنهن سان مان ڪاروبار شروع ڪيو ۽ اڄ پنهنجي گهر جو خرچ پورو ڪري سگهان ٿو".

اهڙيءَ طرح، CIF ٻهراڙي جي غريبن لاءِ هڪ آزمايل، اثرائتو ۽ اميد ڏيڻ وارو مالي ماڊل ثابت ٿيو آهي.



پيو رُخ

# هڪ نئين سنڌ اُڀري رهي آهي

**نعمت الله ساوند**

مئنيجر ايم اي آر سرسو هيڊ آفيس سکر

سنڌ جون عورتون ڏهن سالن کان وڌيڪ عرصي کان پنهنجن علائقن کي خاموشي سان بدلائي رهيون آهن . نہ ڪنهن وڏن مهمن سان، نہ ڪنهن اوچتي سياسي لهر سان، پر مسلسل محنت، گڏيل فيصلن ۽ آهستي آهستي پيدا ٿيندڙ اعتماد سان. جڏهن سنڌ حڪومت جي رٿابندي ۽ ترقي کاتي (Planning & Development Department_ Govt. of Sindh) عوام جي غربت گهٽائڻ جو پروگرام ، (People's Poverty Reduction Program_ PPRP)، سن 2009 ۾ سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو ) شڪارپور ۽ ڪشمور ايٽ ڪنڌ ڪوٽ ضلعن سان شروع ٿيو هو، تڏهن سنڌ جي گهڻن ضلعن خاص ڪري ٻهراڙي ۾ سخت غربت موجود هئي ۽ عورتون ترقي وارن فيصلا ڪرڻ جي ادارن، هنڌن ۽ عمل ۾ تقريبن نہ هونديون هيون. اهي هر روز ڪم ڪنديون هيون. زراعت ۾ حصو ڳنڍڻ، مال پالڻ، ڪپڙا سبڻ، گهر جا وسيلا سنڀالڻ ۽ خاندانن جي سنڀال، پر انهن جي محنت کي عام گهر جا ڪم سمجهيو ويندو هو، معاشي ڪم طور نہ ڏٺيو ويو آهي. انهن جي اصل ڪردار ۽ سماجي سڃاڻپ ۾ وڏو فرق هو. ترقي وارا ڪيترائي پروگرام شروع ڪرڻ يا عمل ۾ آڻڻ ۾ عورتن کي مرڪزي حثيت حاصل نہ هئي. پر عوام جي غربت گهٽائڻ جو پروگرام (پي پي آر پي) ۾ عورتن کي مرڪزي حثيت ڏني وئي.

هن پروگرام پنهنجو ماڊل هن خيال تي رکيو تہ جيڪڏهن عورتون اڳواڻي ڪن تہ ڳوٺ بدلجي سگهن ٿا. پروگرام سنڌ ۾ لڳ ڀڳ 15 لک غريب ترين گهراڻن کي عورتن جي اڳواڻي هيٺ عورتن جي ڪميونٽي ادارن جي شڪل ۾ منظم ڪيو. جيڪا خود هڪ وڏي ڪاميابي آهي ۽ سماجي سرمايو آهي. اهي گروپ اهڙي علائقن ۾ جوڙيا جتي عورتون هر حوالي سان ڏتڙيل هيون. هينئر اهي کولي ڳالهائي سگهيون، گڏجي بچت ڪري سگهيون، مصيبتن ۾ هڪ ٻئي جو ساٿ ڏئي سگهيون ۽ پنهنجن ڳوٺن جي ضرورتن بابت گڏجي سوچيو. هن طريقي جو خاص پاسو ان جي سادگي ۽ شرڪت هئي. ٻاهرين ماهرن کان ڳوٺ لاءِ فيصلا ڪرائڻ بدران، پي پي آر پي عورتن کي پاڻ ڳالهائڻ ڏنو. غريب گهراڻن جي سڃاڻپ تي، مقامي مسئلا بيان ٿيا، حل تي بحث ٿيو ۽ عورتن کي چوند ڪرڻ ۽ هر طرح جو فيصلو ڪرڻ جو حق ڏنو ويو.

هن تبديلي واضع فرق پيدا ڪيو. جيڪي عورتون ڳوٺ جي گڏجاڻين ۾ خاموش ويٺيون هونديون هيون، اهي ئي اڳواڻ بڻجي ويون. ڪين حساب رکڻ، فنڊ سنڀالڻ، فورمن ۾ ڳالهائڻ ۽ اهڙن ادارن سان ڪم ڪرڻ سکيو جيڪي عورتن کان هدايتون وٺڻ جا عادي نہ هئا. پروگرام ڪين ننديون گرانٽون، بنا وياج قرض، مهارتن جي تربيت، رهائش جي سهولت ۽ ڪاروباري رهنمائي ڏني. 33 هزار کان وڌيڪ عورتن پنهنجي مدد سان گهٽ قيمت، ماحول دوست گهر ٺهرايا. جيڪي عورتون اڳ ڪوبہ ڪاغذ تي صحيح نہ پئي ڪري سگهيون، اهي هاڻي تعمير جي معيار جي تصديق ڪرڻ ۽ خرچن جي نگراني ڪرڻ لڳيون.

هن اثر جو دائرو وڌندو ويو. عورتن ننڍن ڪاروبار سان شروعات ڪئي. سلائي، چانهہ جي دڪان، روايتي هنرن کي زور وٺرائڻ، ڪاروبار بنيادن تي ڪم ڪرڻ، مال پالڻ، ننڍي پوکي، خوراڪ جي تياري، نرسريون. اهي ئي ڪاروبار آهستي آهستي ڳوٺن جي آمدني جو ذريعو بڻيا. ڏهہ هزار کان وڌيڪ اهڙا ننڍا ڪاروبار پي پي آر پي ۽ ان جي گڏيل ڪاروباري سپورٽ سان شروع ٿيا. گهڻا ڪاروبار هڪ خيال، ٿوري همت ۽ ٿوري رقم سان شروع ٿيا. سندن ڪاميابي جو سبب هڪ وقتي مدد نہ هئي، پر باقاعده رهنمائي ۽ عورتن جي مضبوط نيٽورڪ هئي.

جهڙي پرسان هڪ ڳوٺ ۾ شاهده نالي عورت مرچن جو ننڍو ڪاروبار شروع ڪيو . پي پي آر پي جي ڪاروباري تربيت سان هن پيڪنگ بهتر ڪرڻ، نوان خريدار ڳولڻ ۽ قيمتون ترتيب ڏيڻ سکي. سندس آمدني وڌندي وئي. هن ٻيون عورتون بہ روزگار تي لڳايون. سندس ڳوٺ جي تنظيم پوءِ لنڪ روڊ جي بهتري لاءِ قدم کنيو، جنهن سان مال مارڪيٽ تائين پهچائڻ آسان ٿيو. هي سڀ ڪنهن وڏي منصوبي سان نہ ٿيو. هي ان ڪري ٿيو جو عام عورتن کي فيصلو ڪرڻ جو حق مليو.

سنڌ جون عورتن کي سماجي_معاشي سگهارو ڪرڻ ذريعي ڳوٺاڻي ترقي ۽ غربت گهٽائڻ جو تجربو عالمي ترقي جي ماڊلن سان ملي ٿو پر ساڳي وقت ان کان الڳ بہ آهي. چين ۾ غربت گهٽائڻ جو وڏو نتيجو، جنهن ۾ لڳ ڀڳ 800 ملين ماڻهو غربت کان نڪتا، وڏي سرڪاري سيڙپڪاري ۽ بنيادي ڍانچي جي ترقي جي نتيجي ۾ ٿيو. سنڌ ۾ ماڊل مٿان کان هيٺ نہ آهي. هي ڳوٺن جي روزاني زندگي تي ٻڌل آهي. هي ڪميونٽي کي ساٿي ٺاهي ٿو، رڳو فائدو وٺندڙ نہ. هي سادو عورتن جي اڳواڻي وارو ڍانچو آهي جنهن وڏن منصوبن کانسواءِ نتيجا ڏنا.

پروگرام ٻين عالمي ماڊلن سان بہ ڳنڍيل آهي، جهڙوڪ BRAC جو الٽرا پور گريجوئيشن ماڊل(Ultra_Poor Graduation Model)، ڀارتي SEWA جو گڏيل عورتن جو تنظيم ۽ عالمي بئنڪ جا ڪميونٽي ڊرائيو پروگرام شامل آهن. انهن سيني مان گهڻو ڪجهہ ورتي/سکي چڪو آهي، پر سنڌ جي سماجي ڍانچي مطابق ان کي پنهنجو انداز ڏنو آهي. هن طريقي جي طاقت ان جي ثقافتي هڪ جهڙائي آهي. هي عورتن تي ٻاهرين نمونا مڙهي نٿو، پر سندن موجوده ڪم کي وڌائي ٿو ۽ ڳوٺ جي زندگي جي روايت کي احترام ڏئي ٿو.



سانگهڙ، خيرپورميرس، بدين، ميرپورخاص، عمرڪوٽ ۽ ٺٽي ۾ ڪم ڪندڙ عملي هڪ ڳالهہ ڏٺي. عورتون ڳوٺن جا مسئلا سمجهنديون هيون، پر انهن وٽ اهڙو هنڌ نہ هو جتي انهن جا حل غور سان ٻڌا وڃن. جڏهن اهڙو هنڌ مليو تہ انهن جي قدرتي اڳواڻي واري مهارت ظاهرٿي سامهون آئي. انهن مردن کان بهتر حساب رکيا. منصوبن جي نگراني ايمانداري سان ڪئي. گڏجاڻين ۾ باقاعدگي سان حصو ورتو. پئسي ۾ احتياط ڪيو، پر خيالن ۾ جرئت ڏني وئي. غريب گهرن جي تڪليف جو احساس هو، تنهن ڪري انصاف کي اوليت ڏني.

پروگرام جي اهم حصي طور انٽرپرائيز ڊولپمينٽ فنڊ Enterprise Development Fund، هن تبديلي کي وڌيڪ مضبوط ۽ وسيع ڪيو. مارڪيٽ جو جائزو، سپلائي چين لنڪيج، پراڊڪٽ ۾ بهتري ۽ ڪاروباري ڪوچنگ عورتن کي غير رسمي ڪم مان ڪڍي ننڍن ڪاروبارن ڏانهن آندو. سنڌ جي ڳوٺاڻي معيشت ننڍن ڪاروبارن تي ٻڌل آهي، ۽ اي ڊي ايف انهن کي وڌيڪ مضبوط ڪيو.ڪجهہ عورتن جن ٿوري گرانٽ سان شروعات ڪئي هئي اهي هاڻي ضلع جي مارڪيٽن تائين پنهنجون شيون ۽ خدمتون پهچائي رهيون آهن. پيڪنگ بهتر ٿي آهي. مقامي نمائش ۾ حصو وٺنديون آهن. آمدني اجا گهٽ آهي، پر عزت وڌي آهي.

اجا ڪيترين ڳالهين تي تحقيق جي ضرورت آهي. ڪهڙا ڪاروبار پنج سالن بعد بہ هلندا. عورتن جي اڳواڻي مقامي حڪمراني کي ڪيئن بدلائي ٿي. انهن عورتن جون نياڻيون پنهنجو مستقبل ڪهڙو ڏسن ٿيون. اهي ڳوٺ جتي عورتن جي اڳواڻي وارا ڪميونٽي ادارا جوڙيل آهن، انهن کان ڪيئن مختلف آهن جتي ائين ناهي. عورتن جي ادارن کي مقامي ترقي جي عمل ڪيئن استعمال ڪري پائيدار ترقي جا مقصد حاصل ڪري سگهجن ٿا. پر بنا تحقيق جي بہ ڇتي تبديلي نظر اچي ٿي. ڳوٺ بدلجي ويا آهن. ڳالهيون بدلجي ويون آهن. عورتن جي هلڻ ۾ اعتماد وڌيو آهي. گهڻيون عورتون هڪ ڳالهہ تي هڪ راءِ آهن. اسان ڪمزور نہ هئاسين، رڳو اسان کي موقعو نہ مليو هو.

اڄ بہ تبديلي جاري آهي. هي شور ۾ نہ آهي. هي مسلسل عمل آهي. هي مستقل مزاجي تي ٻڌل آهي. هي انهن عورتن جي محنت سان آهي جيڪي پاڻ کي عام سمجهنديون هيون پر هاڻي ڄاڻي ويون آهن تہ اهي پنهنجي ڳوٺن جو مستقبل ٺاهڻ جي قابل آهن. ٻهراڙي واري سنڌ ڪا اوچتي تبديلي سان نہ بدلجي رهي آهي. هي اندر کان بدلجي رهي آهي. انهن هٿن، آوازن ۽ فيصلن سان جيڪي ڪڏهن نظر نہ ايندا هئا پر هاڻي نظرانداز ڪرڻ ناممڪن آهن.



شايع ٿيل: منٿ مرر/ نومبر 17، 2025 سنڌي ترجمو: ڪينجهر اسلم ٻگهيو، حيدرآباد

## غريب عورتن جي ڳالهہ ٻڌو..!

قِاضي آصف

ذرو ذرو ٿيل زندگي جون ڪٽيون ميڙڻ واري تصوير ۾ وينل انهن عورتن کي ڏسو، ۽ ٻڌو تہ اڪين ۾ پاڻي ڀري اچي، ڪڏهن انهن جو ڏک ٻڌي ڪري تہ ڪڏهن همٿن جي ڪٿا ٻڌي ڪري خوشي مان.

ضلعو ٺٽو جي ڳوٺ راوت مگسي ۾ مختلف پوٺتي پيل يونين ڪائونسلن مان آيل عورتن جڏهن ڳالهائڻ شروع ڪيو تہ اسان ڪراچي کان آيل وارن صحافين، تعليمدانن ۽ ترقي جي شعبي سان تعلق رکندڙ وارا دنگ رهجي ويا سين.

ڏيڍ سو عورتن کي زندگي جي ڏنل غم تہ گهڻا هئا، ان ۾ هڪ غم وڌيڪ تعليم يافتہ نہ هجڻ جو بہ هو.مگر تعليم نہ هجڻ جو حساب پنهنجي دانش، لوڪ ڏاهپ سان پورو ڪيو. جڏهن انهن پنهنجا مسئلا ۽ انهن جي حل تي خود اعتمادي سان ڳالهائڻ شروع ڪيو تہ ڪٿان بہ اهو نہ لڳي رهيو هو تہ ان جي تعليم فقط پرائمري جي هڪ يا پنج درجن تائين آهي.هي هڪ منفرد ڳالهہ هئي تہ ٻهراڙيءَ جي عورتن رڳو پنهنجي مسئلن ٻڌائڻ، آهہ زاري ۾ وقت نہ وڃايو، بلڪ گهڻو وقت ان تي ڳالهايو تہ انهن مسئلن مان ڪيئن نڪرجي ؟ انهن جي طريقيڪار جو تفصيل ٻڌايو.

زندگي ۾ تڪليفن ۽ غربت جي سختي مان نڪرڻ لاءِ حڪمت عملي جو ڪم سنڌ حڪومت جي غربت گهٽائڻ جو پروگرام (People's Poverty Reduction Program_ PPRP funded by Sindh Govt.) ۾ ڏنل رقم ڪيو.

هي رقم ضرورتمند سڀ کان وڌيڪ غريب هجڻ جو تعين ڪري ان تائين پهچائڻ جو ڪم سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) ڪيو. هڪ ٿوري رقم پندرنهن کان ويهہ هزار روپيا تائين قرض فقط عورتن کي ڏنو. انهن عورتن سگهڙائپ سان ان ٿوري رقم جو صحيح استعمال ڪري ننڍا ننڍا ڪاروبار شروع ڪيا، ۽ پوءِ اها رقم سرسو کي واپس ڪري ڇڏي. جيڪا پوءِ ڪنهن ٻئي ضرورتمند کي ڏني وئي.

ٻڌڻ واري کي ڪک جو سهارو بہ گهڻو. سنڌ حڪومت سرسو جي پروگرام ذريعي غريبن کي خيرات جو عادي بڻائڻ جي بجاءِ، عزتِ نفس جو خيال رکندي خود اعتمادي پيدا ڪئي. قرض جي رقم جو صحيح استعمال ڪري روزگار جا ذريعا پيدا ڪري پنهنجا ڪجهہ مسئلا حل ڪيا.

هي ڳالهہ ناهي تہ ان سان ان جي غربت مڪمل طور ختم ٿي. بلڪ ڪجهہ آسانيون پيدا ٿيون. هاڻي اهي مسلسل محنت ڪري اڳتي هلي ڪري مڪمل طور غربت جي ڏهڻ مان نڪري سگهن ٿيون. هاڻي ، جڏهن انهن غريب گهراڻن لاءِ ڪجهہ آسانيون پيدا ٿيون آهن، تہ مائرن کي فڪر پنهنجي ٻارن خاص طور نياڻين جي تعليم جي ٿي آهي. اهي ٻارن کي تعليم ڏيارڻ جي ڪوشش ۾ لڳيون آهن.

سنڌ حڪومت ۽ سرسو جو روزگار لاءِ قرض فقط عورتن لاءِ آهي. ڇو جو اهي ئي سٺي طرح گهرداري ڪري سگهن ٿيون. هي هنر انهن وٽ آهي. سنڌ حڪومت ۽ سرسو جي مسلسل مدد جو جاري رهڻ تمام ضروري آهي.

غربت جي ساڙيندڙ گرمي ۾ پيري اگهاڙي هلندي، انهن عورتن جا پير پٿون ٿي پيا آهن، هاڻي انهن جي پيرن ۾ چپل اچي وئي آهي، تہ غربت مان نڪرڻ لاءِ ڏکهي ۽ مشڪل سفر جاري رکي ڪري پنهنجي منزل تائين هلي سگهن ٿيون .

# سرسو ۽ ميڊيا

سهيڙيندڙ: جميل سومرو
ميڊيا فوڪل پرسن، هيڊ آفيس سکر



## ميڊيا وفد سنڌ حڪومت جي مالي مدد سان هلندڙ عوام جي غربت گهٽائڻ جو پروگرام (PPRP) هيٺ هلندڙ سرگرمين جو دورو ڪيو

ميرپورخاص / 25 جنوري2025

ڪراچي ۽ حيدرآباد، سنڌ سان واسطو رکندڙ پرنٽ، اليڪٽرانڪ ۽ ڊيجيٽل ميڊيا جي نمائندن جو هڪ وفد سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) جي ميرپورخاص ضلعي ۾ هلندڙ سماجي ۽ معاشي ترقي وارن ڪمن جو دورو ڪيو، جيڪي سنڌ حڪومت جي عوام جي غربت گهٽائڻ جو پروگرام (PPRP) تحت ڪيو پيو وڃي. هي پروگرام سنڌ حڪومت جو هڪ اهم قدم آهي، جنهن جو مقصد سنڌ جي ٻهراڙي ۾ عورتن جي اڳواڻيءَ ۾ سماجي تحرڪ ذريعي ڳوٺاڻي عورتن کي بااختيار بنائڻ ذريعي غربت گهٽائڻ آهي.

ان حوالي سان پيل ڪالوني، يونين ڪائونسل دولت پور، تعلقي شجاع آباد ۾ منظم ڳوٺاڻي عورتن سان ڳالهه ٻولهه ڪئي ويئي، جنهن ۾ عورتن پنهنجا مسئلا، پروگرام جا اثر ۽ سماجي_معاشي بااختيار بڻجڻ جي سفر ۾ پيش ايندڙ رڪاوٽن تي ڪليل دل سان ڳالهايو.

ميڊيا وفد جو ڳوٺ پيل ڪالوني پهچڻ تي آرتي ۽ تِلڪ جي روايتي طريقي سان پليڪار ڪيو ويو، جيڪو هن علائقي جي گڏيل ثقافتي رنگن جي عڪاسي ڪري ٿو.

چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر سرسو محمد ڏتل ڪلهوڙو وفد کي سرسو وزٽ ڪرڻ تي ڀيلڪار ڪيو ۽ سرسو جي ڪم، طريقڪار، ترقياتي ڪمن، ڪميونٽي تائين پهچ ۽ ضلعي ۾ پي پي آر پي تحت هلندڙ اهم منصوبن جو جائزو پيش ڪيو.

انهن منصوبن ۾ سماجي تنظيم سازي، ڪاروبارن جي ترقي، بغير وياج قرض، ڪميونٽي انويسٽمينٽ فنڊ، فني تربيت ۽ گهٽ لاڳت گهرن جي تعمير شامل آهن، جن جو بنيادي مقصد ڳوٺاڻي ترقي، عورتن کي بااختيار بڻائڻ ۽ غربت گهٽائڻ آهي.

ان موقعي تي ڪميونٽي ادارن جون عورت اڳواڻ ۽ پروگرام مان فائدو وٺندڙ پنهنجي ڪاميابيءَ جون ڪهاڻيون ٻڌايون ۽ ان ترقي ۽ تبديلي جي سفر دوران پيش آيل مسئلا، مشڪلاتون، سرگرميون ۽ انهن جا اهم اثر بيان ڪيا.

لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن (ايل ايس او) يونين ڪائونسل دولت پور جي صدر محترمہ بينظير پنهنجي اداري ايل ايس او جو هڪ تفصيلي تعارف ڪرايو، جنهن ۾ پي پي آر پي تحت هلندڙ مختلف اسڪيمن جا انگ اکر ۽ حقيقتون پيش ڪيائين. هن ڪميونٽي ۾ آيل مثبت تبديلين تي روشني وڌي ۽ پنهنجي مدد پاڻ طور ڪنيل قدمن ۽ ڪوششن کي اجاگر ڪيو.

ان ڪان پوءِ ڪليل بحث جو سلسلو شروع ٿيو، جنهن ۾ ڪميونٽي انويسٽمينٽ فنڊ(CIF) ،بزنس ڊولپمينٽ گروپ (BDG) ،انٽرپرائيز ڊولپمينٽ فنڊ (EDF)، گهٽ لاڳت وارا گهر (LCH) ۽ ووڪيشنل ٽريننگ پروگرام (VTP)جهڙن منصوبن ۽ ان جي نتيجي ۾ ڪميونٽي، گهر ۽ عورتن جي ذاتي زندگي ۾ آيل تبديلي جون ڳالهيون ڪيون. هر شريڪ ٿيندڙ وڏي جذبي سان ٻڌايو تہ ڪيئن هو معاشي ۽ سماجي ڏڪائين مان نڪري بااختيار بڻيون، قرض وٺي ڪامياب ڪاروبار قائم ڪيا، جيڪي روزگار پيدا ڪن ٿا، ۽ جيڪي گهراڻا اڳ ۾ غربت ۽ بيروزگاري سبب مشڪلاتن ۾ هئا، سي هاڻي معاشي طور سگهارا ۽ خودمختيار خاندان بڻجي چڪا آهن.

ان موقعي تي سرسو جي مدد يافتہ ڪاروباري ترقياتي گروپ (بي ڊي جي) ميمبرن، ڪاروبار ڪندڙ، هنرمند عورتن ۽ فني سکيا ورتلن پنهنجا اسٽال لڳايا، جتي هنن پنهنجا ڪاروبار ۽ هنر پيش ڪيا، جيڪي هنن جي روزگار جا اهم ذريعا آهن. ميڊيا نمائندن اسٽالن جو مشاهدو ڪيو. ڪاروباري ماڻهن سان ڳالهه ٻولهه ڪئي. سرسو جي مدد ۽ ان جي زندگين تي اثرن بابت ڄاڻ حاصل ڪئي ۽ هنن جون ڪاميابي واريون ڪهاڻيون رڪارڊ ڪيون تہ جيئن ٻين تائين پهچائي سگهن.





وفد ميمبرن گنگا ٻائي جي تعمير ٿيل گهٽ لاڳت واري گهر جو دورو ڪيو، جيڪا پي پي آر پي جي فائدو وٺندڙ آهي.محترمہ گنگا پنهنجي زندگي بدلائڻ وارو تجربو بيان ڪيو تہ ڪيئن هوءَ بي گهر هئي، کليل آسمان هيٺ رهندي هئي، پر سرسو ۽ سنڌ حڪومت جي مدد سان هاڻي عزت ڀريو ۽ محفوظ رهائش حاصل ڪئي آهي. هن دل جي گهراين سان شڪرگذاري جو اظهار ڪيو تہ انهي ڪم هن جي گهرن وارن جي زندگي ۾ تبديلي آئي.

وفد ميمبرن ڪميونٽي ۾ وڻ پوکيا تہ جيئن "گرين سنڌ مهم" جي ذريعي موسمياتي تبديلي جي خراب اثرن سان وڙهڻ ۾ مدد ملي.

آخر ۾ ميڊيا ٽيم ميرپور خاص شهر ۾اسڪائي گارمينٽ انڊسٽري جو دورو ڪيو ۽ بزنيس ڊولپمينٽ گروپ (بي ڊي جي) ميمبرن سان ملاقات ڪئي. هي گارمينٽ انڊسٽري EDF_PPRP_GoS تحت 30 لک روپين جي



مالي مدد سان شروع ڪئي وئي هئي. بحث دوران EDF ميمبرن گارمينٽ آرڊرز، آمدني ۽ نفعي بابت تفصيل ٻڌائي. جنهن مان معلوم ٿيو تہ هن انڊسٽري ۾ 57 ماڻهو روزگار حاصل ڪري چڪا آهن . وفد ۾ شامل ميمبر تمام گهڻو متاثر ٿيا ۽ وڏي پيماني تي هلندڙ هن ڪاروبار جي ساراهہ ڪئي.

ميڊيا وفد سرسو جي ڳوٺاڻي سطح تي بي انتها محنت ۽ اثرن جي تعريف ڪئي، خاص طور عورتن جي بااختيار بڻجڻ ۽ معاشي خودمختياري ۾ ان جي ڪردار کي ساراهيو. هنن ڪاروباري ماڻهن جون غير معمولي ڪاميابي واريون ڪهاڻيون تسليم ڪيون ۽ واعدو ڪيو تہ هو اهڙن اثرائتي منصوبن کي جاري رکڻ ۽ وڌائڻ لاءِ وڌيڪ فنڊنگ جي حمايت ڪندا. هنن قومي سطح تي وڌيڪ وسيلن ۽ حمايت حاصل ڪرڻ لاءِ سرسو جي غربت گهٽائڻ ۽ ڪميونٽيز کي بااختيار بڻائڻ واري ڪوشش کي اجاگر ڪرڻ جو عهد ڪيو.

### وفد جا ميمبر

1_ ڊاڪٽر سورٺ سنڌو ، سماجي اڳواڻ / سوشل ميڊيا انفلوئنسر

2_ ڊاڪٽر ورشا ڪنول ، سنڌ حڪومت WMO

3_ سسئي راڄپر ، ايل يو ايم ايڇ ايس، ڄامشورو

4_ طاهر وزير ، ٽائم نيوز ايڇ ڊي

5_ غزالہ ابڙو ، آواز ٽي وي

6_ امر گرڙو ، انڊيپينڊينٽ اُردو

7_ ارم بانو ، آواز ٽي وي ڪراچي

8_ شازيہ حسن، ڊيلي ڊان

9_ سعديہ عبيد ، روزاني جنگ

10_ شهر بانو ، دي نيوز

11_ مجاهد شاهہ ، چائنا نيوز

12_ روبينہ ياسمين ، رپورٽر ڊجيٽل ميڊيا

13_ شمس ڪيريو ،دنيا نيوز

14_ غزالہ WMHS

15_ فهيم صديقي ، ڊيلي ڊان






عورتن جي عالمي ڏهاڙي 8 مارچ، 2025ع تي، مشهور سنڌي ٽي وي چينل آواز نيوز طرفان سرسو جي جوڙيل ڪميونٽي ادارن جي ڳوٺاڻي عورت اڳواڻن سان خاص ٽاڪ شو ڪيو ويو.

جنهن ۾ سنڌ جي سخت غربت ۽ قبيلائي قدامت پرستي جي شڪار ضلعن ۾ سرسو جي جوڙيل 4 ڪميونٽي ادارن جي عورت اڳواڻن جهڙوڪ: مهناز مهر (شڪارپور)، رخسانه سرڪي (جيڪب آباد)، ارباب خاتون (قمبر شهدادڪوٽ) ۽ نور بانو ملاح (خيرپور) پئنل طور شريڪ ٿيون ۽ پنهنجيون ڪاميابيون ۽ پيش ايندڙ روڪاوٽون بيان ڪيون.

سي اِي او سرسو محمد ڏتل ڪلهوڙو به ٽاڪ شو ۾ شامل ٿيو ۽عورتن جي ڪردار، سرسو جي عورتن جي قيادت واري سماجي متحرڪ سازي، غربت گهٽائڻ ۽ ڪميونٽي ترقي جي طريقيڪار ۽ منصوبن بابت ٻڌايو.

هي ڳالهه ٻولهه مشهور ٽي وي ميزبان ۽ ميڊيا ماهر محسن ٻبر طرفان سرسو ڪامپليڪس سکر ۾ ڪيو ويو ۽ شريڪ عورتن اڳواڻن جون سرگرميون فيلڊ ۾ رڪارڊ ڪيون ويون ته جيئن سندس گهريلو زندگي ۽ ڪم کي بهتر طور پيش ڪري سگهجي.

هي ڳالهه ٻولهه 8 مارچ 2025 تي آواز نيوز چينل تي دي ايج وٿ محسن ٻبر شو ۾ رات 10 وڳي خاص شو طور ٽيلي ڪاسٽ ڪيو ويو. ان لاءِ سرسو آواز ٽي وي انتظاميه ۽ ميزبان محسن ٻبر جو شڪريو ادا ڪري ٿي ته جن سرسوڪي عورتن جي عالمي ڏينهن جهڙي اهم ڏينهن تي بااختيار ڳوٺاڻي عورتن جون ڪهاڻيون رول ماڊل طور پيش ڪرڻ جو اعزاز ڏنو.

# ضلعي سطح تي ورڪشاپن ذريعي شڪارپور، ميرپورخاص ۽ عمر ڪوٽ ۾ 61 صحافين جي ترقياتي صحافت جي موضوع تي تربيت

سرسو ڪامپليڪس سکر / 19 فيبروري2025

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) طرفان سکر ۾ سرسوڪامپليڪس ۾ شڪارپور ضلعي جي صحافين لاءِ ڊجيٽل دور ۾ ترقياتي صحافت (ڊولپمينٽ جرنلزم) تي هڪ ڏينهن جو تربيتي ورڪشاپ منعقد ڪيو ويو. ورڪشاپ ۾ شڪارپور، خانپور، ڳڙهي ياسين ۽ لکي تعلقن مان مختلف پرنٽ، اليڪٽرانڪ ۽ ڊجيٽل ميڊيا جا 21 صحافي شريڪ ٿيا. سي اي او سرسو محمد ڏتل ڪلهوڙو صحافين جو گرم جوشي سان استقبال ڪيو ۽ سرسو جي ڪم، ميڊيا جي ترقياتي شعبي ۾ ڪردار ۽ غريب ۽ ڪمزور طبقن جي زندگين ۾ تبديلي آڻيندڙ منصوبن جي اثرن کي اجاگر ڪرڻ جي اهميت تي روشني وجهي. هن ٻڌايو ته سرسو ترقياتي ڀائيوارن سان گڏجي، خاص طور سنڌ حڪومت سان، عورتن جي اڳواڻيءَ واري سماجي متحرڪ ۽ تنظيم سازي ذريعي جامع پروگرام هلائي رهي آهي

رورل سپورٽ پروگرامز(RSPs) ، سرسو ۽ سماجي متحرڪ سازي جي فلسفي ۽ طريقيڪار، ڳوٺاڻي ڪميونٽين کي بااختيار بڻائڻ ۽ غربت گهٽائڻ، ۽ ڊجيٽل دور ۾ ڊولپمينٽ جرنلزم جي طريقن ۽ اهميت تي تفصيلي ويهڪون ڪيون ويو.

هي سيشن مشهور ڊجيٽل ميڊيا ٽرينر قاضي آصف ۽ مئنيجر سرسو ايڇ آر ڊي زبير سومرو ورتا. ان سان گڏ ضلعي مئنيجر شڪارپور محمد پنجل سهتو ضلعي ۾ هلندڙ سرسو جي منصوبن، خاص طور SPHF، NPGP ، بغير وياج قرض پروگرام، فيميلي پلاننگ ۽ ڪميونٽي ڪلسٽر اسڪولن بابت بريفنگ ڏني .

ضلعي شڪارپور جي مختلف يونين ڪائونسلن ۾ سرسو جي جوڙيل ڪميونٽي ادارن جون 20 عورت اڳواڻ خاص طور ورڪشاپ ۾ شريڪ ٿيون ته جيئن پنهنجا تجربا ۽ ڪاميابيءَ واريون ڪهاڻيون ميڊيا کي ٻڌايون . ورڪشاپ ۾ موجود سيئي ميڊيا نمائندن ڪميونٽي عورتن سان ويهاريو ويو ته جيئن ڊولپمينٽ جرنلزم جي حيثيت ۾ هنن جون ڪهاڻيون ٻڌي ۽ رپورٽ ڪري سگهن . آخر ۾ سي اي اوسرسو سيني شرڪت ڪندڙن کي تربيتي سرٽيفڪيٽ ۽ سرسو جون شيلڊز ورهايون .

شرڪت ڪندڙن پنهنجي سکيا، ترقي جي تصور ۽ اهميت،سرسو جي ڪمن ۽ شڪارپور ضلعي جي سخت ڳوٺاڻي علائقن ۾ عورتن جي ڪاميابين بابت خيالن جو اظهار ڪيو. هنن سرسو جو شڪريو ادا ڪيو ته ميڊيا جي نمائندن لاءِ هڪ اثرائتو موقعو فراهم ڪيو .





میرپور خاص ۽ عمر کوٽ / مئي 22 ۽ 23، 2025

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) پاران ضلعي سطح تي صحافين جي ترقياتي صحافت ڊيجيٽل ميڊيا جي دور جي حوالي سان شروع ڪيل تربيتي پروگرام جي سلسلي ۾ ٽيون ۽ چوٿون ورڪشاپ ميرپورخاص ۽ عمر ڪوٽ ۾ مئي 22 ۽ 23، 2025ع تي منعقد ڪياويا. ٻنهي ورڪشاپن ۾ پوري ضلعي کان پرنٽ، اليڪٽرانڪ ۽ ڊيجيٽل ميڊيا سان واسطو رکندڙ 40 صحافين شرڪت ڪئي.

تربيت جو مقصد ترقياتي صحافت ۽ جديد ڊيجيٽل ميڊيا جي دور ۾ ان جي اهميت تي صحافين جي سمجهه ۽ مهارت ۾ اضافو آڻڻ آهي. ورڪشاپ ۾ خاص طور مقامي ترقياتي مسئلن ۽ ان تي ٿيندڙ ڪم کي سمجهڻ ۽ تعميري رپورٽنگ جي معيار ۽ جديد سوشل ۽ ڊيجيٽل جي پليٽ فارمن لاءِ ڀرپور مهارتن تي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي. ورڪشاپ جي پهرين پاڃي ۾ ترقياتي ميڊيا ۽ جديد ميڊيا جي گهرجن کي سمجهايو ويو. جڏهن ته ٻي پاڃي ۾ ڪميونٽي ادارن جي عورت اڳواڻن ۽ ان جي مختلف پروگرامن مان فائدو حاصل ڪندڙن سان ملاقات ڪرائي وئي. جنهن ۾ انهن پنهنجي ذاتي، گهريلو ۽ ڪميونٽي سطح تي آيل تبديلي جون ڪامياب ڪهاڻيون (Success Stories) ٻڌايون. شريڪ صحافين انهن جا انٽرويو ڪيا ۽ عملي سکيا جي ذريعي ترقياتي صحافت جي معيارن تي پرکيو.

سينئر صحافي ۽ تربيت ڪار قاضي آصف ۽ ڊيجيٽل ميڊيا ٽرينر نورين شمس مکيه سهولتڪار هئا. جڏهن ته شاهد حسين خاصخيلي (ميرپورخاص) ۽ اي بي آريسر (عمر ڪوٽ) ۾ ساٿي سهولتڪار طور خدمتون سرانجام ڏنيون. ورڪشاپ ۾ سرسو جي ڊسٽرڪٽ مئنيجر سيد شهنشاهه (ميرپورخاص) ۽ امتياز احمد ڪوسو (عمرڪوٽ) شرڪتڪارن کي ڀليڪار ڪيو، سرسو ۽ ضلعي ۾ هلندڙ منصوبن جو تعارف ڪرايو. آخر ۾ شرڪت ڪارن ۾ سرٽيفيڪٽ پڻ ورهايا ويا.






کراچي/ مئي 26، 2025

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) پاران ڪراچي ۾ تازو ميرپور خاص ۽ ٺٽو ضلعن ۾ منعقد ڪيل صحافين جي تعارفي وزٽن ۾ شامل صحافين سان شام ملهائي وئي. جنهن ۾ سرسو جو چيف ايگزيڪٽو آفيسر محترم محمد ڏتل ڪلهوڙو پڻ شريڪ ٿيو.صحافين سان غير رسمي ڳالهه ٻولهه ۾ سي اِي او شريڪ صحافين جو سرسو جو فيلڊ وزٽ ڪرڻ، منصوبن جو مشاهدو ڪرڻ ۽ ڪميونٽين سان ملڻ تي سندن ٿورو مڃيو.
ان موقعي تي وزٽ ۾ شامل هيٺين محترم صحافين کي سرسو جي اعزازي مڃتا شيلڊ پڻ ڏنيون ويون.



1. امر گورڙو
2. اڪرم خان
3. اختيار ڪوکر
4. ليلا نثار
5. ارم عزيز
6. يوسف ڪنڀر
7. اسرارشيخ
8. ماريا اسماعيل
9. ساديه عبيد خان
10. مريد چانڊيو
11. ڊاڪٽر شهنيلا زرداري
12. عامر لطيف
13. مانيا شڪيل
14. قاضي آصف

# صحافين جي وفد سرسو پاران هلندڙ عورتن جي اڳواڻي هيٺ ترقياتي ماڊل جو مشاهدو ڪيو



1، 2 ۽ 3 آگسٽ 2025ع | لاڙڪاڻو، خيرپور ميرس ۽ سکر

ڪراچي ، جي نامور صحافين تي مشتمل 13رڪني وفد، جيڪو اليڪٽرانڪ، پرنٽ ۽ ڊجيٽل ميڊيا جي نمائندگي ڪري رهيو هو، سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) جو ٽن ڏينهن وارو مطالعاتي ۽ سکيا وارو دورو ڪيو. هي دورو 1، 2 ۽ 3 آگسٽ 2025ع دوران لاڙڪاڻو، خيرپور ميرس ۽ سکر ضلعن ۾ ڪيو ويو.

هن دوري جو مقصد سنڌ حڪومت جي فنڊ ڪيل عوام جي غربت گهٽائڻ جو پروگرام پي پي آر پي تحت عورتن جي اڳواڻي ۾ هلندڙ ڪميونٽي ادارن، ترقياتي ڪمن ۽ پائيدار روزگار جي قدمن جي ذريعي تبديلي آڻيندڙ اثرن جو مشاهدو ڪرڻ ۽ ان کي دستاويزي صورت ۾ آڻڻ هو. سرسو جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر محمد ڏتل ڪلهوڙو پڻ دوري دوران وفد سان گڏ رهيو ۽ وزٽ ۾ سهولتڪاري فراهم ڪئي.

## ٽن ڏينهن واري ميڊيا دوري جون سرگرميون

دوري دوران صحافين ڪميونٽي ڳالهه ٻولهه ۾ شرڪت ڪئي، عورت اڳواڻن، هنرمند ۽ ڪاروبار ڪندڙ سان سڌي ريت ملاقاتون ڪيون، ترقياتي منصوبن جو جائزو ورتو، متاثر ڪندڙ ڪهاڻين، دستڪاري ۽ ڪاروباري سرگرمين جو مشاهدو ڪيو. ان سان گڏ وفد تاريخي ۽ سياحتي ماڳن جو به دورو پڻ ڪيو.

سرسو ڪامپليڪس ۽ سرتيون سنگ دستڪاري مرڪز جو مشاهدو ڪيو ۽ صوفي موسيقي مان پڻ لطف اندوز ٿيو. صحافين سرسو، پي پي آر پي ۽ سنڌ حڪومت جي ٻين قدمن بابت ڄاڻ حاصل ڪئي، جيڪي ڳوٺاڻين عورتن جي بااختياري، غربت جي خاتمي ۽ ڪميونٽي ترقي لاءِ ڪم ڪري رهيا آهن.

## لاڙڪاڻو ۽ خيرپور ميرس ۾ عورتن سان ڳالهه ٻولهه

دوري جي پهرين ۽ ٻي ڏينهن، وفد لاڙڪاڻو ۽ خيرپور ميرس ضلعن ۾ عورت اڳواڻن ۽ پروگرام مان فائدو وٺندڙن سان ڪميونٽي ڊائيلاگ ۾ شرڪت ڪئي ۽ انهن جي ڪمن جو مشاهدو ڪيو. لاڙڪاڻو ۾ ڳوٺ ٻيلهڙ جي، تعلقو ڏوڪري ۾ ايل ايس او موهن جو دڙو جي عورتن سان ڳالهه ٻولهه ڪئي. جڏهن ته خيرپور ميرس ۾ نارو ڍورو، تعلقو ڪوٽڏيجي ۾ لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن (ايل ايس او)يو سي عطا محمد حامي سان ڊائيلاگ منعقد ٿيا. ٻنهي هنڌن تي 400کان وڌيڪ منظم عورتن، ڳوٺاڻين تنظيمن، فائدو وٺندڙن، ڪاروباري عورتن ۽ مقامي ماڻهن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي 30 عورتن پنهنجي ڪاميابيءَ جون ڪهاڻيون ٻڌايون ته ڪيئن سنڌ حڪومت ۽ سرسو جي سهڪار سندن زندگين ۽ روزگار ۾ بهتري آندي.







ايل ايس او موهن جو دڙو جون اڳواڻ بينظير ۽ نسرين ۽ ايل ايس او عطا محمد حامي جون صدر پَروين ۽ سلمىٰ ملڪ پنهنجن يوسي ۽ ايل ايس او جا خاڪا، سرگرمين جا انگ اکر ۽ ڪاميابين بابت بريفنگ ڏني. انهن فني تربيت، ڪميونٽي تعميراتي ڍانچي، ڪميونٽي انويسٽمينٽ فنڊ(CIF) ، انٽرپرائز ۽ دستڪاري ترقي، مائڪرو هيلٿ انشورنس سميت مختلف شعبن ۾ ڪيل ڪمن تي روشني وڌي.

عورت اڳواڻن ڇوڪرين جي تعليم، CNIC ۽ ب فارم رجسٽريشن، صحت ۽ صفائي آگاهي، ٻارن جي شادين ۽ عورتن تي تشدد خلاف مهمن بابت پڻ ٻڌايو. ان سان گڏ وڻڪاري مهم ۽ ڪچن گارڊنز قائم ڪرڻ بابت بہ ڄاڻ ڏني وئي. ساڳي وقت يوسي ۾ سرسو پاران لاڳو ڪيل سنڌ پيپلز هائوسنگ فار فلڊ افيڪٽيز ۽ سنڌ سولر انرجي پروجيڪٽ بابت پڻ آگاهي ڏني وئي.

ڪميونٽي ڳالهہ ٻولهہ دوران پي پي آر پي تحت سهائتا حاصل ڪندڙ ڳوٺاڻيون عورت دستڪار ۽ ڪاروباري عورتون پنهنجي شين جا اسٽال لڳايا، وفد جي صحافين ملاقاتون ڪيون، وڊيوز ۽ تصويرون ناهيون ۽ انٽرويوز ذريعي سنڌن جدوجهد ۽ ڪاميابين کي اجاگر ڪيو

3 آگسٽ 2025 ع تي دوري جي آخري ڏينهن، صحافين جو وفد سرسو ڪامپليڪس، سکر ۾ 8 ضلعن شڪارپور، جيڪب آباد، ڪشمور، لاڙڪاڻو، قمبر_شهدادڪوٽ، خيرپور ميرس، سکر ۽ گهوٽڪي مان آيل 100کان وڌيڪ عورت اڳواڻن سان شرڪتي ترقياتي مڪالمو ۾ شريڪ ٿيو.

عورت اڳواڻن غربت مان نڪرڻ، روزگار شروع ڪرڻ ۽ گهريلو توڙي سماجي فيصلا سازيءَ ۾ پنهنجو ڪردار وڌائڻ بابت پنهنجون ڪهاڻيون ٻڌايون. صحافين سوال جواب ذريعي سندن مسئلا، پيش آيل رڪاوٽن ۽ سماج تي پوندڙ اثرن جو جائزو ورتو.

ڪراچي مان آيل صحافين عورتن جي همت، قيادت ۽ جدوجهد جي دل کولي تعريف ڪئي. وفد جي اڳواڻ ۽ سينيئر صحافي شبينا فراز چيو تہ” اهي عورتون صرف پنهنجون زندگيون ناهن بدلائي رهيون، پر پوريون برادرين نئين سر تشڪيل ڏئي رهيون آهن. اسان لاءِ سندن آواز ٻڌڻ اعزاز جي ڳالهہ آهي، هي تجربو انتهائي متاثر ڪندڙ ۽ سکيا ڏيندڙ رهيو.“

عورت اڳواڻن سان ڪيل ترقيارتي مڪالمي ۾، اٺن ضلعن مان آيل ڪيترين ئي نمايان عورت اڳواڻن ۽ ڪاروباري عورتن ، جن ۾ مهناز مهر، نسرين ڪوسو، رخسانہ سرڪي، نائلا ابڙو، حفيظ مهر، خالده بانو، جميلہ ناريجو، بيگم پروين، فردوس شاري، ثمينہ لغاري، افشان سومرو، مهناز پٽي، مائي ڪونج، گل ناز بيگم، عاليہ ۽ ٻيون شامل هيون، پنهنجون ڪاميابيون ۽ ڪميونٽي ادارن جا اثر بيان ڪيا.





## تاريخي ۽ سياحتي ماڳن جو دورو

ٽي ڏينهن واري دوري دوران صحافين موهن جو دڙو، مهراڻو، فيض محل، سکر بئراج ۽ سنڌو دريا سميت تاريخي ۽ سياحتي ماڳن جو دورو ڪيو. دوري جي آخري مرحلي ۾ وفد سرسوڪامپليڪس ۾ سرتيون سنگ هنري مرڪز جو پڻ مشاهدو ڪيو، جتي ڳوٺاڻين عورتن جي هٿ سان تيار ڪيل دستڪاري شيون ڏسي، انهن جي مهارتن، جدت ۽ مارڪيٽنگ ۾ سرسو جي ڪردار کي ساراهيو. وفد سرسو آفيس ۾ منعقد ڪيل صوفي راڳ جي شام ۾ به شريڪ ٿيو.








ڪراچي ، سنڌ سان واسطو رکندڙ 13 صحافين جي وفد جي سرسو جي عورت ڪارڪنن سان ڪيل ڳالهه ٻولهه جي پڄاڻي تي وفد ۾ شامل صحافين کي سرسو جي مڃتا شيلڊون ڏنيون ويون. اهي شيلڊون سرسو جي سي اِي او محترم محمد ڏتل ڪلهوڙو ڏنيون ۽ سرسو کي وزٽ ڪرڻ تي سنڌن ٿورا مڃيا.

1. شبينه فراز (ماحولياتي صحافي، بي بي سي اردو، ايڪسپريس ٽريبيون وغيره لاءِ لکندڙ)
2. شازيه حسن (رپورٽر ڊان)
3. شمائلا خان (چيف رپورٽر نڪتا پاڪستان)
4. شازيه ارشد (رپورٽر آج نيوز)
5. توبان ظفر ( ايگزيڪيٽو پروڊيوسر آي آر وائي)
6. وليد احمد (رپورٽر جيو نيوز)
7. سعديه عبيد خان (ڊيجيٽل صحافي)
8. فوزيه جميل (فريلانسر ۽ پروگرام ڪوآرڊينيٽر گرين ميڊيا انيشيٽو)
9. لبنا جيرار نقوي (آءِ ايف جي پاڪستان ڪوآرڊينيٽر ۽ ٽرينر)
10. ماريه اسماعيل ( رپورٽر عوامي آواز)
11. نورين شمس (ملٽي ميڊيا صحافي ۽ ٽرينر)
12. ثوميه خورشيد (ماحولياتي صحافي)
13. قاضي آصف ( سينئر صحافي ۽ ٽرينر)



سرسو جي پُهچ

# سرسو جون ڪاميابيون
# انگن اکرن جي روشنيءَ ۾ ڊسمبر 2025ع

سهيڙيندڙ: امتياز علي شيخ
سينئر پروگرام آفيسرايم اِي آر يونٽ، هيڊ آفيس سکر

### سرسو جي پُهچ (SRSO-Outreach)

| عنوان | ڊسمبر 2025ع |
|---|---|
| ضلعن جو تعداد | 15 |
| تعلقن جو تعداد | 86 |
| يونين ڪائونسلن جو تعداد | 722 |
| ڳوٺن جو تعداد | 29،899 |
| مُنظم ڪيل گهراڻن جو تعداد | 1,438,111 |

### سماجي تحرڪ (Social Mobilization)

| عنوان | ڊسمبر 2025ع |
|---|---|
| ڪميونٽي آرگنائيزيشنس (سي اوز) | 79,886 |
| وليج آرگنائيزيشنس (وي اوز) | 14,009 |
| لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشنس (ايل ايس اوز) | 663 |

### سرسو- مائڪرو فنانس (SRSO-Micro Finance-MF)

| عنوان | ڊسمبر 2025ع |
|---|---|
| مائڪرو فنانس (MF) پروگرام جي ورهايل رقم (ملين ۾) | 34,863 |
| مائڪروفنانس (MF) پروگرام مان فائدو حاصل ڪندڙ | 1,150,138 |
| زراعت جي شُعبي ۾ ورهايل رقم (ملين ۾) | 8,298 |
| چوپايي مال جي شُعبي ۾ ورهايل رقم (ملين ۾) | 12,844 |
| ڪاروبار جي شُعبي ۾ ورهايل رقم (ملين ۾) | 13,722 |

### مائڪرو هيلٿ انشورنس (Micro Health Insurance –MHI)

| عنوان | ڊسمبر 2025ع |
|---|---|
| مائڪرو هيلٿ انشورنس هيٺ بيمو ٿيل ڪميونٽي ميمبرن جو تعداد | 1,163,300 |
| ڪميونٽي طرفان دعوائن جي مد ۾ حاصل ڪيل رقم (ملين ۾) | 307 |
| ايم ايچ آءِ جي ذريعي فائدو حاصل ڪندڙ ڪميونٽي ميمبر | 19,851 |

### بغير وياج مالياتي خدمتون/ گرانٽس (Interest Free Financial Services)

| عنوان | ڊسمبر 2025ع |
|---|---|
| انڪم جنريٽنگ گرانٽ (IGG) جي ورهايل رقم (ملين ۾) | 947.35 |
| انڪم جنريٽنگ گرانٽ (IGG) مان فائدو حاصل ڪندڙ | 67,188 |
| ڪميونٽي انويسٽمينٽ فنڊ (CIF) جي ورهايل رقم(ملين ۾) | 5,845.69 |
| ڪميونٽي انويسٽمينٽ فنڊ (CIF) فائدو حاصل ڪندڙ | 319,019 |
| ان ڪنڊيشنل ڪيش گرانٽس جي ورهايل رقم (ملين ۾) | 71 |
| ان ڪنڊيشنل ڪيش گرانٽس مان فائدو حاصل ڪندڙ | 2،037 |

### انساني وسيلن جي ترقي(Human Resource Development-HRD)

| عنوان | ڊسمبر 2025ع |
|---|---|
| ڪميونٽي ادارن جي ڪميونٽي مئنيجمينٽ اسڪل ٽريننگ مان فائدو حاصل ڪندڙ | 413,315 |
| سرسو اسٽاف جي مختلف موضوعن تي ڪرايل تربيتن مان فائدو حاصل ڪندڙ | 7,527 |
| ڪميونٽي کي ڪرايل هنري مهارتن جي تربيتن مان فائدو حاصل ڪندڙ | 115,463 |

### تعميراتي ڍانچي ۽ ٽيڪنالاجي جي ترقي
(Physical Infrastructure & Technology Development (PITD)

| عنوان | ڊسمبر 2025ع |
|---|---|
| ڪميونٽي تعميراتي ڍانچي جي اسڪيمن (CPIs) جو تعداد | 28,882 |
| ڪميونٽي تعميراتي ڍانچي جي اسڪيمن مان فائدو حاصل ڪندڙ گهراڻا | 445,518 |
| مڪمل ڪيل (CPIs) اسڪيمن جي ڪل بجٽ (ملين ۾) | 3,367 |
| گهٽ لاڳت گهرن جي تعمير (2007 کان 2017) | 17،928 |
| گهٽ لاڳت گهر(بينظير هائوسنگ سيل- سنڌ حڪومت) | 490 |
| گهٽ لاڳت گهرن جي تعمير (PPRP-GoS I & II) | 16,041 |
| سانا ۽ اينگرو فائونڊيشن جا تعمير ٿيل محفوظ گهر | 198 |
| محفوظ گهرن جي تعمير (SPHF-GoS) | 220,412 |
| پيئڻ جي صاف پاڻي جون اسڪيمون | 9,541 |
| ڪميونيڪيشن جون اسڪيمون | 1,018 |
| سينيٽيشن جون اسڪيمون | 15,958 |

## سرسو تعليمي پروگرام(SRSO-Education Programme)

| عنوان | ڊسمبر 2025ع |
|---|---|
| اِي ايم او اسڪول (اِي سي اِي ڪان 10 مئٽرڪ) | 08 |
| اِي ايم او اسڪولن ۾ داخل ٻارن جو تعداد | 5،639 (ڇوڪريون21،811 ۽ ڇوڪرا 3،828) |
| ڪميونٽي ڪلسٽر اسڪول (اِي سي اِي ڪان مئٽرڪ) | 19 |
| ڪميونٽي ڪلسٽر اسڪولن ۾ داخل ٻارن جو تعداد | 6,952(ڇوڪريون1،964 ۽ ڇوڪرا 4,988) |
| ڪميونٽي مئنيجڊ اسڪولن (اِي سي اِي ڪان پنجون ڪلاس) جو تعداد | 13 |
| ڪميونٽي مئنيجڊ اسڪولن ۾ داخل ٻار | 1,572 (ڇوڪريون 868 ۽ ڇوڪرا 704) |
| ڪل سرسو تعليمي ادارا | 40 |
| سرسو تعليمي ادارن ۾ داخل ٻارن جو تعداد | 14,163(ڇوڪريون 4,643 ۽ ڇوڪرا 9,520) |


## ڪرافٽس انٽرپرائيز ڊولپمينٽ (Crafts Enterprise Development-CED)

| عنوان | ڊسمبر 2025ع |
|---|---|
| ڪُل ڪم وارن ضلعن جو تعداد | 21 |
| هُنرمند عورتن جا جوڙيل بزنس ڊولپمينٽ گروپس (BDGs) | 321 |
| بزنس ڊولپمينٽ گروپس ۾هنر مند عورت ميمبرن جو تعداد | 6,509 |
| تربيت حاصل ڪندڙ هنرمند عورتون | 3,798 |
| نيون هنري ڊيزائنون | 1,110 |
| فنڪشنل لٽريسي پاس ٿيل هنرمند عورتون | 516 |
| سرتيون سنگ ميگا نمائشيون | 17 |
| هنري نمائشون ۾ شرڪت | 196 |

## قدرتي وسيلن جي انتظامڪاري (Natural Resource Management-NRM)

| عنوان | ڊسمبر 2025ع |
|---|---|
| پولٽري سيٽس جي ورهاست | 25,500 |
| لڳايل وڻن جو تعداد | 1,015,907 |
| قائم ڪيل ڪچن گارڊننگ | 113,444 |
| ڪچن گارڊننگ ڪٽس جي ورهاست | 4،880 |
| زراعت ۽ چوپايي مال تي تربيت حاصل ڪندڙ | 25,975 |

# SINDH RURAL SUPPORT ORGANIZATION (SRSO) OPERATIONAL AREAS




**ON GOING PROJECTS**

**PPRP (Phase I – II & III)**
Peoples' Poverty Reduction Programme
Funded by: GoS

**Cluster Schools**
Funded by: SEF-GoS

**USAID-Hub School (EMO-Schools)**
Funded by: USAID-GoS

**SFEHRP**
Sindh Flood Emergency Housing Reconstruction Project
Funded by: World Bank -Govt. of Sindh

**ECDSLP**
Empowering Local Stakeholders and Communities for Diversified and Sustainable Livelihoods, and protection against Climate Risks for Vulnerable Communities. 2680
Funded by: MI

**SRSO-Micro Finance**
Funded by: SRSO

**Interest Free Loan - IFL-II**
Under EHSAAS Programme
Funded by: PPAF

**SSR-LRP**
Sindh Social Registry, Livelihood and Resilience Programme (SSR-LRP)
Funded by: EU-BMZ

**RLPCVC**
Restoring Livelihoods and Protection against climate risks for vulnerable communities
Funded by: Ministry of cooperation & Redevelopment, Germany 2645

**GFATM-NRSP MCP**
Consolidating Malaria Control Interventions to Reduce Incidence in High Endemic Districts of Pakistan (NFR-III)
Funded by: GFATM & NRSP

**PAIDAR**
Poverty Elevation and inclusive development across rural Sindh
Funded by: UNIDO

**HAC**
Humanitarian Aid delivery & consequences
Funded by: PPAF

**Equine Welfare Project**
Funded by: Brooke Pakistan

**IHSS-SD**
Integrated Health Systems Strengthening and Service Delivery Activity.
Funded by: JSI-RSPN

## VISION

To perceive Socially and Economically empowered Communities especially the marginalized ones and helping create a proactive Community Organizations by attitudinal change by setting free people's Potentials and willingness to alleviate poverty.

## MISSION

To meet the challenge of battering poverty and help the poor to get above the poverty line and have a standard life. To help marginalized rural people harness their potential to bring about change in their quality of life on a self help basis.

## OBJECTIVES

- To unleash people's potential and willingness to alleviate poverty in Sindh
- To reinforce and compliment Government of Pakistan's policy of Poverty Alleviation
- To support and strengthen Government of Sindh's efforts to translate Poverty reduction strategies into actions

# سنڈ رورل سپورٹ آرگنائیزیشن

سرسو کامپلیکس مین شکارپور روڈ سکر، سنڈ (پاکستان)
071-56271820
071-5627182-111
www.srso.org.pk
info@srso.org.pk

